SINDHU 2023



Jhulelal Beda Par

# سنڌو

سنڌو يوٿ سرڪل - اُلهاسنگر - ٣ رجسترڊ پبلڪ ٽرسٽ - Regd. No. F-155

ए मेरे वतन के लोगों जरा याद करो कुर्बानी
जो शहीद हुए हैं उनकी जरा याद करो कुर्बानी




## अमर शहीद हेमूँ कालाणी

जन्म शताब्दी वर्ष

زندهہ سا قوم رهندي
جنھنجي زبان زندهہ


*With Best Wishes for Cheti Chand from:*
**NIHCHAL ISRANI FOUNDATION**
MUMBAI.


اسانجي
سنڌو

## Celebration of Diamond Jubilee with Annual Charity Show on Cheti Chand, 3rd April 2022. Bahrana Puja by our Trustees & Guests



*With Best Wishes for Cheti Chand*

**MOTI (MIKE) & BEENA RAMCHANDANI**

GEORGIA, USA.

## Celebration of Diamond Jubilee with Cultural Programme & Release of 'SINDHU' Magazine 2022 by our Trustees & Guests




*Space Donated by:*

**PARMESHWARIBAI UDHAVDAS TALREJA CHARITABLE TRUST, MUMBAI.**

# سنڌو-2023

(1983 کان لڳاتار شايع ٿيندڙ ساليانو ادبي رسالو)


سمپادڪ :

## نند ڇڳاڻي


سال : 2023


## سنڌو يوٿ سرڪل

(رجسٽرڊ پبلڪ ٽرسٽ)

سيڪشن-22، اُلهاسنگر-3.

PIN : 421 00 2

Tel. + 91 - 251 - 2734916

هيءَ مخزن سندر ڏنگواڻي - جنرل سيڪريٽري سنڌو يوٿ سرڪل
سيڪشن-۲۲، سنڌونگر-۳، ۴۲۱ ۰۰۲، پاران شڏا آفسيٽ پرنٽرس، پرنس مارڪيٽ،
سنڌونگر-۳، ۴۲۱ ۰۰۳، وٽان ڇپائي پڌري ڪئي.

---

**اِظهار جي آزادي برقرار رکي ويئي آهي**

اُن مان اِئين نہ سمجھڻ کپي تہ سمپادڪ، ڇپائيندڙ ۽ ڇپيندڙ، ڇپيل مواد ۾
هڪ پئي سان سهمت آهن. اِئين سمجھڻ غلط ٿي ٿيندو.

# اَرپڻ پتر

## سنڌو-2023

جو هيءُ انڪ
يادگار طور ارپيون ٿا
**ساهتيہ جي شهنشاهي ساهتيڪارن**
**پرسرام ضيا، موهن ڪلپنا، ايم. ڪمل**
۽
**بزرگ برک تعليمدانن**
**سيٺ پرسرام پارومل**
**راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي، سنتسنگهہ اوچاڻي،**
**سيتلداس هرچنداڻي، ڀائو پرسرام مولچنداڻي،**
**سوامي شانتي پرڪاش،**
**پرنسيپال ڪندناڻي، بئريسٽر هوتچند آڏواڻي**
وارن کي
جن اُلهاسنگر (سنڌونگر) ۾
تعليم جو پايو وڌو.

# فهرست


| | وشيه | رچناڪار | صفحو |
|---|---|---|---|
| 1 | سمپادڪيه | نند ڇڳاڻي | 1 |
| 2 | هيمون ڪالاڻي | چينو لالواڻي | 3 |
| 3 | شري ڀڳوت گيتا | ديارام گدومل | 10 |
| 4 | سويو گيانچنداڻي | سنڌيڪار : پارس نواز | 13 |
| 5 | جي.ايم. سيد | مولانا غلام محمد | 14 |
| 6 | ليکو تلسياڻي | لکمي ڪلاڻي | 16 |
| 7 | ليکراج عزيز | صاحب بجاڻي | 18 |
| 8 | ڪنهن ڪنهن ماڻهو | گوردن شرما گهايل | 20 |
| 9 | منهنجو دوست | ڀولڻ راهي | 26 |
| 10 | لکمي ڪلاڻيءَ جا ناٽڪ | پريم پرڪاش | 28 |
| 11 | ڪي نوٽ- مرڪزي ساهتيه | ڪشور لعلواڻي | 31 |
| 12 | جيون سرور | طارق قريشي | 35 |
| 13 | ورهاڱي جا وڍ | ڪويتا پنجابي | 44 |
| 14 | عظيم ڪردار :ڊاڪٽر گربخشاڻي | مدد علي سنڌي | 50 |
| 15 | تندرستيءَ جو خزانو | چونڊ: حنيف عبدالله | 53 |
| 16 | راءِ بهادر اُڌوداس تاراچند | انور فگار هڪڙو | 70 |
| 17 | مادري ٻوليءَ جي اهميت | واٽس اَپ تان | 71 |
| 18 | سامي سندا سروپ | ڊاڪٽر سحر امداد حسيني | 72 |
| 19 | جيئڻ ڪاڻ،وڏا وس ڪيام | ڊاڪٽر سحر امداد حسيني | 76 |
| 20 | غلام رباني آگرو | واٽس اَپ تان | 80 |
| 21 | جيوتي ٻائي | واٽس اَپ تان | 81 |
| 22 | ننڍي آکاڻي: ميلاپ | سنڌيڪار : شوبنا هرڳناڻي | 82 |
| 23 | (۱) چارلي چئپلن | موبائيل جي مهرباني سان | 83 |
| | (۲) ڪانگ واحد پکي | مير الطاف حسين ٽالپر | 83 |
| 24 | ڪتابن جو اڀياس ڇو ضروري؟ | مفعوم موسى رضا شر | 84 |
| 25 | پنهنجي تحرير جي آئيني ۾ | شيخ اياز | 87 |
| 26 | آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ساهتيه ۾ ناريواد | جيوتي ڪڪواڻي | 89 |
| 27 | ڏڳه | عربي ادب تان | 90 |
| 28 | برسات جون بوندون | شريمتي پريا سِتپال | 92 |
| 29 | ننڍي ڪهاڻي (۱) ڪاوڙ | عباس سارنگ | 94 |
| | (۲) وائيٽ ڪلر | بابر جاگيراڻي | 94 |
| 30 | سمالوچنا:پلجرزم ناول تي هڪ نظر | قاضي جي.ايم | 95 |
| 31 | شاعر جو تخيل | نسيم لغاري | 97 |
| 32 | پوڙهو شيخ | ترجمان: پروينا مجاز | 98 |

سمپادڪيه:

## ڪلياڻ ڪئمپ، اُلهاسنگر، سنڌونگر ۾ تعليم

ورهاڱي جي لڏپلاڻ هر نرواسيءَ جي زندگيءَ تي اڻ-مٽ اثر ڇڏيا. شاگرد رولڙي ۾ پئجي ويا. هٽ ٻولي ٻي، سڪول ڪٿي ! ڪتاب ڪٿان اچن؟ پڙهيل طبقو سڄاڳ ٿي ويو. اُتي سنڌ ۾ جيڪي تعليم سان وابسطه هئا، ماستر وغيره گڏ ٿي ويا. ٻارن جي پڙهائي هنن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي. سرڪاري عملدار مهربان هئا. علم اِنسان جي ٽين اک آهي ڪان بخوبي واقف هئا. راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي، سنتسنگهه اوچاڻي ۽ سندن همخيالي ساٿي سڄاڳيءَ واري عالم ۾ اچي ويا. داخلا جا قائدا قانون ڍرا ٿي ويا. پنجن ئي نمبرن ۾ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي جي سايعي هيٺ سڪول کلي ويا. پرائمري تعليم سرڪار جي هٿ هيٺ مفت رهي ۽ سيڪينڊري ۾ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي وارا اڳرا رهيا. في واجبي اها بہ حالتن مطابق معاف. سرڪار جو ڪين پورو ساٿ رهيو. اڄ سوڌو سندن هلندڙ سڪولن ۾ ٻارن جو انداز ۽ انتظام ساراهه جوڳو آهي.هاڻ تازو ان سوسائٽيءَ بہ ڊگري ڪاليج برپا ڪيا آهن. تعليم جي خيال کان سندن آسٽان اوچو آهي.

سيٺ پرسرام پارومل-شڪارپور وارو نيوايرا هاءِ سڪول نالي هٽ شروع ڪيو. سڪول جي شاهي بلڊنگہ اُن وقت جي ملٽري بئرڪن وچم مورمڪٽ رهي. سيٺ هر آرتوار تي ممبئي کان سيڙجي ٻارن جي مائٽن سان گڏجندو. سندن دک درد ٻڌي ٽڏي تي اُن جو حل ڪڍندو. چوندا آهن تہ سچيءَ دل تي صاحب راضي. سيٺ کي هڏڏوکي عملو مليو. جن سڪول جي معيار کي چوٽ چاڙهي ڇڏيو.

اُن وقت اُلهاسنگر ۾ ڪاليج ڪونہ هو. ٻار ممبئي ويندا هئا. سيٺ پرسرام پارومل ڪاليج شروع ڪيو. هاڻ اُهو آر.ڪي.تلريجا ڪاليج ڊگري ۽ پي.ايڇ ڊي تائين ممبئي يونيورسٽي جا ڪلاس هلائي ٿو. حيات هوندي سيٺ پنهنجو نالو ڪٿي بہ ڪونہ لڪايو. پر هاڻ سداحيات کان پوءِ سڪول ”سيٺ پرسرام پارومل نيوايراهاءِ سڪول“ ٿو سڏجي. ميونسپالٽيءَ وارن کي سڪول جي سامهون روڊ تي سيٺ جو نالو رکڻ گهرجي.

ممبئي ۽ آس پاس جي ٻارن لاءِ حيدرآباد (سنڌ) نئشنل ڪاليجيٽ بورڊ جي سدا حيات بانيڪارن پرنسيپال ڪندناڻي ۽ بئريسٽر هوتچند آڏواڻي جي محنت ۽ ڪيل جاکوڙ ڪري سنڌونگرواسين وٽان ڪين عزت- ناموس ۽ شهرت پئي ملي آهي. چاندي ٻائي ڪاليج کليو. جلد ئي پاليٽيڪنڪ جو پايو هنن وڌو. هاڻ تہ مئنجمينٽ ۽ لا ڪاليج بہ آهي. تہ انجنيئرنگ بہ آهي. شهر جو شان آهي اهو ڪاليج. شاگرد ممبئي جي اڄ وچ کان چٽي پيا آهن. ساڳئي ٽرسٽ حيدرآباد٠سنڌ) ڪاليجيٽ بورڊ جا ممبئي ۾ ويهه کن ڪاليج آهن. جتي سنڌي شاگردن لاءِ جڳهيون محفوظ آهن. داخلا بنان مذهبي ڀيد ڀاءَ جي کليل آهي.

سنڌ مان لڏي آيل پروفيسرن گڏجي ممبئيءَ جي عاليشان ايراضيءَ جئہ هند ڪاليج-چرچگيٽ پرسان کوليو. سندن ننگہ ۽ ناموس ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ پکڙيل آهي. ڪاليج جو

تعليمي معيار - اوچ اخلاق ۽ انتظام مثالي پئي رهيو آهي. سنڌي شاگردن لاءِ سهوليت هڪي حاضر. اُتي پروفيسر رام پنجواڻي جڻ شاگردن لاءِ مسيحا پئي رهيو. وديارٿي اڄ سوڌو ڪاليج جي ساراه مان ڪونہ ڍاپندا آهن.

سيتلداس هرچنداڻي اُلهاسنگر اسيمبلي تڪ مان لڳاتار ٽي ڀيرا مهاراشٽرا اسيمبلي ۾ چونڊجي ويو. پاڻ جسلوڪ هاءِ سڪول برپا ڪيائين. اُن سان گڏوگڏ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي اٽڪ - وڏ وارن لاءِ جدا سڪول کوليائين. جنهن کي ڪي.سي سڪول جو نالو ڏنل آهي. بدني دماغي طور ڪمزور ٻارن لاءِ سائين بابا جي نالي سڪول شروع ڪيائين جتي بنان ذات پات جي ڀيد ڀاو داخلا ڏني ويندي آهي.

سوامي شانتي پرڪاش وارن بہ آشرم ويجهو سنڌي هاءِ سڪول وجود ۾ آندو. جهوليلال ٽرسٽ - ڀائو پرسرام مولچنداڻي ۽ جو جهوليلال سڪول تعليمي خيال کان اڳرو آهي ۽ ماڊرن سهوليتن سان آهي.

شروعات کان هلندڙ ڌرمداس ڪشتريا پنهنجا ٻئي سڪول - سنڌ نئشنل هاءِ سڪول ۽ جئہ هند اڪيڊمي - حيدرآباد سنڌ ڪاليجيٽ بورڊ کي بنان ڪنهن اجوري بدلي ڪري ڏنا. اڄ اُتي بہ سوَن ۾ شاگرد تعليم وٺي رهيا آهن.

ساڌو ٻيلا ممبئي وارن بہ سڪول ۽ ڊگري ڪاليج برپا ڪيو آهي.

وديا هندي پاٺشالا-سيڪشن 23 وارا سنڌي سڪول وديا نڪيتن نالي ٻيا ٽا هلائين.

ساهتيہ ادب ۽ ٻولي کي عام ۾ مقبول ڪرڻ لاءِ ليکڪن-ساهتڪارن ۽ ادب دوستن ادبي ڪلاس شروع ڪيو ، جتي شري پرسرام ضيا، موهن ڪلپنا، ايم.ڪمل، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، ٽيڪچند مست، پروفيسر هيرو شيوڪاڻي وغيره ڀاڳہ وٺندا هئا. اڄ سوڌو سنڌو يوٿ سرڪل ۾ نيمائتو ادبي ڪلاس هلندڙ آهي.

اِئين تعليم جي لحاظ کان ڪلياڻ ڪئمپ-اُلهاسنگر-سنڌونگر ڀريو ڀاڳيو شهر آهي..... پر

اڳي جتي مڙئي سنڌي سڪول هئا... هاڻ سڪول تہ آهن پر سنڌي تعليم جو ذريعو 10سيڪڙو... شايد اجان بہ گهٽ آهي. اُلهاسنگر جي چوڌاري انگلش ماڌيم (ذريعو) جا سڪول ڄار وانگر پکڙيل آهن. ڏوهہ ڪنهن هڪ جو ڪونہ آهي. سڀاجهڙن سنڌين لپيءَ جي لڦڙي جي ڏڦير وجهي ٻوليءَ تان هٿ کڻائي ڇڏيو. پاڻ شايد سرڳہ ۾ حور - پرين سان راند روند ۾ مشغول آهن هٿ ڏڦير کي ڳنڍڻ لاءِ ڪوہ ڳُلو - ٽڪ ٽنيڻ - ڪوئنٽر - لئي وغيرهہ حال تہ ڪم نہ ٿي ڪري.

تازو سرڪار آرڊر ڪڍيا آهن تہ پرائمري تعليم فقط مادري ٻولي (Mother Tongue) ۾ ڏني وڃي. ڏسجي متان ڏاڍائي وارو ڏنڊو ڪم ڪري!

پرڏيهي - سنڌورڪين جي مدد سان آشا چاند اڪيلو آواز ۽ پڙاڏو پيو ٻڌجي تہ سنڌين جي سڪولن ۾ ٻيو نہ تہ هڪ سبجيڪٽ سنڌي ٻوليءَ جو ضرور پاڙهيو. ور ور ڪيس سلام وراڻڻ لاءِ هٿ مٿي ڪجي ٿو وڃي.

نند ڇڳاڻي
15 March 2023
اُلهاسنگر

# Chander Manghnani



پريزيڊنٽ شري چندر منگهناڻي
جا ٻه اکر.....

***President's Message....***

11th March, 2023

Dear brother Sunder, Season's greetings.

My dear Sunder,

Warm greetings.

CHETI CHAND...! It appears every year with new Moon, new Harvest and a brand New Year...

Families and traditions come alive with festivities and celebrations...

A new Hope arrives...The Hope that happiness does arrive...Inspite of Lockdowns and Viruses...The Hope that Cheti Chand will always descend. This Hope is what keeps us all going...Keeps us alive...!

Dear friends, 2022 was a significant year in the history of our Sindhu Youth Circle when we completed 60 years of our existence. We organised multiple events around our Diamond Jubilee with a view to further strengthen our community in general and our Circle in particular. Happily, all the events were successful beyond our expectations. More and more people and well-wishers have connected with the Circle, which resulted in boosting our confidence and inspiring us to work better and harder. The sapling that we planted 60 years ago has blossomed into a magnificent Bodhi tree, benefiting our community.

I am happy to inform that the usual activities of the Circle, like the Book Bank, Women's Wing and Free Rations have also spread quite far and wide and earned goodwill for us.

I believe that our Sindhi community is fortunate in that, inspite of being displaced we have prospered, progressed and flourished; chiefly because of our capacity to work hard and our commitment towards the betterment of society.

Best wishes to all.

Yours Sincerely,
**Chander Manghnani**

# Computer Care L.L.C.

(ISO 9001: 2015 Certified)

Intertek

## MESSAGE FROM ASSOCIATE PRESIDENT



My dear Sunder,

Warm greetings.

I came in touch with Sindhu Youth Circle during Covid time 2020 & went through all your activities. I was surprised to see in thick of Covid you and your members with due care serving hundreds of widows with monthly ration in crowd circumstances without any fear & running student book library, issuing Sindhi community certificate for admission and celebrated national days & continued cultural activities on virtual platform by your women wing too. My salute to dedicated volunteers & decided to be a part of your organisation.

During the Diamond Jubilee Year purchasing an adjacent plot and more than 75 programmes with 6 Mega programmes is a great achievement for any organisation. I am lucky that I am part of this organisation and got an opportunity to serve my community.

My best wishes for Cheti Chand Annual Charity Show.
Jai Jhulelal

With warm regards,

**Jagdish Kanjhan**

P.C. Box : 42810. Dubai, United Arab Emirates
Tel.: +971 4 359 50 10, Email : info@computercaredubai.ae, Website: www.computercaredubai.ae

# SINDHU YOUTH CIRCLE LIFE TIME ACHIEVEMENT AWARDEE 2023 (IN SOCIAL SERVICES)

## NARESH TAHILRAMANI – A JEWEL IN THE CROWN



SINDHU YOUTH CIRCLE takes a lot of pride in presenting this year's "LIFETIME ACHIEVEMENT AWARD' to a very Daring, Disciplined & Distinguished Personality of our Ulhasnagar City, namely Shri NARESH H. TAHILRAMANI who has made significant contributions to the Society.

Born on 10th February, 1961. He is a Commerce Graduate and retired from Allahabad Bank after 25 years of service. He has been a LIC Agent too since past 23 years.

BUT WHAT SEPERATES HIM FROM OTHERS IS HIS DEVOTED, DETERMINED & DISCLIPINED SOCIAL LIFE. His commitment to public service is reflected in his work. Time and Again, he has taken various burning issues of the Ulhasnagar City through social media. Not only after his retirement from Bank, but he has been active in pursuing these matters even during his service period too. For this, he has overcome many obstacles to achieve his goals. These issues have been duly covered by not only the local newspapers but also by various prominent Mumbai newspapers like Times of India and Mumbai Mirror etc. Apart from news Channels like "Zee 24 Taas" (Marathi) and IBN Lokmat (Marathi). He was the First Senior Correspondent of the "Ulhasnagar Samachar", the first Cable news Channel in Ulhasnagar, for 2½ years. In fact, local social media has always vied with each other to get his expert views and action plans on the issues of the city or even on social matters. His journalistic contributions have helped the Ulhasnagar Citizens informed, enlightened and alert over various matters.

He has not even hesitated to go for a Hunger Strike also with other like-minded friends to press for the reasonable demands of Ulhasnagar Citizens through ULHAS CITIZENS FORUM which was founded by him, 10 years back and is still being convened mainly by him. Ulhasnagar Citizens will recall his long and fruitful battle with UMC to abolish its harsh Capital Value Tax, proposed by it recently. He is also Founder & Convener of the "MAANAVTA" Social group since past 3 years. This group helps poor & needy persons for their regular needs such as grocery items, medical requirement, education help etc.

He was a Member of the School Board of Ulhasnagar Municipal Corporation from 2002 to 2007 during which period, he fought tooth and nail for the better condition of Ulhasnagar Schools & for the improvement of the education system. He is a knowledgeable man & a keen observer of things. He is not only able to see the writing on the wall but also read between the lines. He is a man of principles & a very honest personality. During his public life, he got ample opportunities to grease his palms & could have earned millions of rupees like other dishonest public figures. But he kept away from personal greed & remained loyal to his principles as well as to the interest of the City. Such honest & dedicated social persons are very hard to find during present time

In addition to his professional and other said accomplishments, his personal hobbies have been writing articles, the game of Cricket and Union Activities etc. Several of his letters were published in the "Letters to Editor" column of various publications. He represented his bank in TIMES SHIELD tournament. At the time of retirement, he was the Joint Secretary of the Union in his Bank.

He is a true asset of the Society and like a JEWEL IN THE CROWN. Over all, his achievements and contributions are proof of his exceptional leadership, dedication and commitment to the Society. It is therefore our pleasure to acknowledge & appreciate his contributions and present him our LIFETIME ACHIEVEMENT AWARD.

# SINDHU YOUTH CIRCLE LIFE TIME ACHIEVEMENT AWARDEE 2023
# (IN SOCIAL & LEGAL SERVICES)

## PRAKASH PANJUMAL KUKREJA – A JEWEL IN THE CROWN



**ADDRESS**
> Flat No.606, Navjeevan Tower
Opp Jaslok High School
O.T.Section Ulhasnagar: 421003.
Dist: Thane
State: Maharashtra.

**CONTACT NO**
> (O) 0251-2701718 (R) 0251-2701819
(M) 9422073950

**DATE OF BIRTH**
> 13/08/1955

**QUALIFICATIONS**
> B.COM., LL.B
MSCIT

**PRESENT PROFESSION**
> ADVOCATE

**PREVIOUS PROFESSION**
> Retired Class- I officer of Ulhasnagar Municipal Corporation in the following Capacities

- Naka Clerk for the period from 13-12-78 to 18-2-91
- Law officer for the period from 18-2-91 to 17-12-96
- Municipal Secretary for the period from 18-12-96 to 31-8-2013
- Additional Duties of Law officer for the period from
- 18-12-96 to 15-6-2005
- Additional Duties of Dy Commissioner (Octroi) for the period from 29-11-2004 to 15-4-2005
- Additional Duties of Dy Commissioner (LBT) for the period from 24-1-2013 to 31-8-2013

**SPECIAL EFFECTS**
> Got a favourable Judgement in PIL No. 39/2014 on 30/04/2019 passed by Bombay High Court empowering the Public to decide development priorities in their areas by directing the Government to notify Area Sabhas in each of the Municipal Corporation Areas of the Maharashtra State.

> Augmented Octroi recovery from Rs.4.25 Crores to 6.25 Crores per month during my period as Dy Commissioner (Octroi)

> Augmented LBT recovery from average 9 Crores to Rs. Crores 13 per month

**FAMILARITY**
> Large Public Contacts

**FAMILY MEMBERS**
> All Advocates

**PUBLIC CAUSE TAKEN IN HAND**
> Many Public Interest Litigation filed to ensure the benefit of the society.

Apart from this, individual or group matters or LBT Hazards agitated before the Government and Corporation in the public interest at large.

# هيمون ڪالاڻي

## ✍ جينو لالواڻي

اَڄ ديش کي آزاد ٿئي 75 سال گذري چڪا آهن. سڄي ڀارت ۽ دنيا ۾ آزاديءَ جو امرت مها اُتسوَ ملهايو ويو. جنهن ۾ ڀارت جي مڪتيءَ، آزاديءَ جي ڪهاڻي، وطن بانڪن بهادرن جي قرباني هن اُتسو ۾ ياد ڪئي ويئي. وطن تي سؤراج جي ڪهاڻي ڏهرائي ويئي/ ڏهرائي رهيا آهيون. وير سپوتن آزاديءَ جي لڙاڪن تي فخر محسوس ڪري ڳاٽ اوچو ڪري فخر سان چوندا رهون ٿا ”ڀارت منهنجو مهان“.

ڀارت جي آزاديءَ جا ورق ورائيندي بخوبي نظر اچي ٿو تہ اِها چڻنگ 1857 ۾ لڳي. انگريزن خلاف، برٽش حڪومت خلاف، ڀهريون واد وواد اِن مخالفت ۾ انگريز سئنا پڻ ساٿ ڏنو. پوءِ تہ هڪوار ڀربل مشعال جي روشني لاٽ ٻڌجي دور - دور تائين ڦهلجڻ لڳي ۽ هڪ مشعال مان انيڪ مشعالون روشن ٿيون.

سڄي ديش ۾ آزاديءَ جو گونجيل پڙاڏو سنڌ جي پوتر ڀوميءَ تي پڻ پهتو. سنڌ جي بانڪا بهادر پڻ سر تي ڪفن ٻڌي ميدان جنگ ۾ ٽپي پيا. ماتائن هندورن ۾ پڻ ننڍڙن ٻارن کي ديش مٿان قربان ٿيڻ جي لولي ڏني. سنڌو سڀيتا جا وارث، موهن جي دڙي جي پيدائش جن سنڌو نديءَ جو امرت پيتو هو، اُنهن سنڌ جي سپوتن آزاديءَ جي هون ۾ ڀاڱ ورتو ۽ پاڻ کي سواهہ ڪندي پنهنجي جنم ڀومي، ماتر ڀوميءَ جي سونهاري سنڌ کي بہ وطن آزاديءَ صدقي قربان ڪري پنهنجا اجها، ملڪيتون، جائدادون سڀ ڇڏي دربدر ٿي اچي هندستان جي جدا جدا صوبن ۾ وسيا. آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌين جون آهوتيون، جيل ياترائون اڄ بہ تواريخي بابن ۾ سونهري اکرن ۾ درج آهن. هزارين سنڌين جيل ياترائون ڪيون. انگريزن جي ظلم جو بک بڻيا ۽ مرڪندڙ چهري سان سينو تاڻي گوليون سنبون ۽ مرڪندي ڦاسيءَ جو ڦندو چمي گلي ۾ پنهنجن هٿن سان وجهي شهادت جو جام پيتو. اُنهن ۾ بانڪو بهادر جوان، اسڪولي شاگرد هيمون ڪالاڻي بہ هو.

شهادت جو جام پيئندڙ نوجوان اَمر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي قرباني اڄ بہ اَجر اَمر سنڌ سان گڏ ڀارت کي بہ فخر لائق بڻايو آهي.

هن وير سپوت هيمونءَ جو جنم 23 مارچ 1923 ۾ سکر ۾ ڪالاڻي ڪٽنب جي گهر شري پيسومل ڪالاڻي جي گهر ۽ ماتا جيٺي ٻائي جي ڪک مان ٿيو. هيمونءَ کي پينگهي ۾ ئي ماتا ديش مٿان قربان ٿيڻ جي لولي ڏني.

هيمون ڏاڏو - ڏاڏي، نانو-ناني، چاچن-چاچين سڄي ڪالاڻي خاندان جو لاڏلو ۽ پيارو هو. هنجي ڏاڏي گنگا ٻائي ڌارمڪ ويچارن جي هئي. پيءُ ٻڌو واپاري هو. هن جو چاچو ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻي سماج سيوڪ ۽ آزاديءَ جو سپاهي هو.

هيمونءَ جي شخصيت جي وڪاس ۾ ماءُ، نانيءَ جي سنسڪارن جو ۽ ڪالاڻي ڪٽنب جي ديش ڀڳت هجڻ جو وڏو هٿ هو. ڇو جو ننڍپڻ ۾ هيمونءَ کي انيڪ ويرن جون ڪهاڻيون شواجيءَ جي ديش ڀڳتي، مهاراڻا پرتاپ جي ويرتا، سمراٽ ڏاهرسين جي ماتر ڀومي ڀڳتيءَ جون ڪهاڻيون

ٻڌايون ويندڙيون هيون. هيمونءَ جي دل، دماغ ۽ ديش ڀڳتي ۽ بهادريءَ جو ڪافي اثر ڇڏين. ننڍپڻ جا سنسڪار، ڪتب جو سيوا ڀاوي، سادگيءَ ۽ تياڳ ڀريو ماحول اسڪول جي انتظام، اُستادن جي ديش پريم پريڻا، چاچي جي آزاديءَ جي تحريڪ جي ڳالهين هيمونءَ جي هردي ۾ اِنسانيت، ديش ڀڳتيءَ جي جوت جڳائي ۽ ديش جي غلاميءَ زنجيرن ٽوڙڻ لاءِ آماده ڪيو.

سنڌ ۾ آزاديءَ جو ماحول ڪشور اوسٿا تائين پهچندي - پهچندي هيمونءَ ۾ ديش جي مٽان قربان ٿيڻ جي ڀاونا جاڳرت ٿي چڪي هئي. سگهارو مضبوط سرير، ڪسرتي جوان، راندين ۽ ترڻ ۾ ماهر ٿيڻ سان گڏ من ۽ دماغ به سگهارو هو. هيمونءَ پرائمري تعليم پرائي سکر جي ميونسپل اسڪول مان حاصل ڪري مئٽرڪ جو اپياس تلڪ هاءِ اسڪول مان ڪيو ۽ هر هڪ درجي ۾ اول نمبر ايندو رهيو. هيمون ماسترن جو به ڪافي لاڏلو هو. اُستاد لالواڻيءَ جو هيمون وڏيڪ پيارو ۽ دلارو هو. اُن جي آدرش سکيائن جو هن تي گهرو اثر هو. لالواڻيءَ هيمونءَ کي اِنساني ملهن ۽ نئتڪ ڳالهين ، وهنوار لاءِ فرض شناس بڻايو هو. جنهن جي ڪري هيمون اسڪولي جيون کان ئي ڀرشٽاچار، رشوت خوري، پيد ڀاوَ انيائُ، ايمان، غلامي، انڌوشواس، دغابازي، فريب، چاپلوسي ۽ سوارٿ ورتيءَ کان پري هو. ظلم، اتياچار، انيائُ بي عزتيءَ خلاف هيمونءَ جي آتماخلافت ڪندي رهندي هئي. جڏهن به انگريزن جي ظلم جون ڳالهيون ٻڌندو،ڏسندو، پڙهندو هوهن جو من بغاوت ڪندو هو ۽ مرڻ-مارڻ لاءِ آماده ٿي ويندو هو.

1942 ۾ ديش پتا مهاتماگانڌي ”ڪرو يا مرو“ انگريزو ڀارت ڇڏي وڃو جو سڏ ڏنو. نيتاجي سڀاش چندر بوس آڪاشواڻيءَ تان ديشواسين کي سڏ ڏنو ته ديش آزاديءَ صدقي نوجوانو-ديش واسيو مونکي رت ڏيو مان توهان کي آزادي ڏيندس. آزاد هند جي فوج جي سڏ ’جئہ هند‘، ’چلو دهلي‘ جي نعرن نوجوانن تي وڏو اثر وڌو. ڪاليجي، اسڪولي نوجوان آزادي آندولن ۾ ڪهڙي پيا جن ۾ هيمون ڪالاڻي به اڳرو بڻيو. راشٽريہ ڪوي هوندراج دکايل هٿ ۾ دفلي کڻي سنڌ جي ڳوٺ-ڳوٺ ۾ آزاديءَ جو سنديش پهچائيندو هو. جڏهن به دکايل سکر ايندو هو. هيمونءَ جي هن سان ملاقات ٿيندي هئي. هيمون دکايل سان گڏ اسڪولي - ڪاليجي شاگردن کي ڪٺو ڪري پربات ڦيرين ۾ جهندو هٿ ۾ کڻي شان سان قومي گيت ڳائيندو هو. جليانوالا باغ جي قتل پنجاب جي وير ڀڳت سنگهہ جي ڦاسيءَ هيمون تي وڏو اثر ڪيو هو.

هيمون سوراج سيٽنا جو دماغ ۽ ڪرنگهو هو. ڪرانتي مقصد هن جي جاڳرتا جو فرض هو ۽ هيمون سدائين سجاڳ رهندو هو. هن انگريزن جي اتياچار، ظلم خاطر ڪافي بغاوت ڪئي. چڪريون ڏنيون ۽ لڙت ڏيندو رهيو. ۽ ”انقلاب زنده باد“، ”ڀارت ماتا جي جئہ“، ”وندي ماترم“ جا نعرا سڄي سنڌ ۾ گونجائيندو رهيو. ۽ انگريزن سان منهن مقابل ٿيڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو هو ۽ جڏهن به انگريزن سان لڙڻ جو ڪوبہ موقعو ملندو هوس لڙي وٺندو هو.

هيمونءَ کي خبر ملي ته آزاديءَ جي ديوانن کي مارڻ، هيسائڻ، دٻائڻ لاءِ هڪ بارود، هٿيارن سان ڀرپور فوجي گاڏي ڪوئٽيا وڃڻ واري آهيءَ اُها رات جو روهڙيءَ کان هلندي، سکر مان ٿيندي ڪوئٽيا ويندي. هيمونءَ ساٿين سان صلاح ڪري گاڏي ڪيرائي، انگريز فوجين کي سندن ئي بارود سان مارڻ جو پڪو پهہ ڪري هيمون پڪڙ پانو کڻي ريل جي پٽن وٽ پهچي فش پليٽون کولڻ لڳو. بدقسمتيءَ سان بسڪيٽ ڪارخاني جي چوڪيدار جيڪو غدار هو. فش پليٽون کولڻ جا آواز ٻڌي

پوليس کي چاڻ ڏني. پوليس ڊوڙندي آئي. پوليس جي گهيري ۾ هيمون گهيرجي چڪو هو. پر هن همت نہ هاري سينو تاڻي اُتي بيٺو رهيو ۽ ساٿين کي ڀڄي وڃڻ لاءِ زور ڀريو. پوليس هيمونءَ کي گرفتار ڪيو. هن تي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. هن کان ساٿين جا نالا پڇيا ويا. هن نالا ٻڌائڻ کان بلڪل نابري واري. هن مٿان بيدي لڪڻ جي، ڇهبوڪن جو مارو هنيو ويو. پر هي بانڪو بهادر پنهنجي قول تي اڏول رهيو تہ منهنجي ساٿين جا نالا آهن پڪڙ، پاڻو، هٿوڙا فوجي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. فوجي عدالت پهرين ڪيس عمر، قيد ۽ بعد ۾ فيصلو بدلائي هيمونءَ لاءِ ڦاسي جي سزا مقرر ڪئي. هيمون ڪورٽ ۾ بہ ”انقلاب زنده باد“، ”ڀارت ماتا جي جئہ“ جا نعرا هنيا. معافي وٺڻ کان نابري واري ۽ صاف صاف دليريءَ سان چيو، ”ديش سان پيار ڪرڻ ڪو گناهہ نہ آهي.“ آزادي اسانجو حق آهي.

هيمونءَ جي ڦاسيءَ جو ٻڌي سڄي سنڌ ۾ هاهاڪار مچي ويو. سنڌ جي معزز شخصن ماڻهن آواز اُٿاريو تہ هيمون ننڍو ڳڀرو جوان آهي. هن کي وڏي سزا نہ ڏني وڃي.“ پر انگريز حڪومت ڪٿي ڪنهن جو ٻڌڻ واري هئي. هنن کي تہ مارشل لا جي اوٽ ۾ ظلم ڪرڻا هئا ۽ ٻين نوجوانن ۽ آزاديءَ جي لڙاڪن کي سبق سيکارڻو هو.

ماءُ جي ممتا اُٻرڪو ڪاڏو، مائي جيٺي ٻائي ۽ پتا پيسومل هيمونءَ کي مڃائڻ لاءِ جيل پهتا. ماتا چيو، ”اڄ مان توکي گهر گڏ وٺي ويندس. توکي شادي ڪرائيندس ۽ نونهن کي مهيندي سان سجائيندس هٿن سان لاڏي - لاڏيءَ کي سيج تي وهاريندس.“

پر هيمونءَ چيو تہ ”مان تہ آزاديءَ سان شادي ڪئي آهي. ڦاسيءَ لٽڪندس گهر مور نہ هلندس. آخر ڪار ممتا جي هار ٿي. هيمونءَ چيو ”امان منهنجو واعدو آهي مان وري موٽي ايندس. هيمونءَ لاءِ ماتا نہ سامهون ماترڀومي هئي ۽ آخرڪار 21 جنوري 1943 تي هيمونءَ کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. سڄي سنڌ ۾ ماتم ڇانئجي ويو. روح راڙو لڳو پيو هو .

15 آگسٽ 1947 تي اڌ رات ڀارت کي آزادي ملي. ڀارت ماتا جي مڪتيءَ جو ڏينهن . اَسانکي اِهو ياد ڏياري ٿي تہ هيمونءَ جي شهادت جي اهم ڪهاڻي اسان سنڌين ۽ وطن صدقي جن قربانيون ڏنيون آهن اُنهن ۾ هيمون مهان آهي. هيمون جي شهادت کي ڪٿي انيڪ اديبن ، مهاپرشن هيمونءَ کي شرڌانجليون پيش ڪيون آهن جن ۾ غير سنڌي اديب پڻ هئا.

سنڌ جي هندي ڪوي اندر بهادر کري 25 جنوري 1943 ۾ ئي ”هيمون ڪالاڻي“ هڪ وڏي ڪوتا هنديءَ ۾ هن جي جيون تي جوڙي جنهن ۾ هن هيمونءَ جي جيون جا ورق ورائيندي هن لکيو:

تو جيئسا رونگٽي کڙي ڪرني والي زندگاني
آج ديش کي ڪروڙون آکين هوگئي پاني پاني
سماڌي پر نہ ترنگا، نہ هئہ چادر سهاني
پر هر ترنگي پر تيري لکي جائيگي کهاني

شري را لبهايا شرن اُڙدوءَ ۾ ”اَنمول ۽ سونو هيرو“ نالي ڪوتا لکي جنهن جو سنڌي ترجمو اخبارن ۾ شايع ٿيو. هن لکيو:

ڦاسيءَ جي تختي تي چڙهيو کلندي کلندي هيمون ڪالاڻي
هي شهيد سڏ جيو سڀ کان وڏو هندستاني
ڌنيہ ماتا جنهن پئدا ڪيو هي انمول سونو هيرو

هن هيري جي چمڪ ڏسي خوش ٿجو اجراڪ پراڻي
عبدل حڪيم ارشاد ’سنڌوءَ ‘ جي واڻي
تنهنجو فوٽو اڄ بہ آيو منهنجي سامهون هيمون يار
اڄ بہ تنهنجي ياد اچي وئي
اڄ بہ منهنجا لڙڪ لڙي پيا
اڄ بہ تنهنجون ڳالهيون ساريم
اڄ بہ ساڳي ٻاهہ ٻري پيئي
اڄ بہ سنڌڙي سڏڪي پيئي
اڄ بہ ڦاسي ماندي آهي
هند سنڌ جي اديبن-شاعرن بہ هيمونءَ کي شرڌانجليون پيش ڪندي وراڻيو آهي
هيمون منڙي ملڪ لئہ ڪئي سوريءَ سان پريت
اهڙن کان سک اندر تون مرڻ جيئڻ جي ريت
اندر پوچواڻي
اچو تہ سنڌيت جي سوڳند کڻون
اڄ وري اِنقلاب ايندو
اسين هيمون ٻڻجي ڦاسيءَ تي چڙهنداسين
نصير مرزا
سکر کان سپوتو، هوشو ۽ هيمون ٻڻجو
هرڪو جهڙو دودو، دولهہ درياخان- سنڌو ديش مهان
شيخ اياز
جتي ڏاهر پي ڏهڪاءُ هجي
جتي هيمونءَ جي هاڪار هجي، سو منهنجو وطن
ناز ثناڻي
هوشوءَ وارو سنڌو ديش
هيمونءَ وارو سنڌو ديش
تنهنجو ديش - منهنجو ديش
نياز همايون
لکيو انگ اجل کون ئي آڪاشواڻي
تہ چڙهہ سيج سوريءَ تي هيمون ڪالاڻي
ماستر چندر
هيمون منهنجا پاٽڙا پلي چڙيو توکي ماءُ
ڏسي غلامي هن ديس جي آيو توکي تاءُ
لڳائي سر جو داءُ کيئہ منهن مٽي پنهنجي ماءُ جو
گوبند مالهي

شهيد هيمونءَ جي ٻڌو ڪهاڻي
جنهن اُچاري سؤراج جي واڻي
سنڌ جو سپوت هو لاثاني
تنهن لاءِ ڏنائين پڻ قرباني
ڀڳت سنگهه جي راهه تي هليو
ڪلندي ڦاسيءَ تي هئو چڙهيو
ياد اچي جوشيلي جواني
شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ٻڌو ڪهاڻي

ڊا. روشن گولاڻي

ٻين برک اديبن ، دانشورن پڻ هيمونءَ کي ڀاو ڀيني شرڌانجلي ارپڻ ڪئي. دادا هوندراج دکايل، جيوترام لالواڻي ’ترنگ‘، پروفيسر رام پنجواڻي، پير علي محمد راشدي، ڪي.ڊي. مهتا، ڊا. چوئٿرام گدواڻي، سوامي شانتي پرڪاش، سوامي ليلا شاهه، پروفيسر هاسانند جادوگر، آچاريه جيوترام ڪرپالاڻي، جيرامداس دولترام، ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي، ڊا. رام منوهر لوهيا، ديش پتا مهاتماگانڌي، پنڊت جواهر لعل نهرو وغيرهه.

آزاديءَ جي 75 سال آمرت مهااُتسوَ جي سلسلي ۾ ٻين ڀارتيه سپوتن جيان امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي به هر سال جيان ياد ڪيو ويو ۽ شهادت ڏينهن ملهايو ويو. آمرت مهااُتسوَ هلندي هيمون ڪالاڻيءَ جي جنم شتابدي سال جي شروعات 23 مارچ 2022 کان ٿي هن جي جنم شتابدي سال ملهائڻ جي شروعات سنڌي اڪادمي ”دهلي راجڌاني دهليءَ جي وڏان سيا ڪنڊ ۾ راشٽريه ادبي سيمينار ۽ ڪوي سميلن هيمونءَ جي ياد ۾ ڪوتائي ۽ سنڌي سوتنترتا سٽنانين جي نمائش رکي ڀيڪي سان جشن ملهايو ويو. هن موقعي تي ٿي آزاديءَ جو پروانو امر شهيد هيمون ڪالاڻي ڪتاب ليکڪ ڊاڪٽر چينو لالواڻيءَ جو اڪادميءَ طرفان انگريزيءَ ۾ شري موهن گيهاڻيءَ کان ترجمو ڪرائي شايع ڪري مهورت ڪرايو ويو. غور طلب آهي تہ سنڌي اڪادمي دهليءَ اِهو ڪتاب اڳ ۾ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ کان هنديءَ ۾ انواد ڪرائي شايع ڪيو آهي تہ وري گجرات سرڪار هيءُ ڪتاب سر فرويشي سيريز هيٺ گجراتيءَ ۾ 25 هزار ڪاپيون شايع ڪري سوکڙي ڪري ورهايو آهي.

هيمون ڪالاڻيءَ جي مڪمل جيون تي ۽ آزاديءَ جي لڙائي ۾ ڏنل يوگدان نسبنت هند سنڌ ۾ پهريون باتصوير هيمونءَ جي اڻلڀ جيون فوٽن سميت شايع ٿيل ڪتاب آهي. جيڪو ٻنهي لپين سنڌي لپي ۽ ديوناگريءَ ۾ شايع ٿيل آهي. ديوناگريءَ ۾ ڊا. روشن گولاڻيءَ شايع ڪيو آهي.

هيمون ڪالاڻي جنم شتابدي سال اُتسو هلندي ڀارت ديش ۾ جهجهي انداز ۾ راجيہ سنڌي ساهتيہ اڪادمين ، ادبي سنسٿائن، اسڪولن، ڪاليجن طرفان جدا جدا ادبي ڪاريہ ڪرم ٿي رهيا آهن.

هتي اِهو غور طلب آهي تہ هيمونءَ جي ياد ۾ ڀارت سرڪار ٽڪلي جاري ڪئي هئي. جنهن جو مهورت 19-18 آڪٽوبر 1983 ۾ دهليءَ جي اندرپرست اسٽيڊيم ۾ پهرئين عالمي وشو سنڌي سميلن جي موقعي تي وزير اعظم محترما اندراگانڌيءَ کي مبارڪ هٿن سان ڪيو ويو. سنڌو ماتا جيٺي ڀائيءَ جو سواگت پڻ ڪيو هو. . هن موقعي تي سنڌي شاعرن ديش ڀڳتي گيتن ۽ هيمونءَ جي شهادت تي ڪوتائون پيش ڪيون هيون. هڪ غير سنڌي ڪوي فرمايو هو:

سنڌو ماتا ڪا سواڳت راشٽرماتا ڪي هاٿ
هو رها هئہ يہہ هماري ليئي هئہ ڳوروَ ڪي بات
هيمون ڪي قرباني وطن ڪو سڦل ڳئي
هم سڀي آزاد هئي، هر دن رات
ڌنيہ چيني ٻائي، ڌنيہ تيرا هيمون لال

تاريخ 21 آگسٽ 2003 تي امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جو پتلو لوڪ سڀا ۾ اسٿاپت ڪري اُن جو مهورت شد مد سان ڪيو ويو. اُن موقعي تي شري مرلي منوهر جوشي لوڪ سڀا اسپيڪر، پرڌان منتري شري اٽل بهاري وجپائي، ڊاڪٽر من موهن سنگهہ، نائب پرڌان منري لال ڪرشن آڏواڻي، محترما سونيا گانڌي ۽ سشما سوراج وغيرهہ حاضر رهيا هئا.

هيمونءَ جي جيون واقعن، ڪارين ڪي ڪٽي انيڪ رچنائون، سنڌي،هندي ۽ مڪاني ٻولين ۾ لکيون ويئون آهن ۽ جنم شتابدي اُتسوَ سال جي مبارڪ موقعي تي انيڪ ڪوتائون ، مضمون، ناٽڪ بہ قلمبند ڪياويا آهن تہ وري منچ تي کيڏيا بہ ويا آهن. سنڌي اخبارن، مخزنن خاص انڪ پڻ شايع ڪيا آهن تہ وري نوجوانن وچ ۾ هيمون ڪالاڻي ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ جو آيوجن پڻ ڪيو ويو آهي. آڪاشواڻي - دوردرشن تي وقت بہ وقت پرسارت پڻ ٿيندا پئي رهيا آهن. غور طلب آهن؛

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو ناٽڪ ”سوريءَ سڏ ڪيو“، مدن جماڻيءَ جو ”مان موٽي ايندس“، منوهربيدي- جڳديش لڇاڻيءَ جو ”شهيد هيمون ڪالاڻي“ ۽ ”ڪربونہ تنهنجو ڪير“ ناٽڪ ۽ سريش سنڌوءَ جن ’شهيد هيمون ڪالاڻي‘ جولي تيجواڻيءَ جو ناٽڪ ’شهيد هيمون ڪالاڻي‘ ۽ ڊاڪٽرچيني لالواڻيءَ جو هندي-سنڌيءَ ۾ ٽيلي پلي ناٽڪ ”امان مان موٽي ايندس“ وغيرهہ خاص ڌيان ڇڪائيندڙناٽڪ آهن تہ ورء هري موٽواڻيءَ جي قلمبند ڪيل ’هيمون ڪالاڻي‘ چلڊرين سوسائٽيءَ طرفان تيار ڪيل ٻال فلم بہ ڪافي لوڪپريہ آهي. غور طلب آهي تہ 2015 ۾ ڀارتيہ سنڌو سڀا ڪرڻاوتي -احمدآباد جي ڪوشش سان احمدآباد ميونسپل ڪارپوريشن طرفان هر سال ملهائڻ ۾ ايندڙ ڪانڪريا ڪارنيوال ۾”مان مئن لوٽڪي آئونگا“ (ليکڪ چينو لالواڻي) ناٽڪ ڪنعيو روپاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ ڀارت جي اڳوڻي پرڌان منتري سدا حيات اٽل بهاري باجپائي جي جنم ڏينهن تي ڪانڪريا ڪارنيوال ۾ پيش ڪيو ويو هو جيڪو اندازن ڏهہ هزار کن درشڪن ماڻيو هو.

23 مارچ 2013 تي هيمونءَ جي جنم ڏينهن سلسلي ۾ احدآباد دوردرشن تان شريمتي پوجا هارواڻي، شري هيتندر پرڌان جي ڪوشش سان ’شهيد هيمون ڪالاڻي جيون جهانڪي‘ ڊاڪيومينٽري تيار ڪري پرسارت ڪئي ويئي هئي.

هيمون ڪالاڻي جنم شتابدي سال جي موقعي تي صوبائي اڪاڊمين سنڌي اڪادمي دهلي هر سال جيان هن سال بہ 21 جنوري هيمونءَ جي شهادت تي اکل ڀارت سنڌي ڪوي سميلن ڪوٺايو. راجسٿان سنڌي ساهتيہ اڪادمي، مهراشٽرا راجيہ سنڌي ساهتيہ اڪادمي، گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي، مڌيہ پرديش سنڌي اڪادمي ۽ ٻين ڪيترين سنسٿائن هيمونءَ جي شهادت ۽ جنم اُتسوَ کي ڪٽي ڪافي ڪاري ڪرم ڪيا آهن.

ڀارتيہ سنڌو سڀا هر سال ڀارت ڀر ۾ هيمون جي شهادت ۽ جنم ڏينهن شدمد سان ملهائيندا آهن تہ وري سنڌو يوٿ سرڪل الهاسنگر بہ هيمونءَ کي ياد ڪرڻ ۽ ڪاريہ ڪرم رکڻ ۾ هر سال

اڳري رهندي پئي آئي آهي.

31 مارچ 2023 تي ڀارتيہ سنڌو سڀا طرفان ڀوپال ۾ عالمي ۽ راشٽريہ سطح جو هيمون ڪالاڻي جنم شتابدي اُتسوَ جو آيوجن ڪيو آهي جنهن جو مهورت ۾ خاص مهمان سنگهہ سر سنچالڪ شري موهن راءِ ڀاڳوت ڪندا ۽ آخر ۾...

خبر اِهائي ڦهلجي وئي آ
هيمونءَ کي وئي ڦاسي اچي آ
ڀڄي آ ڪڪرن نير وهايو، اڀ ساري ماتم مچايو
ديش اندر هاهاڪار متو، ويو هاڻ آ سپوت سچو
جام پائي هو شهادت جو، ويو نمائش ڪري شجاعت جو
ملڪ سان هن وفا ڪئي، خبر اِهائي....
آزاديءَ جي پرواني سونهاري سنڌ جي سچي سپوت- سون ورڻين
دلين جي هيري امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي شت - شت وندن!
جئہ سنڌ ! جيئي سنڌ!!

◆◆

## مينڊڪ (ڏيڏر)

✍ مڪيش تلوڪاڻي

ڦالاڦڙ!
ڪيترن کي
پِرِ ڀُٽ ڏين
ڳَٽهيندو وڃج...!
ڪلا، تُنهنجي وئي،
ڳرُوءَ سنڌو ڳيان، ٻڌيو اڳيان،
تون ڪيترو ڳهيرو - اونهو
پرَ هاڻ ، شڪل نوٽ ڪوهہ.
تون، ڳڙڪائي وڏين!
۽ توکي پي ويا.
ڪي، ٻڌائي ويا....!
هاڻہ بنا موسم جي
آس - پاس جو شڪ نہ ڦٽائي
جيڪر، بهادر لانگهائوءَ کي ڏسين تہ،
آواز ڳهٽي ڇڏج
جيئن مڙدو......!
سِڄ پيو اُڀرندو ۽ لهندو
آهستي، آهستي ڳُلن پيا
او، ڏهريلا.. ها ... ڪارا - ساوا
ڀوڳ ڀوڳي ويندي.

◆◆

## احمق

✍ مڪيش تلوڪاڻي

ڪڏهن - ڪڏهن
نہ چاهيندي بہ
ٽيڪو ڪٽي وني
فائدي لاءِ نہ
شيوا پاونا لاءِ!
وڏو دماغي
خفتوُ خزانچي
ويچاروان آهي.
ٻئي کي نقصان وجهڻ لاءِ
بنا لالچ جي
اَحمق بڻجڻ
ڏُهل تي ڏوٽونڪو وڄائڻ
هُنجي فطرت، مَشغولي.
اوندهہ ۾ هٿوراڙيون هڻي
ڪُجهہ حاصل ڪري
ڳرُو ڳهنتال

◆◆

# شري ڀڳوت گيتا

✍ ديارام گدومل

## اڌياءُ پنڌرهون
## سري ڀڳوان چيو

1. چون ٿا تہ اَکت (1)اَشوٿ جي وڻ جو مول مٿي آهي ۽ سندس شاکون هيٺ آهن، ۽ (2) ڇند سندس پن آهن. جو هنکي ڄاڻي ٿو سو ويد ڄاڻي ٿو.
2. هيٺ ۽ مٿي هنجون شاکون پکڙيل آهن، جن کي گڻن کان وڌي ٿئي ٿي، ۽ (اُنهن شاکن جا) انگور وشيون آهن - ۽ هيٺ هن مانشي لوڪ تائين هن جون ڪرم ڪارڪ پاڙون پکڙيل آهن.
3. اُن جو روپ هتي (هيٺ) پر وريل نہ آهي، ۽ نہ اُنجي اَنت نہ آد ۽ نہ (3) پرتشٺا ( پر وريل آهن) - پر هن جي ڏاڍين پاڙن واري اَشوٿ کي، (4) اَسنگ جي ڏاڍي هٿيار سان ڪپي؛
4. اِنهيءَ پد کي ڳولهڻ گهرجي، جتي وڃي، ماڻهو وري موٽ نہ ٿو کائي، ( ۽ اِئين سمجهي ٿو) تہ هو اِنهيءَ آد پرش جي آسري تي آهي، جنهن مان پراتن جي (5) پرورتي (پهرياءِ) نڪتي آهي (6) اِنهن سلوڪن ۾ هڪڙو روپڪ ٻڌل آهي

اَشوٿ وڻ ساري جيوت آهي. اُنهيءَ جو مول يعنيٖ پرميسر مٿي آهي ، اُنهيءَ جون شاخون (سنسڪرت شبد شاکہ آهي) برهما ۽ ٻيا ديوتائون آهن جي ڪانئس هيٺ آهن، ۽ اِنهيءَ جا پن ويد آهن. ٻنن مان ڦل ٿين ٿا هيٺ ۽ مٿي، يعنيٖ اُوچن ديوتائن کان وٺي سيني کان ننڍن پراڻين تاءِ، اِنهيءَ جيوت جي وڻ جون ٽاريون پريل آهن. اِنهن ٽارين ۾ ٽي گڻ پاڻ ڏيکارين ٿا ۽ اِئين اندريون ۽ شرير وغيرهہ نکرن ٿا. ۽ جيئن ٽارين سان انگور لڳل آهن تيئن اِندرين سان وشيون لڳل آهن. پاڙون جي هيٺ پکڙيل آهن سي پاتين پاتين ڀوڳن جون اِڇائون آهن، جن ڪري ڪرم ڪرڻ ۾ اچن ٿا. ۽ ڪرمن جا ٻنڌن چڙهن ٿا. جي وشين ۾ رهن ٿا سي هن جيوت جو سچو روپ نہ ٿا سمجهن، پر جي اهو روپ سمجهن ٿا سي ويد ڄاڻن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ويدن جو تت هي آهي تہ ساري جڳت جي آد پرميسر آهي ۽ آتما برهم آهي ۽ ويدڪ ڪرمن ڪري جڳت جي پرورتي هلي ٿي ۽ پرميسر جي سچي گيان ۽ ويراڳ سان مايا جي انت ٿئي ٿي ۽ ماڻهون موکہ پائي ٿو.

5. جي نرايمان ۽ نرموهہ آهن ۽ جن (7) سنگ جا دوش جيتيا آهن، ۽ جي نت اڌياتم ڌيائين ٿا ۽ جن مان ڪام نڪري ويو آهي ۽ جي سک ۽ دک (۽ اهڙن) دوَندَ کان مڪت آهن، سي اڻ موهت ٿي، انهيءَ اَکت پد کي پهچن ٿا. (8). سري ڀاڳوت جي 11 سڪند اَڌياءِ 12 شلوڪ 20 کان 23 ۾ لکيل

1. ڀپر
2. ويد يا منتر
3. آڌار يا رکشيا
4. ويراڳ
5. سنسار جي وهڪ
6. انهن شلوڪن ۾ هڪڙو روپڪ ٻڌل آهي
7. راڳ ۽ اهنڪار ڏسو اَڌياءُ 2 شلوڪ 62 ۽ اَڌياءُ 14 شلوڪ 8 - 6

سومَ ٿي اوشڌن جو پوشن ڪريان ٿو.

14. مان (1) اگني ٿي (سڀ) پراڻين جي ديهہ ۾ رهي، ۽ پراڻ ۽ اپانن سان هڪ ٿي، (2) چئن پرڪارن جو کاڄ پچايان ٿو.

15. مان سرو جي هردن ۾ ويٺل آهيان- سيرت ۽ گيان ٻنهي جي هاڃي مون مان اچي ٿي - سيني ويدن سان مان ئي وديا جي (3) وشيَ آهيان. (4) ويدانت جو ڪرتا آهيان، ۽ مان ڇرو ويدن جو ڄاڻندڙ آهيان.

16. هن لوڪ ۾ ٻہ (5) پرش آهن، ڪِئُ ۽ اَڪِئُ. هي سرو پدارٿ ڪِئُ آهن، (6) نراليءَ (پرڪرتيءَ) کي اَڪِئُ چئجي ٿو.

17. پر اُتم پرش (وچائين) ٻيون آهي. جو پرماتما سڏجي ٿو، ۽ جو اَڪِٿ ايشور ٽنهي لوڪن ۾ (7) وياپڪ ٿي، انهن جو پرتا ٿئي ٿو.

18. ۽ جڏهن مان ڪِئُ کان مٿي آهيان ۽ اَڪِئُ کان بہ اُتم آهيان، تڏهن لوڪ ۾ ۽ ويد ۾ مان (8) پرشوتم (نالي سان) پرسڌ ٿيو آهيان.

19. جو اڻ موهت ٿي مونکي ائين پرشوتم ڪري ڄاڻي ٿو سو سرو ڄاڻندڙ ، هي ڀارت، منهنجو سرو (9) ريتين سان پوڄن ڪري ٿو.

20. اِئين هي پوتر، مون توکي هي سيني کان (10) ڳجهو شاستر ٻڌايو آهي. جو هي ڄاڻي ٿو سو ٻڌوان ٿئي ٿو ۽ جيڪي ڪرڻ کپي سو هو ڪري ٿو.

◆◆

---

1. اَصل ۾ ويشوانر.
2. اُهي چار قسم آهن؛ کاڄ جو چٻاڙجي ٿو، جو چوپجي ٿو، جو چٽجي ٿو ۽ جو پيئجي ٿو.
3. ڄاڻ يا گيان جي شيءِ، اصل ۾ ويديہ.
4. برهم گيان جو سيني ويدن جو انت آهي. ويدانت جو مهاواڪيہ ”تت توم اسي“ آهي يعني آتما ۽ برهم هڪ آهن.
5. اصل ۾ اهو لفظ آهي، مطلب آهي تہ جيڪي سڀ سنساري روپ ڏسجن ٿا سي ڪِئُ پرش يا هستي آهن ۽ جا اڪِئُ پرڪرتي آهي سا نرالي آهي، جنهن کي سنگ يا راڳ ڪونهي، يا جنهن ۾ وڪار نٿو پوي.
6. اَصل ۾ ڪوٽست
7. اَصل ۾ آويش ڪري يعنيٰ ڳهري
8. يعنيٰ اُتم پرش
9. اصل ۾ ڀاو جنهن جي ڪي معنيٰ ڀاونا ڪن ٿا. پر مطلب آهي تہ هو مونکي سڀ جو آتما سمجهي، منهنجي سڀ ڪنهن ريت ڀڪتي ڪري ٿو. اَڌياءُ 9 شلوڪ 15 پيٽيو
10. اَڌياءُ 10 شلوڪ 1 ۽ اَڌياءُ 18 شلوڪ 63 ۽ 64 پيٽيو

# سوڀو گيانچنداڻي؛ عظيم سماجوادي ۽ ديش ڀڳت

## سنڌيڪار - پارس نواز

**ذلفي ڀٽو ۽ سوڀو:** ذوالفقار علي ڀٽو بہ سوڀي تي موهجي ويو هو. ڪابي ڏر جي چاتل سڃاتل شخصيت بي.ايم. ڪُٽي (B.M. Kutty) آتم ڪهاڻي لکي آهي. جيڪا سچ تہ پاڪستان کي بهتر بڻائڻ لاءِ سندس جدوجهد جو داستان پڻ آهي. ڪٽيءَ، سوڀي جي اٽل اِرادي جو بہ ذڪر ڪيو آهي، پاڪستان ۾ سوڀي کي ستائڻ جا ڏينهن ڪڏهن بہ ڪونہ ڪٽا، هوُ جاگيردارن ۽ رجعت پسندن جي وجود ۾ هڪ چيندڙ ڪندو هئو. هو سوڀي کي ڌمڪائيندا هئا تہ سماجوادي نظرين جي وڪالت بند ڪري، ٻي صورت ۾ ڪيس ڪٽائي ڇڏيندا. ڪيس چتاءُ ڪيو ويو تہ هن جي ڀاءُ واري ٽورڙي زمين بہ وڪرو ڪري هتان هليا وڃن. سوڀي وارن ڪا ڳڻتي نہ ڪئي هو سنڌ ۾ رهيا ۽ ڳوٺ ٻرسان ٿي اسڪول بہ کولرايائون.

سياسي مشڪلاتن سان گڏ سوڀي معاشي عذاب بہ سٺا، زندگي جي تاريڪ مرحلي ۾ جڏهن سندس پُٽ عليل هوءِ علاج لاءِ وٽس ڏوڪڙ ڪونہ هئا تہ لاچاري ۾ سوڀي پنهنجا ڪتاب شاهنواز ڀٽو لائبرري کي وڪرو ڪيا، تنهن هوندي بہ بيماري هن کان پٽ کسي ورتو.

بي.ايم ڪُٽي سانيَر بيان ڪندي لکي ٿو تہ 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ڀٽي سوڀي کي پ.پ ۾ شراڪت جي دعوت ڏني ۽ بار بار ڪيس اهڙيون آڇون ڏيون. پر سوڀي انحراف ڪريو. ڀٽي جي پاور ۾ اچڻ کان پوءِ سوڀي اڳيان مراعاتون رکيون، پر سوڀي انهن آڇن ۽ رياعتن کي ٺڪرائي لاڙڪاڻي لا ڪاليج ۾ استاد ٿيڻ قبوليو ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ پريڪٽس دوران پورهيتن جا ڪيس لڙيو. 1988ع ۾ سوڀو عام چونڊن ۾ بيٺو، قومي اسيمبلي جي مخصوص سيٽ تي ڪٽي آيو تہ نوازشريف ۽ بينظير ڀٽو ٻنهي ڪيس پارٽين ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چيو. پر هن حزب اختلاف وارن سان ويهي غريبن جي حقن لاءِ جاکوڙ کي جاري رکڻ چاهيو. بدقسمتيءَ سان ان انتخابي نتيجي لاءِ ٻيهر ڳڻپ ڪرائيندي، ڌانڌلي ڪري سوڀي جو اسيمبلي ڏانهن رستو روڪيو ويو.

اڪ التي ڏاري سوڀي نئين پاڪستان جي تعمير لاءِ جدوجهد ڪئي. عوام کي انصاف ڏيارڻ لاءِ پاڙ پٽوڙيو، مذهبي رجعت پسندي ۽ مذهب جي نالي ۾ عورت سان متيپد واري سلوڪ جي نندا ڪئي. افغانستان ۾ جنبيل مجاهدين متعلق سندس راءِ هئي تہ سندن جهاد اسلام جي خدمت لاءِ نہ آهي، مصعوم ٻارڙن جون جانيون ڪسي عورتن تي آزادي جا در بند ڪري، مجاهدين اسلام کي استعمال ڪري رهيا هئا، اها وڌندڙ مذهبي انتها پسندي پاڪستان کي هڪ ڏينهن جهنم بڻائي ڇڏيندي،، تنهن ڪري مجاهدين کي ضابطي ۾ رکيو وڃي.

هونئن مشرف جي حڪومت کي جائز نہ سمجهندو هو، پر 2004ع ۾ جڏهن مشرف اِنتها پسندي جي روڪ لاءِ اقدار ورتا تہ سندس حوصلي کي داد ڏنائين. ڪيس ڪمال فن ايوارڊ لاءِ نامزد ڪيو ويو تہ هو گهڻن جي توقعاتن جي برعڪس اسلام آباد ڪونہ ويو ڪيس هڪ آمرڪان ايوارڊ وٺڻ واري ڳالهہ پسند ڪونہ آئي، ۽ جڏهن ڪراچيءَ ۾ تقريب ڪرائي ويئي سوڀي جي ڌيءَ ۽ نائي اُتي وڃي ايوارڊ ورتو.

سوڀو هڪ سچو، کرو ۽ ارڏو شخص هو، جنهن پنهنجيون صلاحيتون ديش جي خدمت ۾ صرف ڪيون. دنيا ۽ پاڪستان جي هاڻوڪي حالتن ۾ هڪ بهتر دنيا ۽ سماج اڏڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ساڄي ڌر جي هر طرح اُڀار ۽ ڪابي ڌر جي سستائي جي صورتحال ۾ بہ هن سماج واد ۾ اعتقاد قائم رکيو. ”صبح ٿيندو“ ۽ ٻيا ليک توڙي سوڀي جا ڪيترا ورهيہ اڳ لکيل آهن، سوڀو ان صبح اچڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو. سندس همت، حوصلي ۽ اعتقاد تي ڪيس سلام پيش ڪريون ٿا.

سنڌيڪار - پارس نواز

(ٽربيوٽ 2 سوڀو گيانچنداڻي) تان ڪوريل

—

# جي ايم سيد ڇا آهي؟

مولانا غلام محمد گرامي

اي سنڌ جا دانشور فرزند!

هن پير مرد توکي سڀ ڪجهہ ڏنو آهي

هن تہ تنهنجي سرزمين کي ادب ۽ ثقافت ، سنڌي زبان جي قدر- قيمت ۽ حب الوطنيءَ جا سبق سيکاريا آهن. تنهنجي روشنيءَ لاءِ ورهين جا ورهيہ نظربنديءَ ۽ جيل جي هيبتناڪ ۽ گگهہ اونداهين ۾ روشنيءَ جي ڪرڻن کي ڳولهيندو رهيو آهي.

تنهنجي لاءِ هر محاذ تي وڙهندو آيو آهي.

پنهنجي عمر جو بهترين زمانو ۽ پنهنجي دولت جو چڱو خزانو تو لاءِ لٽائي ڇڏيو اٿس.

موت ۾ تو وٽان مليا اٿس ڪنڊن جو تاج، لعنت ملامت جي دستار، پاڪر، ڪفر ۽ الحاد جي فتويٰ ! غداريءَ ۽ مڪاريءَ جا الزام، لادينيءَ ۽ لامذهبيءَ جو بهتان!

اي دانشور فرزند!

تون ور ور ڪري ، ان پير مرد جي غلطين کي تفصيل سان ۽ ڪڏهن اِشاري ۽ ڪنايئي ۾ ورجائيندو رهين ٿو.

ڀلا هن ڪنهنجو ڏاڙو هڻايو آهي، يا ڪنهن جي ملڪيت لٽي آهي؟ هن جو گناهہ اهو آهي تہ تنهنجي خوشحاليءَ ۽ اعليٰ تعليم لاءِ پئي پٽڪا پتيا اٿس.

سنڌ سائي رهي ۽ سڪي ستابي رهي سندس رهاڪو مهذب ۽ متمدن زندگي گذاري سگهن. ڪين ڏورن ۽ ڏڱن ۾ شمار نہ ڪيو وڃي. انسان نہ پر اعليٰ انسان تصور ڪيو وڃي.

سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت کي عالم جي امن ۽ سلامتيءَ لاءِ پيغام آهي. اهو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايو وڃي.

ڇا اهو گناهہ ڪو گهٽ آهي ڇا؟ ان گناهہ جي پاداش ۾ سندس لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو ويو آهي؟

اخبارن ۽ رسالن جا فائل موجود آهن، اِنهن کي ڀيهر اُٿلاءِ ڏس. اها ڪا گار ناهي جا هن پير مرد کي نہ ڏني وئي آهي. پنهنجن ۽ پراون، ڌارين ۽ اڌارن هن لاءِ گهڻو ڪجهہ گند ميو آهي.

اي سنڌ جا دنشور فرزند!

سياست هڪ شطرنج واري راند آهي ان ۾ کٽڻ ۽ هارڻ، اڳتي وڌڻ ۽ پوئتي هٽڻ لازمي آهي. اهو ڪهڙو سوار آهي جو گهوڙي تان نہ ڪريو آهي؟ اهو ڪهڙو جنگ باز بهادر آهي جو ميدان مان سڄي لڱي موٽيو آهي. رڳو مڙسن جي مڙسيءَ کي ڏسڻو آهي. نتيجي لاءِ ٻيا اسباب بہ ٿين ٿا . اگر اهي اسباب مهيا نہ ٿا رهن تہ پوءِ هن جنگاهہ ۾ جيت بہ نہ ٿي ٿئي! ڀلا جنهن ماحول ۾ سچ ۽ ڪچ جي تعميز نہ هجي، ڪوڙ بدوڙ تي هر ڪو سندرو ٻڌيون وتي، عزت ۽ دولت لاءِ ضمير کي وڪڻڻ ڪو عيب نہ هجي، ڪرسيءَ لاءِ لغور، نور وانگر واجهائين. منافقيءَ، خوشامند ۽ ٻچاپڙائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ اخلاقي جوهر نہ رهيو هجي. سارو تلاءُ گندگي سان ڀرجي ويو هجي. اُتي ڪا هڪڙي مڇي اَچي ۽ اجري پاڻيءَ لاءِ پيئي پاڏائي

تہ پوءِ ان کي غنيمت سمجھڻ گھرجي. ”پيلي سان ٿي پيل، جيسين رتو راس ٿئي!“

اي فرزند!

اھو

پريو مڙس، سنڌ جي ھڪ تاريخي تحريڪ جو فرد جوان مرد آھي. اھا تاريخ جنھن ۾ درياخان، مخدوم بلاول، سيد حيدر جھڙا سر ڏيئي سرھا ٿيا. ان پوڙھي کي تحريڪ جون خصوصيتون ورثي ۾ مليون آھن.

لطيف چيو آھي تہ:

”پٽيندي سائي، جنھن کي سور ڏنايم سندرا
ٻي ھر ڪائي، ھٽندي ھٽ ميار جا.“

ھن کي بہ سورن سندرا ڏنايا آھن، سو پيو پٽي ۽ پاڻ کي پٽي يا ”اندر جنين اڌ ڏونگر سي ڏوريندين.“ ھن جو اندر بہ اڌ ٿي چڪو آھي، سو ڏونگر پيو ڏري

اي دانشور!

”توکي سنڌ جو قسم؛ چا جي. ايم سيد ۾ رڳو عيب ئي عيب آھن؟ منجھس ڪا ھڪڙي خوبي بہ ڪانھي، اگر ڪا ھڪڙي بہ خوبي اٿس تہ پوءِ ان تي بہ نظر رک.“

”جي. ايم سيد، سنڌ آھي ۽ سنڌ جي.ايم سيد آھي.“ ھي چند لفظ ھينئين سين ھنداءِ.

◆◆

## غزل

✍ پريم پٽافي

منھنجي جيون ۾ جا فقيري آ
عشق ! تنھنجي ڏنل اميري آ

پنھنجي ٻانھن جي وات آ سپ سان
پنھنجي پيري نہ ڪائي ميري آ

ڪنھنجي ڪشتيءَ اڪارجي ڪھڙي!
پنھنجي ھٿ ۾ نہ دستگيري آ

ديس جو سڏ ٿئي نہ پھچون جي
اھڙي سوچي نہ بي ضميري آ

تنھنجي لھجي ۾ ھاڻ جو پياري؟
ساڳي لذت نہ ڪائي شِيري آ

سچ ۽ لچ تہ بہ بندش آ
ڪيڏي اؤکي نہ ھي اسيري آ
سمنڊ ٻوڙي ٿو تنھنجي نيڻن جو
ڇولي ڇولي نگاھ نيري آ
عمر گذري، گذاربي جيڪا
چند لمحن جي يادگيري آ.

◆◆

اھو مذھب نہ مڃان مان،
جو ٻوليءَ جي حفاظت نہ ڪري،
اھو مرشد نہ ڪيان مان،
جو قوم جي قيادت نہ ڪري؟
ڳالھ پلي ڪنھنکي وڻي نہ وڻي
پر چونداسين ڳالھ ڪٽي،
اھو سياستدان آ چمچو،
جو وطن جي سياست نہ ڪري.

- موبائيل جي مھرباني سان

# ليکو تلسياڻي - اعليٰ درجي جو اديب

✍ لکمي کلاڻي

ورهاڱي کان اڳ جولاءِ 1947ع ۾، زندگي پبليڪيشن ڪراچيءَ طرفان ٻهاري چاٻڙيا ’سنڌي ڪهاڻيون‘ عنوان سان سنڌ جي بهترين ليکڪن جون اٺ چونڊ آکاڻيون شايع ڪيون هيون. آسانند مامتورا (ڪڪي)، شيخ اياز، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، لڇمڻ راجپال، رام (امر لعل) پنجواڻي، پون پنجواڻيءَ جي ڪهاڻين سان گڏ، ليکو تلسياڻيءَ جي پهرين ڪهاڻي ’منجري ڪولهڻ‘ به اُن ۾ شامل هئي. سندس ان ڪهاڻيءَ سان گڏ هن نوجوان ڪهاڻيڪار جي واقفيت به هينئن لفظن ۾ درج ڪيل آهي.

’ليکو تلسياڻي‘ فطرتاً ادب ڏانهن گهڻو مائل آهي. شروعاتي واري وقت ۾ هن جي ساهتيه ۾ دلچسپي صرف اردو ۽ انگريزي ادب جي بهترين تصنيفن جي گهري مطالعي تائين محدود هئي، مگر آهستي آهستي هن آکاڻيون ترجمو ڪرڻ شروع ڪيون ۽ هاڻي اصلوڪين ڪهاڻين تي پڻ قلم هلائڻ لڳو آهي. ’منجري ڪولهڻ‘ هنجي بهترين اصلي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هن ’خسيس ڪولهڻ‘ جي زندگيءَ جو هڪ اهم ورق نهايت اثرائتي نموني پيش ڪيو آهي.

هيءَ ڪهاڻي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ کي اهڙي ته پسند پئي جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري، ڪنهن مئگزن ۾ ڇپايائين. ’سنڌي نثر جي تاريخ‘(1968) ۾ هن ڪهاڻيءَ بابت لکي ٿو:

’1947 ۾ زندگي پبليڪيشن جي بانيڪار ٻهاري چاٻڙيا ’سنڌي ڪهاڻين ‘ جو مجموعو ڇپايو هو. جنهن ۾ ليکو تلسياڻيءَ جي ’منجري ڪولهڻ‘ منهنجي نظر ۾ هن دؤر جي هڪ عاليشان آکاڻي آهي. هڪ گهٽ ذات جي عورت جي اُمنگ بابت نفيس پر بيباڪ نوع ۾ لکيل هئي، پر اهڙي ننيڙي هئي جو پائنجي ته وڏيڙي هجي ها ته چڱو.‘

ساهتيه اڪادميءَ طرفان انگريزيءَ ۾ ڇپايل سيني پاشاڻ جي چونڊ ڪهاڻين ۾ جن ٻن سنڌي ڪهاڻين کي شامل ڪيو ويو، انهن مان هڪ هئي امرلعل هنڱوراڻيءَ جي ’ادو عبدل رحمان‘ ۽ ٻي ليکو تلسياڻيءَ جي ’منجري ڪولهڻ‘ . سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ’سونا‘ بابت پروفيسر پوپٽي هيراننداڻيءَ پنهنجي ' 'History of Sindhi Literature (1984) ۾ لکيو آهي ’’ليکو تلسياڻيءَ جي ڪهاڻي ’سونا‘ عورت جي مان مرتبي جي هڪ سهڻي علامت آهي. هيءَ هڪ گهٽ ذات جي عورت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا پنهنجي استريپڻي جي مان مريادا جي رکيا لاءِ مڙس کي ڇڏي ٿي ڏئي. سندس مڙس هر روز شراب پيي ، هن مٿان مار ڪٽ ڪندو هو. مڙس کي ڇڏي هوءَ ميونسپالٽيءَ ۾ نوڪري ٿي ڪري. ڪيس رهڻ لاءِ اُتي پنهنجو ڪوارٽر به ملي ٿو وڃي. هر روز مڙس جون گاريون کائڻ، مارون سهڻ کان ته بهتر آهي ته اڪيلو رهجي. اهڙو مڙس ڪهڙي ڪم جو جنهن کي زال ذات جو ذرو به قدر ناهي.‘‘

ليکو تلسياڻيءَ جون لکيل نو ڪهاڻيون جدا جدا رسالن ۾ ڇپيل پکڙيل آهن، جن کي سهيڙي هن سنگرهه ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جئن سنڌي اديبن جون ايندڙ پيڙهيون پنهنجي هن ادبي ورثي کان محروم نه رهجي وڃن.

هن سنگرهہ ۾ ليکو تلسياڻيءَ جا ٻہ ليک بہ شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌي نثر جا انمول ڳهڻا آهن. ورهاڱي بعد 1950 ۾ ، هن صاحب کي هفتو شانتينڪيتن ۾ گذارڻ جو موقعو نصيب ٿيو. ٽئگور جي هن جڳ پرسڌ وشو ڀارتيءَ جو لاثاني ورنن سندس اديت جاچنا شڪتي ۽ سوکيم محسوسيات جي شاهدي ٿو ڏي. پاڻ هن جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي، پنهنجي هر حواس سان شانتينڪيتن جو ڪلاتمڪ واتاورڻ ماڻيندي، اُن پنيان ٽئگور جي عظيم شخصيت جو اولڙو پسي ٿو.

سوڀي گيانچنداڻي تي لکيل سندس طويل مضمون ديس جي آزادي واري هلچل جو هڪ اتهاسڪ دستاويز آهي. ڇو شيخ اياز سوڀي جو مقام موهن جي دڙي کان اوچو ڏيکاريو آهي؟ اُن جو جواب موهن ڪلپنا کي ليکو تلسياڻيءَ جو هي ليک پڙهڻ بعد ملي ٿو وڃي.

رچنا -50۾ڇپيل پنهنجي خط ۾ موهن ڪلپنا لکي ٿو: ”ليکوءَ سوڀي جي عمر جو اهو ۽ ڪجهہ پوءِ جو عرصو ڪنيو آهي 1930 کان 1947 . نائين درجي کان ڪاليج، شانتينڪيتن. سنڌي ادب بابت سوچ ويچار. شاگرد هلچل، گانڌيواد ۽ مارڪسواد ۾ هلچل سان گڏ ، تن ڏينهن ۾ جيمس جايس جو ’يوليس‘ پڙهڻ، پوليس جو پيڇو. سباش بابوءَ جيان ويس بدلائي ڇمڙا پوش ٿيڻ. ورهاڱي جو زلزلو. جيل ڇوٽڪارو- جيل . دنيا کان ڪتاب جمع ڪري گوبند مالهيءَ معرفت انقلابي تحرڪ پيدا ڪرڻ. ڪڏهن حشوءَ سان گڏ، ڪڏهن پرچي سان. ان دؤر ۾ سوڀي جو روالور رکڻ ۽ تلاشين ۾ گم ڪرائڻ. پاڻ گم ٿي وڃڻ باوجود اُن جي ذهين طبقي جي رهبري ڪرڻ. ايم.اين راءِ کي تہ ڪو شرت چندر ملي ويو، مگر سوڀو ان ڏس ۾ اڪيلو رهجي ويو.“

واقعي شرت چندر پنهنجي ناول ”آزادي جا اُپاسڪ“ ۾ ايم. اين.راءِ کان متاثر ٿي ڊاڪٽر سويہ ساچي جهڙو امر ڪردار خلقيو آهي. ڪاش سنڌيءَ ۾ بہ ڪي ناول نويس اُڀرن جيڪي سوڀي گيانچنداڻي ۽ ڀائي پرتاپ ڏيئلداس جهڙن قداور شخصن کي، سنڌي ادب ۾ جوڳي جاءِ ڏيئي، هميشه لاءِ تاريخ ۾ استاپت ڪري سگهن.

ليکو تلسياڻي ؛ منجري ڪولهڻ ۽ ٻيون ڪهاڻيون- 2009
سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن - اُلهاسنگر

◆◆

ڏکي آ منزل، ڏکي آ چاڙهي،
ٻچي ويا وچ ۾ ڇڏي ڪيئي ٿي ڀاڙي
اسان سان دودو دلير هلندو
هٿ مٿي ڪٽو ڪير ڪير هلندو.

(موبائيل جي مهربانيءَ سان)

# ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي ’عزيز‘

✍ صاحب بجاڻي

ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي ’عزيز‘ برک سنڌي شاعر، نقاد، ناٽڪ نويس، مضمون نويس ۽ زبان دان ٿي گذريو آهي.

ليکراج عزيز جو جنم 19 ڊسمبر 1897ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ زميندار ڪٽنب ۾ ٿيو. هن جي اسڪولي پڙهائي اين.ايڇ.اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿي جتان هن 1915ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي. هو ايلفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو پر سال بعد پڙهائي ڇڏي ڪجهه وقت جواهرات جي دڪان تي ڪم ڪيائين. 1920ع ۾ کان 1947ع تائين ليکراج زمينداري ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ هو لڏي ممبئيءَ ۾ رهيو. اُتي هو ڪي.سي. ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار بڻيو جنهن عهدي تان هن 1962ع ۾ رٽائر ڪيو.

ليکراج عزيز کي اُستاد شاعر جو درجو حاصل آهي. هوُ 13 ورهين جي عمر ۾ مولوي اِمام بخشي معيو وٽ عربي پارسي ۽ 20 ورهين جي عمر ۾ سکر ميان عبدل معيو وٽ عربي پڙهيو. سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب هو ’ڪليات عزيز‘ (2 ڀاڱا 1938ع ). هن شاعريءَ جي هر صنف تي ڪاميابيءَ سان قلم هلايو آهي. ڀارت ۾ لڏي اچڻ بعد سنڌ جي ياد ۾ هن سوين شعر لکيا آهن جن مان ڪيترا سندس ڪتاب آبشار (1953) ۾ ڏنل آهن.

سندس شعرن جي مجموعي صراحي (1963) تي کيس ساهت اڪاڊميءَ جو 1966ع لاءِ اِنعام عطا ٿيو.

سندس ليکراج عزيز ٽي وڏا ناٽڪ بہ لکيا هئا. ڪمار اَجيتسنگهه (1931) غريبان مار (اِنعامي ڪتاب - 1931 ) ۽ مسٽر مجنون (1933) . هن جي مضمونن جي ڪتاب اَدبي آئينو (1941) لاءِ کيس سنڌ سرڪار جي ادبي صلاحڪار بورڊ طرفان اِنعام حاصل ٿيو هو. تنقيدي کيتر ۾ عزيز جا اهم ڪتاب آهن گل و خار (1955) ۽ سامي (1965) . عزيز جو سڀ کان اهم پستڪ، سندس بيماريءَ جي بستري تان لکيل ڪتاب ؛ سنڌي اصطلاح ڀاڱو 1ءَ 2 (1976ءَ 1978)

عزيز جا ٻيا اهم ڪتاب آهن.

گلزار عزيز (شعر - 1944 )، شاعراڻي شمع (شعر - 1944 )، پڇتاءَ جا لڙڪ (3 مثنويون - 1946 ) ۽ ٻهڳڻ ٻول (ٻال ڪوتائون - 1970 )

عزيز جو ديهانت 19 آگسٽ 1971ع تي ممبئيءَ ۾ ٿيو.

عزيز صاحب جي جنم جا 125 سال - سوا صدي ٿي. سنڌو يوٿ سرڪل، اُلهاسنگر- 3 جي لئبرري عزيز صاحب جي نالي پٺيان ليکراج ڪشنچند عزيز لئبرري ۽ ريسرچ سينٽر آهي. لئبرريءَ ۾ سنڌي ڪتابن جو وڏو ذخيرو آهي.

◆◆

## سنڌ

### ✍ ليکراج عزيز

اي هند، سنڌ جي نہ جدائيءَ کي سمجھين تون
چاهي وطن، نہ تنهنجي وڏائيءَ کي سمجھين تون
بيدرد، درد جي نہ ڀلائيءَ کي سمجھين تون
تي چاق ڪيئن، ٻئي جي اگھائيءَ کي سمجھين تون

جت باھہ پيرڪي تي، اُتي سيڪ تو اچي
پڇ تن کان حال، جنجي هٿان هوت تو وڃي
هرڪو رهي تو پنهنجي وطن ۾ تي ڪامران،
جو دور ٿيو وطن کان، سو خاڪ آهہ گلستان

پرديش جي دکن کان وطن تو ڏئي امان
ٿيو خاڪ ۾ اُنهيءَ جي ڪو اڪسير جو نشان
ڪاڏي وڃي سو، جنهن کان وطن آهہ ويو ڦُريو
هر نخل آرزو جو چمن آهہ ويو ڦُريو.

پرديس ۾ وطن جي ستائي ٿي سک تمام،
لب دل جو جام ديد جي ليءَ آهہ تسنہ ڪر
سڀ آب و خور تو ياد کان اُنجي لڳي حرام
جي ڪجھہ منو لڳي تہ لڳي ديش جو ڪلام

آهي وطن جي خاڪ مان تخمير جسم جي
اُن مان ٿي شايد آهہ ٿي تعمير جسم جي
ٿي باغ ۾ وطن جي تمنا جي سڀ بهار
هر طرح سان زمانو رهي ٿي تو سازگار

گل اُنجو دل کي جو تو لڳي جام خوشگوار
ساقيءَ جي ساعد آهہ ٿي هر شاخ زيبدار

◆◆

## سنڌ جون ساروڻيون

### ✍ ليکراج عزيز

1. وطن جي باغ جا وسري نہ بلبل کان ترانا ويا
2. ديس پنهنجو ڇڏي، پرديس وسائي ويٺا..
3. احوال فصل گل ۾، بلبل نہ پڇ وطن جو...
4. من منهنجا کھڙي شمع جو پروانو آهين تون
5. اي هند، سنڌ جي نہ جدائيءَ کي سمجھين تون
6. دوست مون کان هاڻ منهنجو غم (هيراباد)
7. اِنسان آهي سچ پچ حيوان کان تہ بهتر (سنڌي زبان)

◆◆

## رباعي ✍ ليکراج عزيز

1. هي راز ازل جو ڪيو ڪنهن معلوم،
ڪجھہ علم نہ کي حڪمت سمجھيو هوم،
ٻولي تو ٻول ڪير خوش پردي پٺيان؟
پردو تو کڄي، ٿي تو پوي سو معلوم

2. سمجھي نہ سگھيو ڪو بہ ڪڏهن راز حيات،
ٿا پاڻ کٽون مَس تہ اچي وقت ممات،
حڪمت تہ ٻُجھارت نہ اِها ڪنهن بہ ٻُجي،
خواب آهہ، خيال آهہ، ڪ مُرڳو ٽين بات.

3. اقرار جهالت جو اڄي ڪر، اِنسان!
دانا نہ ڪڏهن پاڻ کي سمجھہ اي نادان!
ڏس، علم پرائڻ ۾ لڳائي تو عمر،
ڪڪ جو بہ نہ ٻُجھہ جاڻي سگھين، صد ارمان

4. آهي ڪا خبر توکي ڪرين ڇا ٿو، ڪنيار!
ڪنهن تي تو هنر هوش هلائين هر بار؟
هي ڪنهن کي لتون، مُڪون ۽ ٺڦڙون تو هڻين،
پنهنجي ئي وڏن جي ٿي مٽي، اِڪ پَٽ يارَ!

5. ڪائي بہ ڪرين ڪار، ڪرڻ سِڪُ ڀرين،
درياہ ۾ گھڙڻ چاهين، ترڻ سِڪُ ڀرين،
ڪنهن آهي آزمودي ري ڪجھہ پاتو؟
ٿين باھہ، اڳي تنهن کان ٿَرڻ سِڪُ ڀرين

◆◆

# ڪَنهنِ ڪَنهنِ ماڻهوءَ مَنجهہ.....

✍ گووردڌن شرما گهايل- پُڻي

”ماڻهو مڙيئي نَہ سُهڻا، ڀَڪي مڙيئي نَہ هنجَ،
ڪَنهنِ ڪَنهنِ ماڻهوءَ مَنجِهہ اَچي بوءِ ڀَهارجي.“





مَٿيون سِٽون ہ ٽي پيرا پڙهڻ سان ڪيترائي مائيءَ جا لعل سوچ جي اِسڪرين تي اُڀرڻ لڳا. جِن پنهنجي پنهنجي ڪيترن لاثاني ڪاريہ ڪيا آهن. اڄ اسان هڪ اهڙي انمول رتن بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

برهمڻ، ڪتري، وِئش ۽ شودر اِهي چار وَرڻ مڃيل آهن. جنجي سيني کي خبر آهي؛ اُنهنجي ڪاريہ کان ہ سڀ بخوبي واقف آهيون.

ڀاردواج گوتر جي شرنگي رشي ونش مان پنڊت مرليڌر ڪيولرام شرما جي گهر ۾ 18 اَپريل 1946 تي سوُمر (مهاديو جي ڏينهن) ڏِهاڙي موليہ وان موتي گهنشيام شرما شرنگيءَ جو جنم ٿيو. سنڌ جي ڪنبر شهر جا رهاڪو هئڻ سبب پاڻ کي ’ڪانبرو‘ ہ ڪوٺائيندا هئا. برهمڻ ڪُل ۾ پوڄا پاٺ، ورت واڙي سبب سنسڪرت ڀاشا جو گهڻو واهپو پيو ٿيندو هو. پياري گَهنشيام برهمڻ خاندان ۾ جنم وٺڻ سبب نہ صرف برهمڻ ڪا آڌڪار مڃيا پر ڪُل جي لازمي فرض جو پالن ہ ڪيو. برهمڻ جو مکيہ ڪاريہ آهي- وِديا - اَڀياس ڪرڻ ۽ وِديا -دانُ ڏيڻ. ڀاءُ گهنشيام کي بخوبي ڄاڻ هئي تہ سندس ڪاريہ فقط وٺڻ نہ پر ڏيڻ لازمي طور آهي.

بمبئي يونيورسٽيءَ کان سواءِ پرياگ وِشو وديالیہ مان ڪيتريون ئي ڊگريون حاصل ڪيائين. هن سڄڻ ديش وديش ۾ سنہ 1977ع کان 2006 ع تائين ڪيترن ئي وشين ۾ هزارين وديارٿين جو مارگ درشن ڪيو. اُنهن مان ڪيترائي وڏن عهدن تي پهتا آهن.

پياري گهنشيام شرما برهمڻ ڪُل ۾ جنم وٺي ساهتيہ سادنا ۽ ساهتيہ - سَرجن جو اُتم ڪاريہ ہ ڪيو. ٻوڙهو اڀياس ڪرڻ تہ سندس رَت سان رڳيل هو. ها پرساهتيہ سِرجن ۾ سرگرميءَ، رٽايرمينٽ کان پوءِ ئي رفتار پڪڙي.

ماتر ڀاشا جو قرض چڪائڻ ۾ ہ هِنَ صاحب وسان ڪين گهٽايو. سنسڪرت ڀاشا جا چار مقبول گرنٿ ’پنچتنتر‘ ( سنہ 2011ع)، ’هتو اُپديش‘ (سنہ 2013ع ) ’ميگهدوت - هڪ وِرهہڪوتا‘ (سنہ 2014ع) ۽’اَڀيگيا شڪنتلم، جي ميمانسا‘ (سنہ 2016 ع) ۾ ظاهر ڪري ترجمان جي فهرست ۾ سُٺي جاءِ حاصل ڪيائين.

راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد، نيو دهلي ڪيس مذڪور چوٿين پستڪ تي هڪ لک روپيہ اِنعام عطا ڪيو. سنڌي اڪادمي دهلي ہ هڪ ڪتاب تي ڪيس ڪجهہ مالي مدد ڪئي هئي. اِئين گهنشيام شرما سرڪار طرفان تسليم سنڌي ساهتيڪارن ۾ شريڪ ٿي ويو.

مٿين چئن گرنٿن کان سواءِ گهنشيام شرما هڪ ٻيو ہ انوکو، آڻلُڀ ۽ اهميت ڀريو گرنٿ

’ڪوٽليه جو ارٿ شاستر‘ سنڌي ڀاشا ۾ ترجمو ڪري هند، سنڌ ۾ عالمن ۽ اديبن جو ٻه ڌيان ڇڪايو آهي. هن گرنٿ جو رچناڪار پنڊت وشڻو گپت چاڻڪيه (ڪوٽليه) آهي. سمراٽ چندر گپت موريه جي راڄ ۾ پرڌان منتري چاڻڪيه جا مٿين ٽن نالن کان سواءِ ٻيا به ٻه ناءُ شماريل آهن. جيئن ته واتسياين، ملنگ، درويه مال، انگلي، واراڻڪ، ڪاتياين وغيره. ارٿ شاستر جي ليکڪ طور ڪوٽليه نالي جو ئي پريوگ ڪيو ويو آهي.

رچناڪار هڪ هنڌ چيو آهي:

## मनुष्याणां वृस्तिर र्थः

مطلب ته ماڻهن جي روزيءَ کي ارٿ چئبو آهي.

’ارٿ شاستر‘ جي سمجهاڻي ڏيندي ليکڪ چيو آهي، ”ماڻهن سان وسيلپڻ کي پراپت ۽ اُن جي رکشا ڪرڻ وارن اُپاون جو نرڻيه ڪرڻ واري شاستر کي ارٿ شاستر چئبو آهي.

هن گرنٿ جو نه صرف ڀارت جي ڪيترين ئي ڀاشائن ۾، پر دنيا جي انيڪ مُلڪن جي اَسنکيه ڀاشائن ۾ انواد ٿي چُڪو آهي. اُنهن سڀني ترجمن ۾ اڻويهن- ويهن جو فرق ٿي سگهي ٿو. هي انواد به اُن کان ٻاهر نه آهي.

فقط ٿورڙن انوادڪن سنسڪرت جي اصلوڪن شِلوڪن کي شامل ڪيوآهي. اِها خوشي ۽ فخر جي ڳالهه چئبي ته شري گهنشيام شرما به سنسڪرت جي اصلوڪن شلوڪن کي شامل ڪيو آهي. عجب اِن ڳالهه تي ٿو لڳي ته هند، سنڌ ۾ ڪيترائي مقبول ، مايه ناز ترجمان ميسر رهيا آهن، پوءِ ڪنهن جو ان ڪاريه لاءِ ڌيان ڇو ڪين ويو آهي. لاهور جي هڪ عالم به هن گرنٿ جو ترجمو ڪيو آهي. پر اُهو شايد اُردو زبان ۾ هوندو. (سدا حيات شيخ اياز صاحب شاهه لطيف جي امر گرنٿ، شاهه جو رسالو جو اُردو زبان ۾ قابليه تعريف ترجمو ڪيو آهي.)

هن مڪمل گرنٿ ’ڪوٽليه جو ارٿ شاستر‘ ۾ ڪُل 150 اَڌيايَ ۽ ڪُل 6000 شلوڪ آهن. گهنشيام هن گرنٿ کي ٽن جُلدَنِ ۾ سهيڙيو آهي. پهرئين جُلد ۾ ٻه ڀاڱا آهن. پهرئين ڀاڱي ۾ 21 اَڌيايَ ۽ ٻئين ڀاڱي ۾ 36 اَڌيايَ ڏنل آهن. شروعات ۾ اصلوڪا سنسڪرت شلوڪ ڏئي، اُنهن جو انواد پهرين ديوناگري لپيءَ ۾ پوءِ عربي لپيءَ ۾ ڏنل آهي. عالمن جي چوڻ موجب ته اُهو انواد سُٺو چئبو آهي جو انواد لڳي ئي نه.

هن گرنٿ ۾ ترجمان گهنشيام شرما شروعات ۾ سمراٽ چندر گپت موريه ۽ سندس حڪومت بابت ۽ پوءِ پنڊت ڪوٽليه جي وقت ۾ ڀارتييه اُپ کنڊ ۾ تِجارتي شهرن جو ذِڪر ڪيو آهي.

هن گرنٿ جي پهرئين ڀاڱي ۾ ’راجا جي سکيا‘ عنوان هيٺ آتم وديا، فيلسوفي، ٽِن ويدن سام ويد، رگويد ۽ يجر ويد جي اِستاپنا ، اِرٿ شاستر ۽ راڄنيتي شاستر ، راجا، وزيرن، راجڪمارن ۽ راجدوٽن بابت ڄاڻ ميسر ڪئي ويئي آهي.

ڀاڱي ٻئين ۾ ڳوٺ وَساڻڻ، ڪوٽَنِ، قلعن جو نرماڻ، خزانچيءَ جا فرض، ڪاٺين ۽ ڪارخانن جو بندوبست، الڳ الڳ وڀاڳن جي اَڌڪارين بابت، مُکيءَ جا فرض، سيناپتيءَ جا فرض وغيره، جيون سان واسطہ پهلن تي روشني وِڌل آهي. اِها ڳالهه صاف ٿي بيهي ٿي ته اَرٿ شاستر جي لفظي معنيٰ رڳو Economics نه آهي، پر سماج شاستر ۽ راڄ ڪاروبار وغيره سان جُڙيل ڪيترن ئي مُدَنِ جي ڄاڻ جو ذخيرو هن گرنٿ ۾ ڏنل آهي.

هن گرنٿ ۾ شامل شلوڪن جي رچنا بابت چيو ويو آهي تہ ’اَنُشٽپ ڇَند‘ ۾ جنهن ۾ 32 اکر، اَٺن اَٺن اکرن جا چارِ چَرڻ ٿيندا آهن. ودوانن اِن بابت جُدا جُدا رايا ڏنا آهن. عيسوي سنہ 1905ع کان وٺي اَڄ تائين هن مهان گرنٿ جو ديسي وديشي ڀاشائن ۾ انواد ٿيندو رهيو آهي. ڀاءُ گهنشيام شرما پنهنجي اُدم، اِڀياس ۽ اورچائيءَ سان عِلم ۽ اَنواد جي آڌار تي هرڪا ڳالھہ رڻائتي نموني پيش ڪئي آهي.

بقول سداحيات جناب واسديوموهي - ”گهنشيام شرما سنڌي سماج لاءِ هڪ يڳانو ترجمان ٿي پيو آهي. سنسڪرت ساهتيہ جي ناياب ڪِلاسِڪس کي سنڌيءَ ۾ آڻي وڏو ڪم ڪيو آهي. وشڻو گپت چاڻڪيہ ’ڪوٽليہ جو اَرٿ شاستر‘ ڪو معمولي گرنٿ ڪونهي. اِرٿ شاستر راڄ - وَهنوار، راڄ جي قانوني اِنتظام سان گڏوگڏ مالي اِنتظام هجڻ سبب بيش قيمتي گرنٿ آهي. جو عيسوي سنہ کان اٽڪل 400 سال اَڳ جو آهي.اِها وڏي جوابداري سِقلتا سان پوري ڪري هِن ڀاشا ۽ سنڌي ساهتيہ سان وڏو وڙ ڪيو آهي.

ودوان ڀاءُ ڀڳوان اَٽلاڻيءَ ’ترجمي ۽ اَڀياس جو سنگم‘ عنوان سان مقالي ۾ لکيو آهي ”بي.اي ۾ ارٿ شاستر جي اڀياس وقت ڪچيءَ عمر ۾ سنہ 1968ع ۾ ڏنل سپنو گهنشيام جي اکين ۾ 50 سالن کان قائم رهيو آهي، اِهو عجُوبو آهي. ’ڪوٽليہ جو ارٿ شاستر‘ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجو خواب تہ ساڀيا ڪيو ئي آهي. سنڌي ساهتيہ سان بہ ڀال ڀلايا اَٿس.“

هن گرنٿ ۾ اُن وقت جا ڪجھہ نقشا ۽ چِتر ڏنل آهن، جي ذهين پاٺڪن جي ڄاڻ ۾ اِضافو ڪندا. اِها بہ ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ هر طبقي جي پاٺڪ کي هيءَ گرنٿ پڙهڻ ۾ ڏکيائي محسوس نہ ٿئي.

آخر ۾ پنڊت گهنشيام شرما،’شرنگي‘، ’ڪانبرو‘ کي مٺين مبارڪون
ڪجھہ ڏهاڪا اڳ پنهنجي هڪ لکيل رچنا ياد ٿي اچيم

”ڪي ماڻهو ٿورو ڳالهائيندا آهن، پر سُٺو نہ ڳالهائيندا آهن،
ڪي ماڻهو ٿورو ڳالهائيندا آهن ۽ سُٺو ڳالهائيندا آهن.
ڪي ماڻهو گهڻو ڳالهائيندا آهن پر سُٺو نہ ڳالهائيندا آهن.“

ساڳيءَ طرح

ڪي رچناڪار گهڻو لکندا آهن پر سُٺو نہ لکندا آهن
ڪي قلمڪار ٿورو لکندا آهن پر سُٺو لکندا آهن،
ڪي رچناڪار گهڻو لکندا آهن ۽ گهڻو سُٺو لکندا آهن.“

ڀاءُ گهنشيام کي ڪٿي بِهارجي اِهو سڃاڻ پاٺڪن تي ڇڏيان ٿو. هن ڪتاب تي ليکڪ کي هڪ لک روپيہ اِنعام مليو هو. جيڪڏهن هن ليکڪ جي سِيني ڪتابن تي لکڻ وهندس تہ چڱو وڏو ڪتاب ٿي پوندو. انڪري فقط ٻن ڪتابن تي لکڻ پسند ڪريان ٿو. تنهن ۾ بہ پهريون ڪتاب چاڻو چوي. اِهو اوهان پڙهي چڪا آهيو. باقي هن جي ٻن ڪتابن ’ميگهدوت‘ ۽ ’اِمرسن جي ڪوتا ۾ قدرت‘ بابت مختصر لکڻ چاهيان ٿو.

**’ميگهدوت‘** : پراڻين معرفت پيغام پهچائڻ جي رَوايت دنيا ۾ پُراڻي آهي. هرڻ، طوطا، هنس، ڪانو، ڪبوتر رستي نياپا موڪلڻ جون ڪيتريون ئي ڪٿائون پڙهي ۽ پڙهي چڪا آهيون.

سنسڪرت ساهتيہ جو سِرموڙ مهاڪوي ڪاليداس ئي اهڙو پهريون سِرجڻهارُ هئو، جنهن بيجان بادل (ميگهہ) کي دوُت بڻائي پريمڪا ڏانهن ڏکويل پريميءَ جو پيار سان پُر پيغام پهچائڻ جو نئون انوکو، انوکو پرياس (ڪوشش) ڪيو.

’ميگهدوُت‘ هڪ معنيٰ خيز اَموليہ رچنا آهي، اِن ڳالهہ جي سمرٿن ۾ اَنوادڪ گهنشيام شرما جرمن فلاسافر ڪوي گيٽي ۽ مشهور ٽيڪاڪار مَلي ناٿ جا حوالا بہ ڏنا آهن. ’ميگهدوت‘ سان وابسطہ اَرڙهن پستڪن کي پڙهيو ۽ هنڌايو بہ آهي. اِنٽرنيٽ تي ڏسڻ سان اڄان ٻيا بہ ڪيترا گرنٿ هندي، پنجابي، گجراتي ۽ ٻين ٻولين ۾ ملي سگهندا.

سرڳواسي پنڊت دادا ڪرشنچندر ٽوپڻلال جيٽلي صاحب بہ ’ميگهدوت‘ جو سنڌي ترجمو، ساڳئي ڇند ’مَند ڪِرانتا،‘ جنهن ۾ ڪوي ڪاليداس ڪيو هو.

ڊاڪٽر مرليڌر ڪرشنچندر جيٽلي بہ سنسڪرت ۾ ڪيو.ڪاويہ جي سُٺي سمجهاڻي ڏني آهي. ’نالندا شبد ساگر‘ هندي ڊڪشنري صفحہ II - 1041 تي ’مَند ڪِرانتا‘ لاءِ لکيل آهي.

’مَند ڪِرانت،‘ : (اِسم،مونث، سنسڪرت مان ورتل) 17 اکرن جو هڪ وَرڻ وِرت (ڇَڪرُ)جنهن جي هر هڪ چَرڻ ۾ مَگڻ، ڀَگڻ، نَگڻ ۽ تَگڻ ۽ آخر ۾ ٻہ گرو ماترائون ٿينديون آهن.

सगण भगण नगण तगण ब्रु गुरू

SSS SSS SSS S S

اِن ئي سلسلي ۾ لِکيل چَرَڻ ۾ 22 ماترائون ٿينديون آهن.

هِن ڪاويہ گرنٿ ۾ ڪيتريون ئي ڌيان ڇڪائيندڙ ڳالهيون ڏنل آهن . جيئن تہ:

(1) عالماڻي مُهاڳ ۾ نظر وِجهڻ سان پتو پوي ٿو تہ گهنشيام شرما کي نہ صرف ساهتيہ جي سُٺي ڄاڻ حاصل آهي. پر تواريخ، جاگرافي ۽ نِيتي شاستر ۾ بہ مهارت حاصل آهي.

(2) 192 صفحن جي ’ميگهدوت‘ ۾ پهرئين حصي ’پوُروَ ميگهہ‘ ۾ 66 شلوڪ ۽ پوئين حصي ، ’اُتر ميگهہ‘ ۾ 63 شلوڪ، ڪُل 129 شلوڪ ڪوٺ ڪيل آهن.

(3) هر شلوڪ جو اَصلوڪو سنسڪرت روُپُ ۽ اُن سان گڏ سِنڌي ڪاويہ روُپ سان گڏ ’وِشيش ڪَٿنُ‘ (سمجهاڻي) بِہ ڏنو ويو آهي. پاٺڪن کي اِها ڳالهہ وڻندي.

(4) وِچ وِچ ۾ ڏنل تصويروُن ، کي رنگين تصويرون بہ ڪتاب جي سونهن ۾ اضافو آڻين ٿيون.

(5) صفحہ 108 تي مُندوُن، مَهِنا ۽ گُلَ پڙهي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي ٿو.

(6) ڪتاب جي عنوان ۽ مهاڪوي ڪاليداس جي جيون تي سُٺي روشني وِڌل آهي.

(7) ذهين ۽ عام پاٺڪن کي پڙهڻ ۾ سهوليت ٿئي ۽ مزو ماڻي سگهن، ان لاءِ هر اکر سان شروع ٿيندڙ شبداولي سنسڪرت، اُن جي سِنڌِي روُپ ۽ معنيٰ سان ڏني ويئي آهي.، انوادڪ اِهو سُٺو ڪم ڪيو آهي.

(8) ’ميگهدوت‘ جي ٻِنهي حصن تي نهڪندڙ شلوڪ ڪتاب جي ساهتڪ سونهن وڌائين ٿا.

(9) سيني شلوڪن کي ’اَ‘ کان ’هہ‘ تائين اَکرن جي حساب سان ڏنو ويو آهي. اِن مان کوج ڪندڙن کي مدد مِلندي.

(10) ’ميگهدوت‘ ۾ ڪم آندل نالن جا پُراڻا ۽ نوان روپ ٻڌائي انوادڪ پنهنجي سُٺي ڄاڻ جو

پريچيہ ڏنو آهي.

ٿوري ۾ اِئين چوڻ چاهيندس تہ ’ميگهدوت‘ ڏسَڻ، پڙهڻ ۽ هنداڻڻ سان مَن کي موَج، روح کي راحَت، چِت کي چئن ۽ آتما کي آنند پراپت ٿيندو.

**’اِمَرسن‘ جي نظر ۾ قدرت :** شري گهنشيام شرما، شرنگي، ڪانبروءَ کي بطور ترجمان تہ تسليم ڪيو ويو آهي پر هِن پياري ۾ ساهتيہ سِرجن جي اُسات بہ آندر ۾ اُٿل پُٿل ڪري رهي هئس. هن ڪتاب جي مُطالع سان اُن جو پڪو ثبوت ملي ويندو.

ليکڪ هن ڪتاب ۾ پنج اَڌياءَ ڏنا آهن:

اَڌياءَ 1 :- رالف والدو اِمرسن (1882-4-27 - 1803 -5- 25) جو مختصر جيون - پريچيہ.

اَڌياءَ 2 :- من جو وڪاس

اَڌياءَ 3 :- قدرت جي اوڏارڻا

اَڌياءَ 4 :- اِمَرسن جي نظر ۾ قدرت بابت ڪَلپنا جا اِستروت.

اَڌياءَ 5 :- نتيجو.

ننهي لِپين ۾ 224 صفحن ۾ شايع ٿيل هن ڪتاب ۾ ليکڪ رڻائتي نموني موضوعن جي ورهاست ڪئي آهي. جيئن پي.ايڇ ڊي لاءِ ٿيسز تيار ڪبي آهي. اِمَرسن صاحب انگريزي ادب ۾ پهرين صِف ۾ اهم ترين ليکڪ مڃيل آهي. ذهين پاٺڪ ڪتاب پڙهي پاڻ رايو ڏيندا.

هن ڪتاب جو تعليمدان پرنسيپال ڊاڪٽر ونيتا ٻسنتاڻيءَ تبصرو ڪندي چاڻايو آهي، ”پرڪرتي، پرماتما جي رچيل، سهڻي سوکڙيءَ جي سندرتا کي محسوس ڪرڻ لاءِ، اندر جو سڄاڳ رچناڪار ۽ پرکڻ واري نظر ئي سگهي ٿي، جا گهنشيام شرما، شرنگيءَ وٽ آهي. سنڌي ادب جي شاگردن کي اِمرسن جهڙي اديب کي پڙهڻ ۽ ماڻڻ لئہ هيءُ ڪتاب مدد گار ٿيندو.“

بقول ڀڳوان اِٽلاڻي ؛ ”جيو - جنگهر، جَڙ - چيتن، سڄيو - نِرجيو، ندي - پهاڙ ۽ پسون پکي قدرت جا بيبها روپ بڻجي پرماتما جو مُشاهدو ٿا ماڻين. روحانيت جي قديميت کي گهنشيام شرما اِمرسن ۾ اوتي ڇڏيو آهي.“

هاڻي اَچو تہ اَسان بہ ڪجهہ ماڻيون:

اِمرسن جا رهسيوادي گيت

* ”ماڻهون هڪ تباهہ ٿيل ديوتا آهي.
جڏهن ماڻهون اَبوجهہ هوندا آهن
تڏهن دِيرگهہ آلوَ ٿيندا ۽ ديوتا ٿي ويندا آهن.“

* ”اَسان جا شيِ ساڏن
اَسان جي آنند وانگر يا خزاني وانگر؛
سنسارسَنسارُ يا تہ اَسان جي ڪاڏي جو ڪَپُٽُ آهي
يا شُڪر جي اَلماڙي آهي.“

* ”تارا اَسان جي سُمهڻ لاءِ آهن
راتِ پڙدو ڍڪي ٿي
سِج اُهو پڙدو کڻي وٺي ٿو

سنگيت ۽ سوجهروآسان جي مَن ۾ وچن ٿا.
سَڀُ شيون آسانجي شريريا ونش لاءِ
يا ونش پرمپرا ۽ پراڻيءَ لاءِ
آسان جي مِنَ ۾ پنهنجي اُتڪرش
۽ ڪارڻ آسان جي مَن ۾ آهن.''

* ''وڏيڪ شيوڪ ماڻهوءَ جي
شيوا ڪرڻ لاءِ بِينا آهن
بَنِسبت اُن جو سارُ لهڻ لاءِ. ''

* ''هرهڪ رستي ۾ ، هوُوَهنوارُ ڪري ٿو
تہ اُهو اُن کي دوست ٿاهيندو
جڏهن بِيمارِي اُن کي نِستيج ۽ ڪمزور ٿاهيندي
اُهو پريہ شڪتيوان ! ماڻهون هڪ سَنسارُ آهي
۽ اُن جي شيوا لاءِ پيو آهي. ''

مِترؤا مٿي بہ مون چيو آهي تہ ''شُنوترجمو اُهو چڱبو آهي، جيڪو ترجمو لڳي ئي نَہ. پاڻ پاڻ فيصلو ڪَنِ.

Mob .9823788690

◆◆

## جواب

✍ ناديا مسند - انڊور

دل ٿي چاهي
هڪ نظم لکان
جنهن ۾ ڪجھہ درد
ڪُجھ غم لکان
لفظ سڏڪا ڀرن
قلم مان خون وهي
اذيت ڪان مونکي بچائي!
هن جي وڇوڙي جو خوف
مونکي ڇرڪائي ٿو
مان اڪثر پنهنجي خيالن جا
نا مڪمل جواب لکي
خاموش ٿي ويندي آهيان
مونکي اِها خبر آهي
تعلق اگر ڪمزورهجي
تہ ڪجھہ ڳالهين جا جواب نہ
ملندا آهن
هو وڪريل آهي مون ۾
ساهہ ڪان روح تائين
ڪوئي تمنا
طلب باقي نہ آهي
اَنتظار آهي بس
هڪ جواب جو.

◆◆

رات گذري وئي صبح
ٿيو پکين کوليا پر
ڪن ميڙيا ماڻڪ موتي
ڪن ميڙا ڪک
مليا اُنهن کي لک
جن اميد نہ لاٿي اللهہ مان

# منهنجو دوست....

## ڊولڻ راهي

16 مئي 1949 ۾ اجمير ڄائو **پرهلاد خوشحالداس ڪرمواڻي** منهنجو اڌ صديءَ کان همراهه، هم قدم، همنفس.همدم توڙي ۾ ڄوان تہ دل گهريو دوست آهي. مٿس ڪجهہ لکڻ پاڻ تي لکڻ آهي. ستن ڀائرن ۾ وڏو آهي ۽ پتا جي هوندي خواہ ڪانئس پوءِ وڏپڻ جا سڀ فرض بخوبي سرانجام آڻيندو رهيو آهي اڄ سوڌو. پاڻ ٽن ڀارن (ہِ پٽ هڪ ڌيءَ) جو پيءُ آهي. ٽئي ٻار ٻارن ٻچن وارا آهن. وڏو پٽ سالن کان سنڌورڪي آهي، ننڍو اجمير ۾ ئي ڌنڌو ڪندو آهي ۽ ساڻس گڏ رهندو آهي. پاڻ چترڪاريءَ سان ننڍي لاڪر وائيل آهي.راجستان يونيورسٽيءَ مان چترڪاريءَ ۾ پوسٽ گريجيوئيٽ ڊگري يافتہ ۽ گولڊ ميڊلسٽ آهي. پرسڌ چترڪار رام لعلچنداڻي سنڌس سهپاٺي ۽ ڀڳمت يار رهيو. جڏهن بہ ممبئي وڃڻ ٿيندو هوس تڏهن رام سان ضرور گڏبو هو. رام هر دفعي چوندو هوس، ”ممبئي آسودگي تہ ڏني آهي پر هتي من کي سڪون نٿو ملي. اجمير ۾ ڏِسُ ڪا اهڙي جاءِ ملي جتي ٻئي ڪٽنب سوڏا گڏجي رهون.“ حالتن جي مدنظر اِئين تہ نہ ٿي سگهيو. پر اجمير کي مِس ڪندو هو ۽ اجمير جو ذري پُرزي حال احوال ضرور پڇندو هوس. ڇاڪاڻ پنهنجو شهر هر اِنسان جي اندر هميشهہ زنده رهندو آهي.

پرهلاد هاير سيڪنڊري پاس ڪري مون سان گڏ ٽلواڻي صاحب واري آدرش وديالیہ ۾ ماستري پيشو اختيار ڪيو. اسانجي چوند سنگيت ۽ چترڪاري سبب ٿي، ڇاڪاڻ ٽلواڻي صاحب ڪلا پارکو هو. ڪجهہ سالن بعد هوُ سرڪاري بجلي وڀاڱہ جو ڪارڪن ٿيو ۽ آخر اُتان 2009 ۾ رٽاير ٿيو ۽ اڄ پينشن بردار آهي. نوڪريءَ دوران نہ رڳو چترڪاري وارو شوق برقرار رکندو آيو پر اُن ۾ ڊگري پڻ حاصل ڪيائين. ڪافي انداز ۾ ماڊرن گرئفڪس ۽ ٽرئڊيشنل پينٽنگس ٺاهڻ کان سواءِ اجمير مان جيڪي بہ ادبي ڪتاب شايع ٿيا، ڪم وبيش سڀني جا سر ورق هن ڊزائين ڪيا. 1968 کان اڄ تائين نارائڻ شيام، هري همٿاڻي، گوورڌن ڀارتي، هيم ناگواڻي، ڪملا گوڪلاڻي، سريش ببلاڻي، ڊولڻ راهي، جيا جادواڻي، گهنشيام شرما وغيرهہ جا جيڪي ڪتاب اجمير ۾ ڇپيا، تن سڀني جا (ايڪڙ ٻيڪڙ کي ڇڏي) سر ورق سينگارڻ جو جس هنکي ئي آهي. ڪونج ۽ سُرڀي سان بہ قرب نڀايائين. اڄ تہ ڪمپيوٽر مهاشيہ وڏي سهوليت ميسر ڪري ڏني آهي. پر جڏهن سڄو ڪم هٿ جي هنر ذريعي ڪيو ويندو هو تڏهن بہ هن ڪنهن کان ڪڏهن ڪنڌ ڪونہ ڪڍايو ۽ پنهنجا ڪم ڪاريون سيڙائي، جوڳ پڇائي يارن جا ڪم اُڪلايائين ۽ اِهو سڄو پورهيو پيار وچان ڪيائين ۽ نہ پئسي پنجڙ خاطر. سنڌس پينٽنگس جا ڪجهہ نماءُ بہ اجمير پشڪر جئپور وغيرهہ ۾ ٿيا. سوامي ٽيئونرام ۽ سوامي ماڌوداس جي جيوني بہ چترن ۾ ظاهر ڪئي اٿائين جا آدرش نگر اجمير واري آشرم جي شوڀا وڌائي رهي آهي. هونئن بہ سنڌس وڏا ٽنڊي آدم جا هئا انڪري پاڻ بہ پڪو پريم پرڪاشي آهي. هر روز ستگرن جي ڪا نہ ڪا سڪيا ۽ سندر چتر وارو مئسيج واٽس اپ تي ڏيڻ سان صبح جي شروعات ڪندو آهي. مان ڪابہ نئين تخليق ڪريان تہ پهرين کيس موڪليان. هو تتي تئيءَ اُن کي پنهنجي ڪلپنا سان ڪمپيوٽر نقش نگاريءَ ۾ ترجمو ڪري موڪلي. مان ڪڏهن ڪڏهن عجب ۾ پئجي ويندو آهيان تہ ڪيتري سوکمتا سان منهنجي ڀاو جڳت کي محسوس ڪري پنهنجي سوجهيءَ سان چترڪاريءَ ۾ تبديل ڪندو آهي.

ڪٽنب جو وڏو هئڻ جي حيثيت ۾ نه رڳو پنهنجي پر پاڙن جي ڪٽنبن سان شادي غمي ۽ ٻين ضروري ڪمن ڪارين وقت صلاح مصلحت ڪان وٺي ڪم ڪار ۾ ٻانهن ٻيلي ٻڻجي حاضر رهندو آهي. سالن کان ڪيس نگري بيماريءَ به هلاڪ ڪري مان ڪين گهٽايو آهي. پوءِ به ڪم وقت يا يارن جي ياد ڪرڻ تي اُڏامڻو ايندو. کل ٽوڪي، چرچي ڀَڀي واري ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ راڳ توڙي ادب جو شوقين آهي. سندس ڀاءُ مهاديو ممڪري آرٽسٽ آهي ۽ ٻيو ڀاءُ لعل ڪرائوڪي ٽيڪنيڪ سان ڏکڙ تي اٿو لڳايو ويٺو آهي.

رٽايرمينٽ کانپوءِ وقت ڪٽڻ لاءِ ۽ يارن کي ڦاٿنيڪو ۽ سکي ڪرڻ لاءِ به ٽي بنگلا جوڙايا اٿائين. فطرتي طور شريف ۽ ظريف آهي، حريف ته بلڪل نه. موهن سان هري همٿاڻي ۽ ٺاڪر نيڀواڻيءَ سان پختا پريت جا پيچ اٿس. گهر ۽ ٻڙ سان توازن رکي خوش مزاجيءَ سان زندگي گذاريندو اچي. شل ڏاڏي ڪيس شاد آباد رکي.

◆◆

## غزل ✍ ناري لڇواڻي

اوڻايون نه ڦجن
ته سُڌارڪ نه ٿڳن

پيت ڪٿي ڪِن جا
پيت پيا پلجن

جن وٽ ڪونهي ڪجهه
سي ئي ٿا لُٽجن

نازڪ هلي هوا
ڦَقِڙ پيا ڦٽڪن

کَهي وڃي ڏاريو
وَڏ پنهنجا نه وڃن

ڪجهه پي ڪونه ڏنو
وڏن وڏن جلسن

مُلڪ وڏو ڪاري
اَڄ جي اُستادن

سِڄ کي شَرمايو
بِجليءَ جي بَلبن

رُڄ ۽ اُڄ بجاءِ
جهرٽا ڪَل ڪَل ڪَن

هاري پوءِ به خوش
ٽَپ ٽَپ گهرَ ٽپڪن

◆◆

## وائي

### ✍ نسيم بخاري

اعليٰ انساني اتهاس
راءِ بهادر اوڌو داس

صدين کان پوءِ ماڻهو جڳ ۾
پيدا ٿيندو آهي خاص
راءِ بهادر اوڌو داس

صحت گهر جوڙائڻ لاءِ
چندو وٺڻ ويو مدراس
راءِ بهادر اوڌو داس

عجز جو هو احساس انوکو
شهر جي وک وک ساکي واس
راءِ بهادر اوڌو داس

ورلي ئي ڪو ڏکه ڏٺي تو
ماڻهو اڙو فرض شناس
راءِ بهادر اوڌو داس

◆◆

# لکمي ڪلاٺيءَ جا سنڌي ناٽڪ

✍ پريم پرڪاش

لکميءَ جا وڏا خواه ننڍا ناٽڪ، نہ فارس، نہ ميلو ڊراما، نہ ڪاميڊي، نہ ٽريجڊي، پر گنڀير، سنجيده، ڪردارن جي سوچ ويچار سان مسافري ڪندڙ ، شڌ، نرمل، منورنجن وارا هجڻ باوجود، درشڪن کي ٻڌي رکڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن.

وڏا ناٽڪ

| | | |
|---|---|---|
| 1. | ڳڏا ڳڏيون | 1984 |
| 2. | واريءَ سندو ڪوٽ | 1987 |
| 3. | پنهنجو دشمن | 1993 |
| 4. | ڪوڙا ڦاس | 2007 |

ننڍا ناٽڪ

1. فيصلو، 2. ڪاريهر، 3. نامرد ڪٿان جو

سيئي ناٽڪ منچ تي اچي چڪا آهن. هڪ ٻن شوز کان 15 تائين 'واريءَ سندو ڪوٽ' 13 شهرن ۾ 15 شوز. اهي ٽيئي پهريان وڏا ناٽڪ جدا جدا شهرن ۾ ٽن سالن جي عرصي ۾ منچ تي ٿيندا رهيا. هڪ ئي ليکڪ جا لکيل وڏا، اصلوڪا، سنڌي جيوت جي نجي مسئلن جا ڦهڪايل سنجيده، هڏ ماس جا ساهہ کڻندڙ سنڌي ڪردار. ڪردارن جو ٻاهريون خواه من سنسار جو حقيقي چٽ- سنجيده- اڄ جي زندگي، حالتن، ڪشمڪش، مقابلو ڪرڻ جي قوت، جاتيءَ جي ڪن ترت ڏيان طلب جي مسئلن جي، اندرين سچن کي پڪڙڻ جي واڌو سچيتي. وري بنا ڪنهن فارس، ڪاميڊي ڪردارن جي باءِ پلاٽ جي/ ڪمزور مراد کان نجات.

مون 'واريءَ سندو ڪوٽ' جي پٺئين ڪور تي لکيو هو: ''سنڌي ناٽڪ کي ليکن خواه رنگمنچ جي خيال کان نئين سر اڀج ڏيڻي آهي تہ، پهرين اها پڪ ڪريون تہ سنڌي درشڪ کي 'سنڌي ناٽڪ' ئي ڏيئي رهيا آهيون. جيڪو ڪين هر لحاظ کان پنهنجو لڳي. اصلوڪو هجي، سنڌي جيوت جي نمائندگي ڪندو هجي. اهو هر سنڌيءَ جي من-دنيا جو حال احوال اوريندو هجي. سندس هر خوشي، غم جو ڀاڱي ڀائيوار ٿيندو هجي. سنڌي ناٽڪ فن ۾ ڪجهہ جوڙيندو هجي. ان کان سواءِ سنڌيءَ ۾ ٻيو ناٽڪ پرائو آهي، ڌاريو آهي. ڀل ان کي اسين ڪيترا بہ ويس وڳا پهرايون، وقت ڏيون، پئسا خرچ ڪريون ۽ سنڌي درشڪ تي مڙهيون.'' لکمي ڪلاٺي سستي قسم جي وندر ۽ مشهوريءَ کان بنهہ پاسيرو رهندو آهي.

لکمي ڪلاٺيءَ جو ''ڳڏا ڳڏيون'' ان ڏس ۾ پهريون قدم هو تہ ٽنهي ايڪانڪي سميت 'واريءَ سندو ڪوٽ' ۽ 'پنهنجو دشمن' سان گڏ 'ڪوڙا ڦاس' ان جو ڀروسي جوڳو ضامن.

ورهاڱي بعد گهڻو تڻو سنڌي منچ تي فارس - ڪاميڊي ناٽڪن سان 'سنڌي' ناٽڪ جي چٽي تصوير ضرور جڙي ٿي. 'سنڌي ناٽڪ' جو مفهوم شڪل پائي ٿو. ڪجهہ ئي سال اڳ آديپور ۾ ٻن ڏينهن جو ٽن وڏن ناٽڪن جو فيسٽيول رکيو ويو هو. 'ڳڏا ڳڏيون'، 'پنهنجو دشمن' ۽ 'واريءَ سندو ڪوٽ' ڪنهن هڪ ليکڪ جي ٽن وڏن اصلوڪن 'سنڌي ناٽڪن' جو پهريون دفعو فيسٽيول ٿيو هو.

سندس ناٽڪن کي توهين بلڪل سهجتا ۽ سرلتا سان سمجهي ويندا. کي بہ وڪڙ نہ. ناٽڪي پڪڙ پختي. ڪيئن ٿو اوسر - وستار ڏئي ناٽڪڪار! سڀئي عناصر بلڪل توازن ۾. (ڊئلاگ) ٻولي سولي، تز، اثردار. ڪِٿ ڪِٿ گفتگو لنبي....

لڪمي ڪلاڻي ستيہ جيت ري ۽ بادل سرڪار جو هڪ سڄاڳ پاٺڪ درشڪ رهيو آهي. ستيہ جيت ري جي جيونيءَ ۾ هن لکيو آهي: ”بنگال ۾ گهڻو عرصو رهڻ سبب آتان جي ڀاشا، ساهتيہ سنسڪرتيءَ ۽ خاص طور ستيہ جيت ري جي فلمن ۽ بادل سرڪار جي ناٽڪن جو ويجهڙائيءَ تان اڀياس ڪيو اٿم.“ مونکي خبر آهي لڪمي، ڪلڪتہ ۾ سنڌي يوٿ ائسوسيئيشن جو هال ٻن سالن لاءِ بادل سرڪار کي ناٽڪ ڪرڻ لاءِ ڏنو هو. ستيہ جيت ري پهرين پنهنجين فلمن جي هدايتڪاري ڪندو هو، ڏيري ڏيري هن ٻوين سيني فلمن ۾ ڪيئي ڪم پڻ ڪيا. ٻٽ ڪٿا تيار ڪرڻ، گفتگو لکڻ، اسڪيچز، ڪئميرا سنڀالڻ، ايڊيٽنگ، ميوزڪ وغيرهہ. بادل سرڪار جو مڪت آنگن ٿئيٽر آهي. انٽرنئشنل ليول تائين پهتل. ان لاءِ خاص ناٽڪن جي ضرورت آهي. بادل سرڪار پاڻ ناٽڪ لکيا ۽ پاڻ ئي هر ناٽڪ جي هدايتڪاري ڪئي. ڪيترن ناٽڪن ۾ ڪردارن جو اڀينيہ پڻ ڪيو. پر لڪميءَ پنهنجن وڏن ناٽڪن جي هدايتڪاري ڪانہ ڪئي. سندس ناٽڪ لبکن خواهہ منچ جو گرامر پختو آهي. انکري بہ جو ڏهاڪن تائين ڪلڪتي جي ڪيترن ئي ناٽڪن کي هن ڏنو آهي. جڏهن بہ ڪيس ٻاهرين ملڪن ۾ وڃڻ مليو آهي (گهڻيئي ڀيرا) هن اُتي بہ ٿئيٽر ۾ وڃڻ جو وجهہ ڪونہ ڇڏيو آهي. لڪميءَ ۾ هڪ اروڪ وهڪ آهي. زم واري.

جيئن تہ لڪميءَ آديپور اچي وسايو، اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اِسٿاپنا بعد هن ٻين ڪمن سنئون ٿئيٽر ناٽڪ کي بہ اهميت ڏني. ’ناٽيہ - ڪنور‘ جوڙي گڏا گڏيون ۽ پنهنجو دشمن ناٽڪ تيار ڪيا. هڪ ٻارن جو وڏو ناٽڪ تيار ڪرايو. سنڌي ڊراما ورڪشاپ کي بہ واريءَ سندو ڪوٽ پيش ڪرڻ لاءِ گهڻي مدد ڪئي. الڳ الڳ شهرن ۾. خاص بمبئيءَ ۾، ٻين شهرن جي درشڪن کي اِهو وشواس ڪونہ ٿي آيو تہ سنڌيءَ ۾ اهڙا سنجيده ناٽڪ بہ ٿيندا آهن! بمبئيءَ جي درشڪ کي بہ هي ناٽڪ پسند پيا هئا. پر بمبئيءَ جي فارس - ميلو ڊراما - دنيا سان وابستہ سيني بادشاهہ هدايتڪارن ۽ وابستہ سڄڻن کي هي ڊراما هضم ڪونہ ٿيا هئا. در اصل خطرو لڳا هئا. خئر، لڪميءَ آديپور ۾ ناٽڪ ورڪشاپ ڪرايا. ايڪانڪي ناٽڪ تيار ڪرائي، سنڌالاجي بنگلي جي ٿلهي تي پيش ڪرايا. ’جيون گرسهاڻي رنگ شالا‘ جوڙائي، جيڪا سائونڊ لائيٽنگ سسٽم بغير هڪ ڪوڪو موجود آهي. اِئين تہ لڪميءَ جي حشمت ڪلڪتي جهڙي دور دراز شهرن ۾ ننڍن وڏن ناٽڪن جا ٽن ٽن ڏينهن جا فيسٽيول بہ لڳايا آهن. جتي ڏيڍ سو ڪن ڪلاڪار اچي گڏ ٿيندا هئا. اهو سڀ لکڻ پنيان منهنجي مراد صرف ٻہ ڳالهيون چوڻ جي آهي. هڪڪ ـ لڪميءَ جي سنجيده ’سنڌي ناٽڪ‘ خواه منچ کي ڪِٿ اِسٿاپت ڪندي، تہ ڪٿ اِسٿاپت ٿيل کي وڏيڪ زور وٺڻ لاءِ ڪيل جفاڪشيءَ جو نوٽ وٺڻ آهي. هن ٽي سهڻا ناٽڪ ڏنا. ڪجهہ يادگار ڪردار خلقيا.

لڪميءَ جو سپاءُ جدا جدا ياترائون ڪرڻ جو آهي. ساهتيہ ۾ صنفن جي ياترا، سنسٿائن جي ياترا، سنڌالاجيءَ جي ياترا، اسڪول کان وديا پيٺ جي ياترا.... گوبند مالهيءَ جيان لڪميءَ جو ٻير ناٽڪ ياترا لاءِ پختو ڪڇيو ٿي مس تہ هو ٻي ياترا لاءِ تياري ڪري وٺو. فلحال هو ناٽڪ ياترا تي ڪونہ آهي. سنگيت ياترا تي آهي. ناٽڪ ياترا ٻين فني ياترائن کان ڏکي آهي. اها سنڌيءَ ۾ تهائين ڏکي آهي. سنجيده ناٽڪ ڪندڙن کي ان مان ڪجهہ تہ ڪونہ ملندو آهي. سڀ ڪجهہ ڏيڻو ئي پوندو آهي.

هند ۾ ناٽڪ ڪڏهن بہ پنهنجي پيرن تي ڪونہ بيهي سگهندو آهي. هڪ شاهوڪار جاتيءَ جو غريب ناٽڪ اڪاناميءَ وارو ناٽڪ، مجبوري آهي. اهو هڪ سچ آهي. جڙيل سچ وڏيڪ زهريلو آهي. اسان جي جاتي ڪنهن بہ آرٽ فارم کي ۽ ساهتيہ کي، ان معنيٰ ۾ پنهنجو، پنهنجي جيون- سوچ جو، پنهنجي تهذيب جو حصو ڪونہ بڻايو آهي، جنهن معنيٰ ۾ ٻين ڀارتيہ جاتين - ڪارڻ ڀوءَ کهڙا ۽ ڪيترا بہ هجن. ويڏن اسان جي سوچ، جذبي ۽ منورتيءَ سان آهي. اسان جي رت ۾ دنيا ڀر جو ٻيو سڀ هنر آهي. پر هي چيزون نہ آهن. لکميءَ جي لڙائي بہ ان سان آهي. لڙائي جيڪا سندس ناٽڪن ۾ بہ نمايان آهي.

**ڪوتا ڦاس:** آمريڪا جي ڪنهن شهر جو گرين ڪارڊ هولڊر هسبنڊ وائيف هر طرح ويل سيٽلڊ آهن. زندگي جيئڻ لاءِ گهربل هر پهلوءَ کان هڪ ٻئي سان ڪميٽيڊ بہ، آزاد پڻ..... خوشحال.

America is a Land of great opportunity

پر هاڻ ان روٽين ۾ هر روز ڪجھہ اڻوڻندڙ تي رهيو آهي. ڪردار چار آهن ۽ بہ ٻار. هئري (40)، ديپا(35)، ساوتري (60)، ايشور(65). گهر اندر رهندڙ (4+2) بہ ٻار. هر ڪردار کي خبر آهي تہ ڪيس ائمريڪا مان، هن گهر مان ڇا کپي، يا نہ کپي. پتا (تاس جا) بہ سيني سامهون کليل آهن. پر هر ڪو تلاشي رهيو آهي ان پتي کي، جيڪو ڪيس گهربل آهي، هو اُن لاءِ قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهن. سيني کي هڪ ٻئي کي استعمال ڪرڻ جا پلان بہ آهن.

هئري، ديپا (ڪردار) (40, 35) ايڏي وڏي ايمپاير هوندي بہ اڃان ڪين ڦهلجڻو آهي. چاهي ٿو سهري کي پاڻ سان ڏنڏي ۾ ڪٽي.... پارٽنر بہ ٺاهي... ٻئي ٻار ائمريڪا ۾ ٿي رهن... ديپا هن لاءِ هڪ ڪم ايندڙ وستو آهي، بستري تي. ان کي انديا اچڻ ڪونہ ٿو ڏئي. باقي ديپا سان رشتو ويئگرا ذريعي... ديپا سمجهي ٿي تہ نپوسنڪ مرد مان کهڙي ٿي اميد رکي سگهجي. ٻارن ڪري انديا بہ نٿي اچي سگهي، نہ هئري کي، گهر کي ڇڏي.... ڪوتا ڦاس....! سانتيڪي سڀاوَ سان سروس، ڪچن ، گهر، پتي، ٻار سنڀاليندي... هوئڻ بہ نيرس روٽين ۾ رهڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو بہ ڪهڙو آهي؟

ايشور (65) هو چاهي ٿو پنهنجي سن-ان-لا سان ملي ڪري ائمريڪا مو بزنيس ڪري ۽ آمريڪن عياشي ۾ جيئي، پر وائيف ساوتري نہ ٿي ڪري. ساوتريءَ (60) کي انديا هر لحاظ کان، هر پهلوءَ کان پيارو پنهنجو آهي. جيون جي هر ملهہ کان، رشتن جي پنهنجائپ سان.... هوءَ ڏيءَ جي ٻنهي ٻارن کي بہ انديا وٺي اچي پالڻ ٿي چاهي.... آدرش ۽ سنسڪاري بڻائڻ ٿي چاهي... پنهنجي ديک ريک ۾.....

اِئين تہ پنهنجي پنهنجي ملڪ جي ساراہ ڇتا پيتي ڪافي ناٽڪ ۾ روچڪ آهي.....

◆◆

حالات کهڙا بہ هجن،<br>
خيالات سٺا رکڻ گهرجن.<br>
خيالات کي بدلائڻ سان،<br>
حالات بہ بدلجي ويندا آهن.

سنڌو- 30/-2023

# مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ پاران يووا ليکڪن تي سمپوزيم (ڪي نوٽ)

✍ ڪشور لعلواڻي

مرڪزي ساهتيه اڪادمي نئي دهلي ۽ ڀارتيه سنڌو سڀا ، سانسڪرتڪ منچ ناگپور جي گڏيل سهڪار سان ”سنڌي يووا ليکڪ“ وشيه تي ڪوٺايل اڄوڪي هن سمپوزيم ۾شرڪت ڪندڙ (ڀاڱه وٺندڙ) ڀارت جي الڳ الڳ شهرن مان شامل ٿيندڙ ساهتڪارن ۽ يووا (نوجوان) ليکڪن جو دلي سواڳت ڪندي اسانکي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي. هندستان جي مرڪزي ساهتيه اڪادمي (نيشنل اڪادمي آف ليٽرس) انگريزي سميت هندستان جي چوويهن ٻولين ۾ ساهتڪ سرگرميون هلائي ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن جي سرگرمين (گتوودين) کي هٿي ڏيندي آهي ۽ هر عمر جي ليکڪن کي همٿائيندي رهندي آهي. اڪادمي، سيمينارن، ليڪچرن، بحث مباحثن، ڪتابن جي نمائش، ؛نٽرنيشنل ليول تي ٿيندڙ ساهتڪ نمائشن (سيمينارن) ۾ ڀاڱه وٺڻ، ٻين ٻولين جي معياري ادب جو ترجمو ڪرائڻ، اصلوڪا ڪتاب ڇپائڻ ۽ ساهتيه ۾ هلندڙ ٻين هلچلن ذريعي ساهتڪ گفتگوءَ کي زنده رکي ويٺي آهي.

ناگپور ۾ اسين پهريون به مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ سان گڏجي ”گذريل پنجن سالن ۾ سنڌي ڪوتا“ ۽ ”گذريل پنجن سالن ۾ سنڌي ناٽڪ“ وشين تي سيمينار ڪوٺائي چڪا آهيون. جيڪي تمام سڦل رهيا آهن. مرڪزي ساهتيه اڪادمي سان گڏ پروگرام ڪرڻ ناگپور واسين لاءِ وڏي حاصلات آهي.

مشهور هندي ساهتڪار آچاريه رامچندر شُڪل چيو آهي ته، ”ساهتيه جنتا جي مزاج جي مجموعي تصوير آهي.“ هوشيار اديب جنتا جي مزاج کي سمجهي ٿو، بدلجندڙ واتاورڻ ۾ پنهنجي چوطرف جيڪو ڏسي وائسي ٿو يا وري ٻين جي آزمودن مان جيڪو پرائي ٿو سو ئي قلمبند ڪري ٿو. ساهت کي للت ڪلائن ۾ سيني کان اوچو درجو ڏنو ويو آهي. ٻين للت ڪلائن وانگر ساهتيه سرجن به هڪ سادنا آهي، هڪ تپسيا آهي. ساهتيه اسان کي خيالن، نظرين ۽ احساسن سان ڳنڍيندو آهي ۽ اسان کي ذهني طور مالامال ڪندو آهي.

ماڊرن ٽيڪنالاجي اسانجي جيون جي دشائي موڙي ڇڏي آهي. اسانجي چوڌاري ڦهليل ماڊرن گئجيٽس(اوزار) اسان جي سچي زندگيءَ کي بيمانو بڻائي ڇڏيو آهي، جن ۾ رڳجي اسان پنهنجي ذهني سوچ کي تالو تا لڳائي ڇڏيون. اسانجي نوجوان پيڙهيءَ کي ماڊرن ٽيڪنالاجيءَ کي پنهنجي جار ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. اسانجي زندگيءَ مان جذبا ۽ سوچ لڳ ڀڳ ختم ٿي ويا آهن. اڄ جو نوجوان ريڊيو، ٽي.وي، سمارٽ فون ۽ سوشل ميڊيا جي ٻين ساتين ۾ مصروف ٿي، ساهتيه کان پري پيو ٿو ٿيندو وڃي. فيسبڪ، انسٽاگرام، ۽ گوگل ورچوئل ڪميونيڪيشن ته وڌائين ٿا پر اِنسان جو اِنسان سان پرسنل ٽچ ختم ٿا ڪري ڇڏين. ماڊرن گجيٽس کين هر شيءِ ميسر ڪرائين ٿا اِنڪري هو اُنهن ڏي مائل ٿين ٿا. اڄ اسانجي جيون ۾ ساهت ۽ فن جي ڪا به جاءِ نه بچي آهي. ووڪيشنل تعليم جي دٻاءَ هيٺ ۽ جديد انفارميشن ٽيڪنالاجي جي اثر هيٺ، اسانجي نوجوان پيڙهي ساهتڪ

ڪتابن کان پري ٿي رهي آهي.

هر ديش ۾ ٻار، ٻڍي ۽ جوان سيني جي ضرورت ۽ اهميت هوندي آهي. پر اُنهن ٽنهي مان جوان کي ٿوري وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي ڇو ته جوانن ۾ جوش، جذبو، اُمنگ ۽ اُتساهه وڌيڪ هوندو آهي. شايد اِنڪري ئي چوندا آهن ته ديش جي ڀوشيہ جو دارومدار جوانن تي آهي. پر دل تي هٿ رکي ويچار ڪري ڏسون ته ڇا اسان جي جوان پيڙهي صحيح ڏگ تي هلي رهي آهي؟ ڇا اسان کين صحيح معنيٰ ۾ گائيڊ ڪري رهيا آهيون گهٽ ئي مائٽن کي ته خبر به ڪونه هوندي آهي سندن جوان پٽ ڇا ٿو ڪري يا جوان ڌيءَ ڪٿي ڀٽڪي رهي آهي؟ اَسانجو سماج پئسي جي چڪر ۾ سڀ ڪجهه وساري ويٺو آهي.

اسانجو نوجوان طبقو ساهتيہ کان ڇو پري ٿي رهيو آهي؟ اِن سوال تي ور ڪري الڳ الڳ ويچار -گوشٽين ۾، بحث-مباحثن ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. سچ پڇ اِها اسانجي لاءِ چنتا جي ڳالهه آهي. اسانجي نوجوانن وٽ ساهتيہ جا اُهي ساڌن ناهن، جيڪي اسان وٽ هوندا هئا. اسانجي وقت ۾ هر گهر ۾ اخبارون ۽ رسالا ايندا هئا، بزارين ۾ ڪتابن جا دوڪان هوندا هئا، لئبرريون هونديون هيون. اهڙا دوست ۽ اُستاد هوندا هئا جيڪي ساهتيہ تي چرچا (ڳالهيون) ڪندا هئا. اسان مان ڪو سنو ڪتاب پڙهي ايندو هو ته اُن تي سڀ ملي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئاسين. اسانجي وقت ۾ پڙهڻ کان سستو ڪو منورنجن ڪونه هوندو هئو. نندن، چمپڪ، چنداماما، چاچا چوڌري جهڙا ڪامڪس منورنجن جا ساڌن هوندا هئا. پنچتنتر جي ڪهاڻين جا ڪتاب گهر گهر ۾ موجود هوندا هئا. هاڻي اِهو سڀ بند ٿي ويو آهي. هاڻي ته ننڍپڻ کان ئي ٻارن جي هٿ ۾ موبائيل ۽ منورنجن جا ٻيا ساڌن اچي ويا آهن. ريڊينگ هئبٽ رهي ئي ڪونه آهي.

نوجوانن ۾ ساهتيہ ڏانهن رجحان گهٽجڻ جا ٻيا به ڪيترا ئي سبب آهن، هڪ ته اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائڻ بلڪل ئي بند ٿي وئي آهي. هندي ۽ ٻين مڪاني ٻولين ۾ به ٻارن کي فقط سندن ڪورس سان وابسطہ پاٺ ئي پڙهايا ويندا آهن. اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن ۾ ساهتيہ ڏانهن دلچسپي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪي به قدم نہ ٿا کنيا وڃن. پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ نوڪري ۽ ڏنڌي ۾ ڪامپٽيشن فيس ڪرڻ جهڙا ڪيترائي اَڻ سلجهيل مونجهارا کين ورائي ٿا وٺن. اَڄ اِنسان هلندڙ ڦرندڙ مشين بڻجي ويو آهي. سندس سوچ ۾ تنگدلي اَچي وئي آهي. اُوچي معيار واري ساهت جي جڳهہ تي منورنجن واري ساهتيہ کي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي آهي.

اِن ڳالهہ لاءِ اَسانجي بدليل ذهنيت به جوابدار آهي. اَسين سنڌي سڏائڻ ۾ شرم ٿا محسوس ڪيون. اَسانجي بزرگن پنهنجي ڪلا ۽ ساهتيہ جو ورثو نئين ٽهيءَ کي پاس آن ڪونہ ڪيو آهي. اَسانجي سماج جي سڄاڳ ۽ ذهين طبقي ۾ واپاري ۽ ٺيڪيداري پرورتي گهر ڪري وئي آهي. نتيجي طور ڪنهن به کيتر ۾ نوان ڪلاڪار، ليکڪ ۽ فنڪار اُڀريا ئي ڪونه آهن.

اِن جو هڪ سبب اِهو به ٻڌايو وڃي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ معياري ادب جي اَڻاٺ آهي. اَڄ اَسين ڏسون وينا ته ليکڪ لکن ته وينا، اُنهن جون رچنائون مخزنن ۾ ڇپجن به ٿيون پر اُنهن جي لکڻيءَ ۾ اُها جان، اُها روح، اُها آتما نظر نہ ٿي اَچي جيڪا اَسانجي نوجوان پيڙهيءَ کي متاثر ڪري سگهي. ٻوليءَ جون چڪون، اَڌ پڪل ڪاڌي جيان هتان هُتان کنيل سيڌي سامان سان ڀريل آهن. ڪاپي - پيسٽ جي سنسڪرتي اسانجي تخليق تي حاوي ٿي رهي آهي. سبب ڪجهه به

هجي، ساهتيہ کان نوجوان پيڙهيءَ جو رخ موڙڻ سماج لاءِ هڪ وڏو خطرو آهي.

اُنهن خراب حالتن جي باوجود ڪن ڳاڻ ڳڻين نوجوانن جي ساهتيہ ۽ ڪلا جي کيتر ۾ آمد ٿي آهي. سي بہ پنهنجي محنت ذريعي ئي آيا آهن. هو هن بيڪار ۽ بيقاعدي واري ميدان ۾ سرگرم رهي اسان کي حوصلو نہ ٿا هارڻ ڏين. اَڄ بہ ڪي ڪهاڻيون، ڪي ناول، ڪي ڪويتائون، ڪي غزل اَچن ٿا. جيڪي اَسانکي ۽ اَسان جي نوجوانن جي دماغ کي جهونجارن ٿا. پر اِها محنت نوجوان پيڙهيءَ کي ساهت سان ڳنڍڻ ۾ مڪمل طور ڪامياب ڪونہ ٿي آهي. ڪو بہ سينيئر ليکڪ ڪنهن نوجوان جو گاڊ فادر بڻجي سندس رهنمائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اَسان پنهنجن نوجوان کي عظيم تجربن ۽ قدرن کان محروم رکي رهيا آهيون.

نوجوانن جي مارگ درشن لاءِ راجين جون ساهتيہ اڪادميون ، ڪيندريہ ساهتيہ اڪادمي، راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد ۽ ٻيا ادارا سيمينار ۽ ورڪشاپ هلائي، نوجوانن جي لکيل ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ مالي مدد ميسر ڪرائي اِن ڏس ۾ ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڪيندريہ ساهتيہ اڪادمي ٻاران ٣٥ سالن کان گهٽ عمر واري نوجوان ليکڪن کي يووا پرسڪار سان نوازيو ويندو آهي. يووا ليکڪن جو ساهتڪ پورهيو ۽ سندن تخليق ڪيل ساهتيہ جي خدمتن کي صحيح پليٽفارم مهيا ٿي رهيو آهي جيڪو اڳ ۾ ڪونہ ٿيندو هئو. پر اِها ڪوشش تمام گهٽ آهي.

اَڄ جي نئين پيڙهي هر کيتر ۾ ترقي ڪري رهي آهي. هن وٽ نئين سوچ آهي، نوان آزمودا آهن ۽ ګهڻو ڪجهہ ڪرڻ جي تمنا بہ آهي. وقت بدلجڻ سان ماحول ۾ بہ بدلاءُ آيو آهي. اَسانجا گهڻا ئي نوجوان ليکڪ هندي ، اَنگريزي ۽ ٻين مڪاني ٻولين ۾ تمام سٺو لکي رهيو آهي. اَسانکي اَهڙا يتن ڪرڻا پوندا جو اُنهن کي پنهنجي ٻولي، پنهنجي سڀيتا ۽ پنهنجي سنسڪرتيءَ سان جوڙي سگهون.

اَڄ جڏهن سنڌي ٻولي واريءَ وانگر اَسانجي مٺ مان ڪسڪندي پيئي ٿي وڃي، اَسانجي سڄاڻپ ۽ اَسانجو ورثو جيڪو اَسان سنڌين جي جيءُ سان جُڙيل آهي سو ختم پيو ٿو ٿيندو وڃي. اَهڙي ڏکئي وقت ۾ ساهت ئي اَسانجي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. اَسانجي بزرگن ليکڪن کي سيڪنڊ لائين تيار ڪرڻ تي زور ڏيڻ گهرجي. هنن کي سوچڻ گهرجي تہ اسان کان پوءِ اَسانجي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي ڪير سنڀاليندو؟ سينيئر ليکڪن جو فرض آهي تہ هو نوجوان ليکڪن جي چڱيءَ طرح رهنمائي ڪن جيئن هوُ معياري ساهتيہ خلقي سگهن. اديب اُهي آدرش قائم ڪن. جن تي نوجوانن کي عمل ڪندي فخر محسوس ٿئي.

هر طبقي جي اديبن کي نوجوانن جي پسند ناپسند کي خيال ۾ رکي اُنهن کي پنهنجو ٽارگيٽ بڻائي ڪجهہ نئون تخليق ڪرڻو پوندو. جيئن اسان جو نوجوان نسل لازمي طور سان اُن سان ڳنڍجي سگهي. نوجوان ليکڪن کي بہ پنهنجي تخليق سان نوان پانڪ پيدا ڪرڻ گهرجن. جيڪو بہ لکن سو تڪڙو ڇپائڻ جو موهہ نہ رکن. ساهت اِنعام لاءِ نہ لکون پر اِنعام ملڻ لائق لکون. نوجوان ليکڪن کي پنهنجي ساهتيہ خلقڻ کان پهرين پنهنجي وشيہ جو پورو اڀياس ڪرڻ گهرجي. هر نوجوان ساهتيڪار جو فرض آهي تہ هو ساهت کي گنڀيرتا سان کڻي، اُن سان پوري طرح نڀائي، اَڳتي هلي هنن کي ئي ايندڙ پيڙهيءَ جو رهنما بڻجڻو آهي. پيڙهي در پيڙهي اِها سوچ رکنداسين تڏهن ئي اسان پنهنجي ٻولي، پنهنجي سڀيتا ۽ پنهنجي سنسڪرتيءَ کي بچائي سگهنداسين.

اِنهن سينيءَ ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي ڪري ئي مرڪزي ساهتيہ اڪادمي، نئي دهليءَ ڀارتيہ سنڌو سڀا، سانسڪرتڪ منچ ناگپور هي سمپوزيم ڪوٺايو آهي. اَڄوڪي سمپوزيم تي پهرئين اِجلاس ۾ رائپور مان پڌاريل آسانجا عظيم ساهتيڪار ۽ ڪهاڻيڪار ڪئلاش شاداب ”سنڌي ٻووا گديہ ليکن“ وشيہ تي عالماڻو پيپر پڙهندا تہ اسانجون نوجوان ليکڪائون ڀوپال جي سميڪشا لڇواڻي ۽ ناگپور جي شاردا پاڳچنداڻي پنهنجون لکيل ڪهاڻيون پڙهنديون. ٻئي اجلاس ۾ ڀوپال جا سينئير ڪوي ۽ ليکڪ ڪيمن مولاڻي، ”سنڌي ٻووا پديہ ليکن“ تي پنهنجو عالماڻو پيپر پڙهندا تہ اندور جي نوجوان ليکڪا ڪرڻ پرياڻي ’اَنمول‘ ۽ بلاسپور جي نوجوان ليکڪا مسڪان ٻڇاڻي پنهنجون لکيل ڪوتائون پڙهنديون.

اَسين ساهتيہ اڪادميءَ جي سيڪريٽري شري. ڪي. شرينواس راو، ڪنوينر شري نامديو تاراچنداڻي ۽ ممبئيءَ کان پڌاريل ساهتيہ اڪادميءَ جي پرڀاري اڌيڪاري شري اوم پرڪاش ناگر جا ٿورائتا آهيون. جن اَسان کي هيءَ تاريخي موقعو ڏنو آهي. ڀارتيہ سنڌو سڀا سانسڪرتڪ منچ، ناگپور هڪ دفعو وري هن سمپوزيم ۾ آيل سيني مهمانن جي دلي آجيان ڪري ٿي. اچو تہ اَڳتي وڌون ۽ هن سمپوزيم جو آغاز ڪيون.

ڪشور لعلواڻي
فلئٽ نمبر - ١٣١، گرونانڪ سوسائٽي،
نارا روڊ، جري پٽڪا، ناگپور- ١٤

◆◆

# زَهر سَستو اَنُو مَهانگو آ

✍ ساقي اَبڙو

سِنڌُ سارِيءَ ۾ ٿئي ٿي وَيو اَڄُڪلهہ
زَهرُ سَستو اَنُو مَهانگو آ.

جيڪي ناهِيندا ڪَپڙو ها تَنِ لاءِ
اَنگُ ڍَڪِڻَ لَئِہ لَٽو مَهانگو آ.

جَن جِي تَہ تَهذِيبَ هُئي مُوهن جو دَڙو
تَنِ لَئِہ ٿِيو اَجهو مَهانگو آ.

گيهہ چانوَرَ ۽ لُوڻ مِرچ سَميت
سودو گهرَ جو سَڄو مَهانگو آ.

گو شِتُ مُرغي مَڇِي چَڱو چوکو
وَنيهو ڪِيئَن وَڏو مَهانگو آ.

سِيءَ ۾ پاهُہ ٿا ٿِين ٻِچڙا
ڪوٽُ سُوِيٽَر ٿِيو مَهانگو آ.

هِڪڙِي پورهيَت مَريضَ روئي چَيو
ڪورسُ ڊاڪِٽر لِکيو مَهانگو آ.

عِلمُ حاصُل ڪَرَڻُ تي اَوکو پيو
خَرچ اَڄُ بورڊ جو مَهانگو آ.

وِٺي نِياڻيءَ جا وارَ چاندي ٿِيا
ڏاجُ جو ٿي وَيو مَهانگو آ.

مَوتُ سَستو مَگَر هُنَن تَہ ڏِسو
ڪَفَنُ ڪيڏو ڪَيو مَهانگو آ.

آسان جِي سِنڌُ ۾ ٻَلا ’ساقي‘
جِيئَڻُ ڇو ايترو مَهانگو آ.

◆◆

# جيون - سروور

(ڪهاڻي) **طارق قريشي**

”توکي ڪهڙي پُستڪ اهو اڌيڪار ڏنو آهي جو تون ڪنهن ويکتيءَ کان اُن جي جات، نيات، ورڻ، ڪل ۽ گوتر پڇين؟ ڇا برهم جي ڪا جاتي يا جنس آهي؟“ گُرو تيج سواميءَ جي ڪومل ۽ شِيتل آواز ۾ وِچ جهڙي گجگوڙ هئي.

ڪجھ دير لاءِ لڳو ته منهنجي واٽي منهنجي نڙيءَ ۾ ني ڪٿي ڦاسي پئي آهي. مون نه چاهيندي به پنهنجي آس پاس ڏٺو. منهنجي ۽ گُرو تيج سواميءَ جي چوڌاري بيٺل منهنجي وديالي جي هر شِش ۽ وديارٿيءَ جون نظرون اسان ٻنهي تي کُتل هيون.

مون وديالي ۾ آيل ٻالڪ ڏانهن ڏٺو جنهن کان مون سندس ڪل، گوتر ۽ پِتا جو نالو پڇيو هئو. ان ٻالڪ سان گڏجي ايندڙ مدن ناڪئي جيڪو پٽڻ کان ڪجهه اوريان وسيل مُهاڻن جي ٻُونگين جو رهاڪو هئو تي به هلڪي نهار وڌم . هي ٻئي ڄڻا بلڪل ان وقت آيا هئا، جنهن وقت گرو تيج سوامي منهنجي وديالي ۾ اچاڻ پڌاريو ئي مس هئو. مان سندس چرڻن تي مٿو ٽيڪي، ڏنڊوت پرڻام ئي ڪري رهيو هئس ته هُو ٻئي منهنجي ۽ گُرو تيج سوامي جي پر ۾ اچي سهڙيا هئا.

ٻالڪ ۽ مدن ناڪئي گرو تيج سواميءَ کي نمسڪار ڪيو. مدن ناڪئي. پنهنجو پريچنه ڪرايو ۽ پوءِ گُرو تيج سواميءَ کي چيو ته: ”مهراج! هن ٻالڪ کي پنهنجي شرڻ ۾ وٺو.“

”ٻالڪ جو نالو ڪهڙو آهي؟“

ٻالڪ سويم جواب ڏنو، ”منهنجون نالو ستِڪام آهي مهراج!“

”منهنجي شرڻ ۾ ڇو تو اچڻ چاهين؟“

”مون کي ڪهڙي ڄاڻ مهراج! ڪالھ رات توهان منهنجي سپني ۾ آيا هئا ۽ مون کي آديش ڏنو ته منهنجي شرڻ ۾ اچ.“

مون کي ڪاوڙ اچي وئي. مون ٻالڪ کي هلڪو دڙڪو ڏيندي چيو، ” ساوڌان ٿيءُ، اناپ شناپ نه ڳالهاءِ. تون هڪ وديا ساگر جي سامهون بيٺو آهين، آدر ڪر، ونمر سان پيش اچ، آچاريا سان سرل ۽ ساڌارڻ ڳالهاءِ.“

مون مدن ناڪئي کي ڪرڙين اکين سان ڏسندي نينگر ڏانهن آگر سان سُوچڪائي ڪندي چيو، ”هيءُ ته ٻالڪ اوستا ۾ آهي، هن کي چڱي مَٺي جي ڪهڙي ڄاڻ، تون ته وڏو سچو آهين، تون هن کي هتي ڇو وٺي آيو آهين؟“

مدن ناڪئي هٿ جوڙي پهرين مون ڏانهن ڏٺو، منهنجي اکين ۾ ڪاوڙ ڏسي هن هڪدم گُرو تيج سواميءَ ڏي ڏٺو.

گُرو تيج سواميءَ اڳتي وڌي، پنهنجو هٿ مدن ناڪئي جي ڪُلهي تي رکيو ۽ مدن ناڪئي کان پڇيو، ”هيءُ ٻالڪ تنهنجو سپتر آهي؟“

”نه مهراج! هيءُ ٻالڪ منهنجي ٻيڙيءَ ۾ پورهيو ڪندو آهي. اٿين ڏهين ڏينهن به ٽي دمڙيون ڪمائيندو آهي. مان ته وديا سان هن جو اُتساهه ڏسي هن کي توهان سان ملائڻ لاءِ هتي وٺي آيو آهيان. هن جي چِت ۾ تمام گهڻا سنديهه آهن، جن جا مون وٽ ڪي به جواب ڪونهن. اڄ صبح جو هن مون کي پنهنجو راتوڪو سپنو ٻُڌايو. چيائين ته هن سپني ۾ پاڻ کي سُديش نگر جي مهنت وديالي ۾ ڏٺو آهي جتي ڪيس هڪڙي مها آتم گياني جا درشن ٿيا آهن. مون کي منٿ ڪيائين ۽ چيائين ته ساڻس گڏجي هلي ان آتم گيانيءَ کي وينتي ڪيان ته هن کي پنهنجو شِش سُئيڪار ڪن.“

منهنجو ڌيرج ڇڏائجي ويو. مون مدن ناڪئي بدران بالڪ کي ڇڙٻ ڏيندي چيو، ”پهرين گهر وڃ، پنهنجي پتا کان سندس ڪل ۽ گوتر پڇي اچ.“
بالڪ هڪدم وسامي ويو. چيائين، ”منهنجو پتا ڪونهي، گهر ۾ ڪيول منهنجي ماتا ئي آهي.“
”ته پوءِ وڃ، پنهنجي ماتا کان پنهنجي پتا جي ڪل ۽ گوتر جو پڇي اچ.“
”توکي کهڙي پُستڪ اهو اڌيڪار ڏنو آهي جو تون ڪنهن ويڪتيءَ کان اُن جي جات، نيات، ورڻ، ڪل ۽ گوتر پڇين؟ ڇا برهم جي ڪا جاتي يا جنس آهي؟“ گُرو تيج سوامي جي ڪومل ۽ شِيتل آواز ۾ وِڄ جهڙي گجگوڙ هئي.
آئون اِستمڀتيءَ وچان گرو تيج سواميءَ کي ڏسڻ لڳس. اُوس ته مان سندس شش ۽ شيوڪ ئي هئس، پر ساڳئي وقت آئون ڪو ساڌارڻ ويڪتي ڪونه هئس. سُديش نگر جي وديا ڌام جو مهنت وديا پتي هئس. مون پنهنجي ڪروڌ تي قابو پائيندي، گُرو تيج سواميءَ کي نمرتا سان چيو، ”آچار! جيڪي آدي گرنٿ اوهان پڙهايا آهن، آئون انهن جي سکيا پيو ڀوليان، مون ڪو اَسپَشٽ ته ناهي اُچاريو. اوهان ئي ٻُڌايو ته ڇا ويدن جي ٻاٽين ۽ شاسترن ۾ اهو ناهي چيو ويو ته ”نهي ڌان سمرٿيم ارٿهه، نَڪِ شُدّ سمهئه شترو؟“
”ان جو ارٿ ته ٻُڌاءِ شِرياس !“
”اَنَ کان وڌو ڪو ڌَنُ ڪونهي، بُک کان وڌو ڪو دشمن ڪونهي.“
گرو تيج سواميءَ ٽپرس وچان مون ڏانهن ڏسندي چيو، ”شِرياس! يا ته منهنجي سکيا وِنرٿ وئي آهي يا تنهنجو مانسڪ سنتولن ٻنهه ڪنڌُ ٿي ويو آهي. ان ٻاڻيءَ ۾ ايئن ڪٿي چيل آهي ته ڪنهن نر ٻِل ۽ نرڌن کي سکيا نه ڏجي، وِديا کان پري رکجي؟“
”ٻُڪئي، سُڃي ۽ ٻي ڀهچ کي اوهان وديا ڏيندا ته هُو ان وديا جو غلط پريوگ ڪندو، پنگت کان پري ٿي ويندو ۽ جَن سيوا ڪرڻ بدران پنهنجي تجوڙي ڀريندو.“
”تون چئين ڇا پيو شِرياس! هن ڀُونءِ تي جيترا به مها رِشي، وِدياوان، ست پُرش پيدا ٿيا آهن، ڇا اهي سڀ ڌنوان هئا؟ جن شروتي گرنٿ لکيا سي ڪي سريشٽ يا راجا - مهاراجا هئا؟“
”پر گُروديو ! رجواڙا هجن يا منترالاءِ اسان وِدياوانن جي اَنُومتي سان ئي گديون ۽ شاسڻ سنڀاليندا آهن. آچاريا ڪوٽيليا نه هجي ها ته ڇا نند ونش جي جاءِ تي چندر گُپت چڪروتي سمراٽ ٿئي ها؟ هِتي سُديش نگر ۾ به اها ئي نيتي ۽ پرمپرا هلي رهي آهي. منهنجي هن وديالي جي مهانتا جي توهان کي مَتان گهٽي ڄاڻ نه هجي ته آئون ايترو ٻڌائيندس ته جڏهن جڏهن مها منتري ۽ سويم پرجاپتي مِبنَن آريان ڪنهن سرڪاري ونهوار ۾ ڪٿنتا ۽ سَموِڌان ڏوارا ڪي مونجهارا ۽ ڪٺنايون ڏسندا آهن ته انهن جي سُلجهاءَ لاءِ مشورو وٺڻ هتي ايندا آهن.“
گُرو تيج سواميءَ چپ چاپ مون ڏانهن ڏسندو رهيو. ڪجهه دير ايئن ئي نهاريندو رهڻ کان پوءِ بالڪ کي اشاري سان پنهنجي ويجهو سڏيائين. بالڪ ويجهو ٿيو ته سندس مٿي تي هٿ گهُمائيندي چيائين، ”ستڪام! تون گهر وڃ، پنهنجي ماتا کان وديا ڌام ڏانهن پرستان ٿيڻ جي موڪل وٺ ۽ جڏهن تنهنجي ماتا توکي موڪل ڏئي ته پوءِ تون ٻنان دير جي هتي مون وٽ هليو اچ. مان تو کي پاڻ سان ڌليمون واري مُهين گهاٽ جي وشيه وديالي ۾ وٺي هلندس.“
بالڪ ستڪام هٿ جوڙي گُرو تيج سواميءَ جا ٿورا مڃيا. وڃڻ لڳو ته مون هڪدم هڪل ڪندي چيو، ”۽ ٻُڌ، پنهنجي ماتا کان پنهنجي ڪل ۽ گوترجي وِورَڻ وٺي اچجانءِ.“ بالڪ ستڪام جي مُک تي خوشي چمڪي رهي هئي. هن مٿان منهنجي لفظن جي ڪُرورتا جو ڪو پَرڀاوُ ڏسڻ ۾ ڪونه

آيو. هُن کي چڻ ته ڪي ڪنبڻ لڳي ويا هئا. ڏاڍي ڦُڙتيءَ سان مدن ناکٽي کي چيائين، ”مدن ڪاڪا! تڪڙا هلو ته جيئن ُترت موٽي اچون.“

***************************************

ڳُرو تيج سواميءَ جي اچڻ کان اڳ سندس لاءِ پٽراٽيءَ وڇائي، مٿان گديءَ رکي وئي هئي، جنهن تي هُو ڪونه ويٺو. وِديارٿين جي ويهڻ لاءِ رکيل ڪاٺ جي هڪڙي ننيڙي چوڪڙي ڪٽي وديالي جي مُک ڪڪش جي دروازي جي سامهون ويهي رهيو.
”ڳُرو ديو! ڪجهه پوڇڻ پاٽي ڪندئو؟“ مون ساهس ڪندي پڇيو.
ڳُرو تيج سوامي ڪُجھ دير تائين سامهون گهوريندو رهيو.
مون ڪجهه پل ترسي وري پڇيو، ” شيوا ڪرڻ جي آگيا ڏيو ته پنڌارو پرسٽُت ڪجي؟“
”ته شِرياس! پوڇڻ جي ڪابه آوشڪتا ڪونهي. هوننءَ به هتي آگمڻ ڪرڻ کان اڳ مون کي رِشي وستياين جو نِيوتو مليو هئو. هنن لکيو آهي ته هُو سُديش نگر ۾ آيل آهن. منجهند ڏاري مون کي پاڻ وٽ گهُرائڻ لاءِ ڪو مارگ درشڪ موڪليندا ۽ مون کي گهُرائي وٺندا. اڄ ٻنپهرن جي پوڄن ۾ پاڻ سان گڏ مون کي به نمنترن ڪرايو اٿن.“
رِشي وستياين جو نانءُ ٻُڌي مون کان وسري ويو ته ڪجهه گهڙيون اڳ آئون هڪ وڏي اراجڪتا مان گذري رهيو هئس. ڪنهن کي آڪاش تان لاهي پاتال ۾ اڇلائجي، اُن کان به وڌيڪ دُک هڪڙي ٻالڪ جي ڪارڻ ڳُرو ديو کان ٿيل پنهنجي اپمان تي ٿي رهيو هئو. آئون اندر ئي اندر ۾ وِڄجي رهيو هئس. ٻي انت اشانتي منهنجي رُونءَ رُونءَ ۾ پکڙجي وئي هئي. اينئن لڳي رهيو هئو، چڻ ڪنهن مون کي جيئري ئي چکيا تي چاڙهي ڇڏيو آهي. مون اهو سمورو سنڪٽ وساري ڳُرو تيج سواميءَ کي چيو، ”ڳُرو ديو! جيون ۾ بنھ ٿورڙين ڪامنائن ۾ هڪڙي مَنُ ـ ڪامنا رهي آهي ته ڪڏهن ڪو اهڙو سمئه اچي جو آئون سامهون کان رِشي وستياين جا درشن ماڻيان، چرڻ ڇُهي سندن پيرن جي مٽي ماٿي لائيان. ڇا توهان مون کي رِشي وستياين سان ملائڻ لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي هلندئو؟“
ڳُرو تيج سواميءَ ڪو به اُنڪول پاڙ ڪونه ڏنو. چوڌاري منهنجا سمورا شِش ۽ وديارٿي به چڻ ڪٺ سمپلن ڪيو بيٺا هئا. مون من ئي من ۾ سوچيو ته جيڪڏهن ڳُرو ديو منهنجي نِويدن کي آسئيڪار ڪيو ته آئون هڪ ڀيرو ٻيهر ڏاڍي اُپيڪشا پائنيندس. مون ٽُرت نرٽئه ورتو ۽ زور سان رڙ ڪري چيم ”ايڪانت!“
منهنجو آديش ٻُڌي وديالي جا شِش ۽ وديارٿي هوريان هوريان ڪڪش مان وڃڻ لڳا ته ڳرو ديو چيو، ”شِرياس! ايڪانت جي گهُرج ڪانهي. ڪنهن کي به هتان وڃڻ لاءِ نه چئه. چنتا لاهه، مان توکي رِشي وتسياين سان ملڻ لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي هلندس.“
”ڌَنِ هُجو ڳُرو ديو!“ مون ٻئي هٿ جوڙي ڳُرو کي ڌنيواد چيو.
”آيُوشمان ڀَئِين... هاڻي جي تو کي شئاچ وڃڻو هجي يا سنان پاٽي ڪرڻو هجي ته ٽُرت سڀ ڪاريه اُڪلائي اچ. جيئن ئي ٻالڪ ستڪام ايندو ته مان هتان پرسٿان ڪندس.“

***************************************

مون سنان ڪري پنهنجي جٽائن کي سُڪائي، اڃان ڳُنڍيو به ڪونه هئو ته منهنجو پرم شِش گورنگ تڪڙو تڪڙو آيو ۽ اچي چيائين، ”سوامي! هُو جيڪو ٻالڪ ستڪام آيو هئو نه، اُهو آيو آهي ۽ پاڻ سان گڏ هڪڙيءَ اپسرا کي به وٺي آيو آهي. ڇا ته ڪامڻي نار آهي! لڳي ٿو ته پرماتما پنهنجي هٿن

سان هن جي ديھ کي سينگاريو آهي. هن جي انگ انگ مان جوڀن پيو جهلڪي. جي هن کي اندر ديو ڏسي وٺي ته آهليا کي ريجهائڻ واري پَل وري ورجائي ويهي.“
”ڪير آهي اها وينگس؟“
”سوامي! اسانجي وديالي ڏانهن ٻالڪ ستڪام سان گڏ ان ميگهه نيڻيءَ کي ايندي ڏٺم ته ڊوڙي اچي اوهان کي گهوشت ڪيم. مون کي ڪو پتو ڪونهي ته اها وينگس ڪير آهي.“
مون تڪڙ ۾ جٽائن کي وٽ ڏني، هيڪاندو ڪيو. شترو ڏانهن اچلايل ٻاڻ جي تيزيءَ سان وديالي جي مُک ڪڪش ڏانهن سِڌ ڪيم. جيئن اتي پهتس ته گُرو تيج سوامي ٻالڪ ستڪام ۽ ان سان گڏ آيل ناريءَ جي بلڪل مُنهن سامهون بيٺو هئو. آئون ماٺ ميٺ ۾ گرو تيج سواميءَ جي پويان اچي بيهي رهيس.سچ ٻاڻ کي به چئجي، منهنجون اکيون اچرج ۾ ڦاٽي ويون هيون. آئون اهڙي سندري ڏسي کوئجي ويو هئس. مون کان پنهنجو پاڻ به وسري ويو هئو. مان من ئي من ۾ ويچارڻ لڳس ته منهنجو جيون ته فقط سُوتر ۽ منتر هئا. منهنجي استثي ته وديا سنسار هئو. مان برهمچاري هئس، لهوچڙ ته پري جي ڳالهه ناري جات سان منهنجو ڳالهائڻ به بنهه گهٽ ٿيو هئو. ڪيول ايترو سو هئو، جو ڪڏهن ڪٿي ڳام ويندي، ڪا ڀڳهه هلندي، ڪنهن جهرٽي وٽ، ڪنهن هٽ تي، ڪٿي ڪنهن گهٽيءَ جي لاڙي وٽ، وڻن جي جهُڳٽي پويان، يا وري ڪڏهن گس پنڌ ۾ ڪيني ناريون مُنهن پيون هيون، پر ڪنهن به مَهلا، منهنجي من کي اهڙو موڳو نه بڻايو هئو، جيڏو هن سمئي سامهون بيٺل آڪرشڪ، مدُ ماتي، چٽ پاوڪ، من هيرڪ ڪامڻي بڻائي رهي هئي. منهنجي پرم شش گورنگ تر جيڏو به ڪوڙ ڪونه ڳالهايو هئو، سچ پچ ته هوءَ هِن جُڳ جي ڪا جٽتُو ته لڳي ئي نه ٿي، ايئن ٿي ڀاسيو ته اِجهو بنهه هاڻي هاڻي ديو لوڪ مان سڄي سندرتا ڪٺي پرٿويءَ تي پرگهٽ ٿي آهي!
گُرو تيج سواميءَ جي آواز تي منهنجي اِندرين ڪم ڪرڻ چالُو ڪيو. گرو ديو انهيءَ سندر ناريءَ کان ٻاجهاري لهجي ۾ پڇي رهيو هئو، ”ديوي! توهان جو ستڪام سان ڪهڙو سنبنڌ آهي؟“
سندريءَ نمرتا وچان وراڻيو، ” مهراج! ستڪام منهنجو پٽ آهي.“
”ستڪام جي پتا جو نالو ڇا آهي؟“ گُرو تيج سواميءَ ٻيو سوال پڇيو هئس.
”مهراج! هيءَ داسي سُديش نگر جي ڳانءَ جي انيڪ ماڻهن جي سيوا ڪري چُڪي آهي، تنهنڪري پنهنجي ٻالڪ جي پتا جو نالو ٻڌائڻ هِن داسيءَ لاءِ سرل ۽ سولو ڪونهي.“
منهنجي اندر ۾ وروڌ پرجي آيو. مون هڪدم ڪڙڪ لهجي ۾ چيو، ”پاڻ کي ڇو ٿي هر هر اهو ”داسي داسي“ چوين، سڀُو سڻئون ڇئه ته تون وئشيا آهين وئشيا ...!“
گرُو تيج سواميءَ هڪدم مُڙي مون ڏانهن ڏٺو. سندس اکين ۾ ڪاوڙ جي باهه ايئن پڙڪا ڏئي رهي هئي ڄڻ يمراج پاڻ اچي شمشان ۾ لٿو هجي. مون گرو ديو کان نظرون چورايون. ڏانهنس نهارڻ بدران سندر وئشيا ۽ ان جي پٽ ڏانهن ڏسڻ شروع ڪيم.
منهنجي ڳالهائڻ ۾ ڪروڌ ۽ نهار ۾ ڌڪار ڏسي، سندر وئشيا چيو، ”شريمان! وئشيا به جيو آتما هوندي آهي.“
” ها، اهڙو جيو، جيڪو سويم پنهنجي آتما جي هتيا ڪندو هجي.“ مون هن کي هڪدم ٺهه ٺپ جئي ڏنو ۽ منهنجي لهجي ۾ هِردي کي لُوڻ ڪري ڇڏيندڙ وِش اوتيل هئو.
”شريمان! آتما جو انت ته اهنڪار سان ٿيندو آهي؟ مون ڪڏهن به ڪنهن کي پاڻ کان هيٺو يا نيچ ناهي ڄاتو. مون ته برهم جي نِيَمن جو پالڻ ڪيو آهي، نرڌن ۽ ڌنوان جي هڪجهڙي سيوا ڪئي آهي، منهنجي دُوار تان ڪڏهن ڪنهن کي ڌِڪار ناهي ملي. مون وٽ ڪو به اهنڪار ڪونهي ۽ هجي به ڪيئن ڀلا، جو مون وٽ ته نه ڪي آهن ڪرم ، نه ڪي وري ڪانڌِ.“

”وِنشيالو هلائيندي هوندينءَ. پر هُتيءَ کان واهيري جي وِيل تائين پاپ ڪندي هوندينءَ، پوءِ به چوين ٿي ته تون برهم جي نيتي نِياني رهي آهين؟“
”شِرياس! توکي پنهنجي گُروءَ جي سامهون پَرَوچن ڪندي لڄ ڪونه ٿي اچي؟“ گُرو تيج سواميءَ مون ڏانهن لاڳيتو ڏسندو رهڻ کان پوءِ ڏاڍي ڌڪاري لهجي ۾ چيو.
منهنجي اندر ۾ ويٺل نِردئي جاڳي پيو. مون انادر ٿيندي چيو، ”گرو ديو! هاڻي توهان ڪِرپا ڪري ماٺ رهو. توهان ونشيائن جي پر ڪٽي پنهنجو ڌرم چو ٿا پرشٽ ڪيو؟“
گرو تيج سواميءَ کي ته مون ماٺ ڪرائي ڇڏيو، پر هُوءَ سندر ونشيا چپ رهي نه سگهي. هڪدم چيائين. ”مهاشي شِرياس! توهان کي ڪهڙي خبر ته ڌرم ڇا ٿيندو آهي. ڌرم، گيان ڌاران ناهي هوندو ۽ گيان گُر بنان ناهي ملندو.“
”تو ويد ۽ شاستر پڙهيا آهن جو مون کي گيان ڏيندينءَ؟
مان ناري آهيان، جنهن کي سويم برهم ئي ته رچنا جي شڪتي ڏني آهي. رچنا جي شڪتيءَ کان وڏي ڪا وديا ڪانهي. مان ناري آهيان، منش جاتيءَ جي ماءُ آهيان جنهن جي اسِتت کي توهان جهڙا اهنڪاري نه مڃيندا آهن. جيڪڏهن ڪا استري گرڀ ۾ پالڻ ۽ جنم ڏيڻ ڇڏي ڏئي ته ڪو مها پُرش ۽ ست پُرش ته ڇا سنسار ۾ ڪو پُرش به ڪڏهن پيدا نه ٿئي.“
مون وڏو ٽهڪ ڏئي چيو، ”پاڻ کي رڳو سنڀار، تون سموري ناري جاتي ناهين.“
”ها شريمان ! ايئن ته سويم توهان به گيان ۽ وديا ناهيو.“
”ديهه سان گڏ پنهنجي آتما کي ڪارو ڪندڙ تو جهڙي ونشيا کي ڪهڙي ڄاڻ ته مون وديا جا ڪيترا پربت لتاڙيا آهن. تون وڃ ڪنهن آچاريه کي وينتي ڪري وٺي اچ، جيڪو مون سان اچي ڪنهن به وشئه ۽ ڪنهن به مُدي تي پرتي يوگتا ڪري. تڏهن ئي توکي پتو پوندو ته آئون گيان جو اننت آڪاش آهيان.“
”شريمان! ڪو آچاريه ڇا لاءِ، مان ئي توهان سان پرتي يوگتا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. توهان پهرين مون کي ته پراجت ڪيو، پوءِ ڪنهن وڏي گيانيءَ کي توهان جي سامهون گرهڻ آسڻ ڪرڻ جو ڪشٽ ڏينداسين.“
مون ونشيا جي اکين ۾ نهاريو، هن جي اکين ۾ آتم وشواس جو ساگر ڇوليون هڻي رهيو هئو. مون کي هن جي ان موورڪپٽي تي کِل آئي. چيو مانس، ”اي ڪام ڳُٺي ونشيا! تون پرتي يوگتا ڪهڙي گرنٿ مان ڪندينءَ؟“
”شاسترن مان.“ هن ڏاڍي ڌيرج سان وراڻيو.“
”تنهنجي ڳالهه مان نِشڪرش اهو ٿيو ته تون مون سان شاسترارٿ ڪرڻ ٿي چاهين؟!؟“ مون تپرس وچان پڇيو.
”ها شريمان! جيڪڏهن توهان سُچيت هجو.“
ها، آئون نِشچت آهيان. پلي پهرين تون ئي پرشن پُڇ. مان پوءِ سوال پڇندس.“
”شريمان! منهنجي هڪڙي سنديهه ۾ پنج سوال آهن، پر جيئن ته سڀئي سوال هڪ ٻئي سان جُڙيل آهن، تنهنڪري توهان کي سڀني سوالن جا وِسترت جواب ڏيڻا پوندا.“
”سوال پڇ ونشيا! آئون وستار ڪندس.“
”شريمان! منهنجو پهريون سوال آهي ته استري ۽ پُرش جي سمڀوڳ ۾ ڪيترِيون ڪلائون هونديون آهن؟ انهن جون الڳ الڳ مُدرائون ڪهڙيون ٿينديون آهن؟ منهنجو ٻيو سوال آهي ته پُرش کي آڪِرشت ڪرڻ، ڪيس ريجهائڻ ۽ پوءِ نهال ڪرڻ لاءِ استري ڪهڙي ڪهڙي وِڌنه ڪندي آهي؟ منهنجو ٽيون سوال آهي ته سرير جي ڪهڙن ڪهڙن انگن ۾ ڪام واسنا جو وِواس هوندو آهي؟

منهنجو چوٿون سوال آهي ته ڪهڙين ڪِريائن سان سمپوگ جو پرارم ٿيندو آهي؟ منهنجو پنجون سوال آهي ته ڪهڙين ڪِريائن سان سمپوگ جو پرارم ٿيندو آهي؟ ۽ ان جو چَرڻُ ڇا آهي؟“

”تون موورک ته ناهين اي ڪلمُنهين!“ مون وڏي ڏکيائيءَ سان پنهنجي جوش ۽ ڪاوڙ کي گهُٽو ڏنو، پر پوءِ به آئون پنهنجي چِڙ ۽ ڪروڌ کي روڪي نه سگهيس. منهنجي ڳلي مان ڦاٽل ڏهل جهڙو آواز نڪتو، ”تون مون کان ڪام شاستر مان سوال پڇي رهي آهين؟“

”شريمان! ڪام شاستر به ته شاستر ئي آهي، جيڪو رشي وستيايِن جو لکيل شاستر آهي نه؟ توهان پاڻ ئي ته پرتي يوڳتا سُنيڪار ڪئي، توهان پاڻ ئي ته شاسترارت ڪرڻ جي سهمتي ڏيکاري هئي. مون ته اوهان تي آڪرمڻ ڪونه ڪيو هئو، نه ئي ڪا اوهان کي لاچاري هئي.“

”بڪواس بند ڪر ڪميڻي وِنشيا! ڪُپت ۽ بوڌ ئي ڪرين؟ تو هڪڙي برهمچاريءَ کان ڌرم، ارٿ ۽ موڪش جا سوال ڇڏي، ڪيول ڪام جا سنديھ پڇيا.“

”شريمان! مجيو چونه ٿا ته مون توهان کي پراجِت ڪيو آهي.“

هڪ پل ترسي سندر وِنشيا وري چيو، ”شريمان! ڪام ئي هن سچي جيوت جو آدي سرورر آهي. ڪام ئي جيون جو جهرڻو آهي. جنهن ڪام کي سمجهيو، ان جو ڌرم، سَتِ هوندو، سندس ارٿ ڪڏهن انرٿ نه ٿيندو، اهو جيئري ئي نرواڻ ماڻيندو. شريمان! ڪڏهن سوچيو اٿو ته توهان جو گيان، توهان جي وِديا، توهان جي مهانتا، توهان جو استت توهان جي ماتا - پِتا جي ڪام واسنا ۾ ڪيل ڪرم جو ڦَلُ ئي آهي.“

مان هن وِنشيا جي چترائپ کي ڏسي رهيو هئس، سندس ورت واٽي ۽ تَرڪ وِتَرڪ پاشڻ مون کي اها سُوچنا ڏئي رهيا هئا ته مون ڪام جهڙي وشئه تي شاستر جو اڌيين ڇڏي هڪ وڏي چُڪ ڪئي هئي. منهنجو گيان اڻ پورو هئو. منهنجي وديا کُٽل هئي. اڌوري وديا ته اَوديا کان به بڇڙي ٿيندي آهي. گُرو تيج سوامي مون ڏانهن ڏسي رهيو هئو. آئون هُن سان نظرون ملائڻ کان ڪِيٻائي رهيو هئس. وِنشيا جي چپن تي اڻ لکي مُرڪ هئي، هُوءَ چاتيءَ تي پنهنجو ٻئي ٻانهون ٻڌي ڪنهن وجيتا شُور سُورميءَ جيئن بيٺي هئي. مون کي پراجِت ڪرڻ کان پوءِ هن جو ساهس ۽ وشواس اڃان به هيڪاري وڌي ويل ٿي لڳو.

گُرو تيج سوامي اڳتي وڌي سُندر وِنشيا ۽ سندس ٻالڪ ستڪام جي بلڪل سامهون ٿي بيٺو. هوريان هوريان پنهنجو هٿ مٿي کنيائين. ٻالڪ ستڪام جي ڳَل تي پيار سان ٺپڪي ڏنائين ۽ چيائين، ” دليمون واري مُهين گهاٽ جو وشيه وديالو پنهنجي هڪ پرم وديارٿيءَ جي پرتِيڪشِيا پيو ڪري، تون هلڻ لاءِ تيار آهين نه؟“

ٻالڪ ستڪام جي مُک تي تمام گهڻي سرهائي اچي وئي، بي اختيار چيائين، ”نِشچت دُوار مهراج! مان اڪين کي پڳ ٻڌائي پنڌ ڪندس.“

گرو تيج سواميءَ پوءِ وِنشيا جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ ڪيس ڏاڍي پريم ۽ آدر سان چيائين، ”ڏيئڙي! شِرياس منهنجو شِش آهي، پر مون کي پتو نه هئو ته هن ۾ ايڏو اپيمان ۽ ادنبر هوندو. هن توسان دُرويا ونهوار ڪيو، مون کي لڳي ٿو ته اهو ڏوهه شرياس نه پر مون ڪيو آهي، ڏاڍو آسانتو آهيان ته اهي مداپون پنهنجي پوتر من مان ميساري ڇڏيندينءَ ۽ مون کي شما ڪري ڇڏيندينءَ.“

سُندر وِنشيا جي اکين ۾ لُڙڪ اچي ويا. وڏي وياڪلتا وچان گُنڀير آواز ۾ چيائين، ”مهراج! توهان ايڏو اُليک ته نه ڪيو. اوهان جا اهي اکر ڪيلاش پربت کان به ڳورا آهن، مان ته اوهان جي چاڪرڙين جي ڌُوڙ به ناهيان. مان چاڻي به ناهيان جيڪا ڌرتيءَ تي اوهان جي پيرن جي چَوِي ٻڌجي سگهي. اَگيا ڏيو ته گهر ۾ آيل مها پُرش مهمانن جي سيوا وجي ڪيان ۽ پنهنجي ستڪام کي اوهان سان گڏ

ياترا تي وڃڻ جي تياري ڪرايان، ڪيس ڪو سهائتڪ وسٽو ۽ سامان ٻڌي ڏيان ۽ رستي لاءِ ڳُنڍڻ جي ڳنڍِ ناهي ڏيان."

گرو تيج سواميءَ ساڄو هٿ مٿي ڪنيو ۽ پوءِ ساڄيو ني هٿ پنهنجي ڇاتيءَ تي رکي نمرتا سان بالڪ ستڪام ۽ سُندر ونشيا کي وداعي ڏنائين. سُندر ونشيا اوڊِٺيءَ جي پلئه سان ڳوڙها اُگهندي، پنهنجي بالڪ سان گڏ هوريان هوريان آراڌنا ۽ ارچنا وچان پُنيري هلندي، وديالي جي مُک ڪڪش مان ٻاهر هلي وئي.

***************************************

رشي وستياين جو مارڳ درشڪ گُرو تيج سواميءَ کي وٺڻ آيو هئو.

گرو تيج سوامي ڪجھ چوڻ آکڻ کان سواءِ هُن جي سنگ وديالي کان ٻاهر نڪري آيو. مارڳ درشڪ گُرو تيج سواميءَ سان گڏ گڏ هلي رهيو هئو. آئون ٻنهي جي پويان پويان هلي رهيو هئس.

اسان سُديش نگر جي پن پن رستن کان هلندا انيڪ گهٽيون لتاڙيندا، ڇئن پاڙن کان گذري، هڪ وڏي گهر جي ٻاهران پهتاسين. دُوار کُليل هئو. پهرين مارڳ درشڪ اندر گهڙيو، پوءِ گرو تيج سوامي ۽ انت ۾ پويان پويان آئون پيتر آيس.

هڪ وڏي دالان مان لنگهي هڪ ڪُشادي بيٺڪ ۾ آياسين. اسان جي سامهون رِشي وستياين هڪ گديءَ تي پلٿي هٽي ويٺو هئو. هُو گلاب جي گل جهڙي مُک وارو بنھ هڪ ڪُراڙو منش هئو، جنهن کي برف جهڙي اڇي ڏاڙهي، تيج ڏيندڙ اکيون ۽ کير جهڙون جٽائون هيون، هُو اکيون ٻوٽي سماڌيءَ ۾ گم هئو. پر پڪ سان هُن اسان جي پيرن جو کڙڪو ٻُڌي ورتو هئو. هڪدم اکيون کولي زور سان ٻگهو ساھ کنيائين. جيئن ئي گُرو تيج سواميءَ تي نظر پيس ته هڪدم وڏي پابوھ وچان اٿي بيٺو ۽ ٻئي ٻانهون کولي چيائين، "تيج سوامي آچاريا ! سواگت هجي."

گرو تيج سوامي به ساڳيءَ اُڪير ۽ اُڪنڊ وچان تڪڙو وڌيو. ٻئي گياني هڪٻئي کي ٻکن ۾ قابو ڪري ڪيئي پل ماٺ ڪيو بيٺا رهيا.

اُن ويل مارڳ درشڪ بيٺڪ مان ٻاهر هليو ويو. اسان کي رشي وستياين وٽ پهچائڻ ئي شايد هُن جو ڪرتاويه هئو، جيڪو ان پل پُورو ٿي چُڪو هئو، تنهن ڪري هُن بيٺڪ ۾ وڌيڪ ترسڻ سياويڪ نه سمجهيو هوندو .

گُرو تيج سوامي ۽ رِشي وستياين هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀري هيٺ ويهي رهيا. بلڪل انهيءَ سمئي رِشي وستياين مون ڏانهن نهاريو. آئون ان پل جي اوسيئڙي ۾ هئس. آئون وڏيءَ هيج وچان هٿ جوڙي جهُڪي ويس، رشي وستياين جي چرڻن ۾ مٿو ٽيڪي آشيرواد پراپت ڪيم. پنهنجو ڪنڌ مٿي کڻڻ ڏاران ئي مون ٻڪيا گهرندي چيو، سوامي ! توهان جي درشن جي ڪلپنا، وڏي ڪلپنا هئي، هاڻ جيون سڦل پيو ڀانئيان. جُڳ جُڳ جيئندر! مون کي پنهنجو شيوڪ سُئيڪار ڪيو، "

رشي وستياين منهنجي مٿي تي هٿ ڦيرايو ۽ پوءِ پڇيو، "آچاريا تيج سواميءَ سان گڏ آيو آهين؟"

آئون اٿي ويٺس، رِشي وستياين جي سامهون گوڏا کوڙي سماڌي آسڻ اسٿاپنا ڪندي چيم، "ها، منهنجا سوامي! آئون گُرو ديو تيج سوامي آچاريا جو ئي شِش آهيان."

رشي وستياين اچرج وچان پهرين گرو تيج سواميءَ ڏانهن ڏٺو، پوءِ مونکي ڏٺو ۽ هڪدم چيو، "مان استمرِيت آهيان ته تيج سواميءَ جي شِش ۾ ايڏو تِوَسڪار آهي!"

"ڇو منهنجا سوامي! مون کان ڪا ڀُل ٿي آهي ڇا؟"

"نانءُ ڪهڙو اٿئي؟"

"شرِياس...آئون سُديش نگر جي مهنت وديالي جو وديا پتي آهيان."

”سرشٽيءَ جي رچنا ڪندڙ ۽ سڀ جو سنگهرڪ شال هن سديش نگر جي وديالي تي ٻاجهه ڪري، جيڪڏهن تو جهڙا شِڪشَڪ هوندا ته ان وديالي مان رگهو اگياني ۽ اودواني پيدا ٿيندا.“
”رگهو لانڇڻ ڏيندئو ۽ اروپ هڻندئو يا منهنجي ڀُل جو وستار به ڪندئو، سوامي!؟“ مون پنهنجي ڪروڌ کي پاڻ کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.
شِرياس! ڀُل ننڍو شبد آهي، تو ته اپراڌ ڪيو آهي. تو پنهنجي ست گُروءَ جي سامهون، ڪنهن ٻئي آچاريا جي شرڻ ۾ وڃڻ جي پاونا ڪيئن ڏيکاري؟ ڇا تو گُر پد مهانتا سِڪي ناهي يا توکان وسري ويو آهي؟ آدي گرنٿن جون ٻاٽيون ڇا ٿيون چون؟ ٻُڌ شِرياس! آدي گرنٿن ۾ لکيل آهي ته پرماتما ۽ گُرو گڏجي ٻڌارين ته پهرين گُروءَ جا پير پڪڙ، جو پرماتما سان پَريچئه ته گُرو ئي ڪرائيندو آهي.“
آئون خاموش هئس. رِشي وستياين اکيون ٻوٽيون ۽ پوءِ هڪ ڊگهو ساهه کڻي گُرو تيج سواميءَ کان پڇيو، ” آچار! توهان پنهنجي هن شِشَ مان پرسڻ آهيو؟“
”اڄ کان پهرين مون کي شرياس تي وڏو گَرب هئو. پر اڄ مون سديش نگر جي وديالي ۾ آگمڻ ڪيو ته ان سمئي هن هڪ اوپڏ ۽ انات کي ڌڪاريو، ان کان پوءِ هِن هڪ وئشيا وِرتي ڪندڙ مَهلا سان ڌُرويا ونهوار ڪيو ۽ سندس اپمان ڪيو.“
”هاءِ ! اهي ته مها پاپ آهن.“ رِشي وستياين جا لڙڪ وهي آيا. بي اختيار رڙيون ڪري روئڻ لڳو. ڳوڙها وهائيندي مونڏي ڏسي چيائين، ”ڪهڙو اگياني آهين، جو اهو به نه ٿو ڄاڻين ته وئشيا سان ڌڪار برهم جي رچنا سان ورود آهي. تو هڪ ناريءَ سان اهڙي چلت ڪرڻ کان اڳ ڪنهن ان پُرش تي ڪا ڦِٽڪار ڪئي، جنهن هڪڙي پوتر ناريءَ کي وئشيا ورتيءَ تائين پهچايو؟ جيڪي انيڪ ۽ پِن پِن جا پُرش هن جي وئشيالي تي ديهه جي تاپمان کي نارڻ لاءِ ايندا رهيا، اُنهن منجهان ڪنهن هڪ سان به ڪڏهن تو ڌڪار ڪئي آهي، ڪنهن هڪ کي به تو ننديو آهي؟ ڪڏهن تو ڪنهن وئشيا جي آتما جا گهاءَ ڏٺا آهن، تو ڪا اهڙي پوٿي پنهنجي وِدرياٿين کي پڙهائي آهي ته هڪ ويلي جي ڳنڍڻ جو مُول سموري منش جاتيءَ جي ماءُ جو ڪومل سرير ناهي هوندو؟
شِرياس! ڇا تو ڪو اتهاس پڙهيو آهي؟ توکي ڪهڙي سُڌ ته سنسار ۾ ڪڏهن ڪنهن ناريءَ پنهنجي اِڇا سان پنهنجو سرير ناهي وڪيو. وئشيا ورتي ته هن سرشٽيءَ ۾ پُرش جي پيدا ٿيڻ جو ڏمر آهي؟ منهنجي ڳالهه لکي ڇڏ، ٻِڌي ڪو شاستر لکين ته ان ۾ پهرئين پني تي لکجانءِ ته سنسار ۾ ڪا اهڙي ناري ڪڏهن به جنمي ناهي، نه ئي ڪا جنمي سگهي ٿي جيڪا پريم کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ لاچاريءَ ۾ پنهنجو پاڻ کپائي.“
رِشي وستياين جا لڙڪ سندس ڏاڙهيءَ کي پُسائي رهيا هئا. گُرو تيج سوامي به هِڏڪيون ڀري روئي رهيو هئو. اکيون منهنجون به وسي رهيون هيون. رِشي وستياين مون کي گُونگا ڳوڙها ڳاڙيندي ڏسي هڪدم ماٺ ٿي ويو. پنهنجي پاڪر سان اکيون اُگهيائين ۽ پوءِ پڇيائين، ”شِرياس! ڇا توکي اها ڄاڻ آهي ته ڪام شاستر ڪنهن لکيو آهي؟“
مون سُڏڪا ڀريندي، ڀريل ڳلي سان گهگهي آواز ۾ چيو، ”جي منهنجا سوامي! ڪام شاستر مها رِشي وستياين لکيو آهي، هن سمئي جنهن جي چرڻن ۾ آئون سيس نمائي ويٺو آهيان.“
”ڪام شاستر پڙهيو اٿئي؟“
”نه، منهنجا سوامي آئون برهمچاري رهيو آهيان، آشرم ڪندت ٿيڻ جي ڀَئه کان مون اوهان جي پُستڪ کي ڪڏهن هٿ لائي به ناهي ڏٺو.“
”ڪام شاستر بس اهو ٿو چئي ته جن ڌرم کي ڪام بڻايو، سي اوجهڙ ۾ ويا، جن ڪام کي ڌرم بڻايو سي وِناشي ٿيا. نه ئي ارٿ ڪڏهن ڪام جو بدل ٿيو، نه وري ڪام ئي ارٿ ٿي سگهي ٿو. انهن چئني

پُرشارٿن ۾ هڪجيتري سڦلتا تڏهن پراپت ٿيندي، جڏهن منش جاتيءَ سان پريم کي سڀ کان اڳ ۾ رکبو. سڀ کان اڳ پريم ئي آهي ۽ پريم جو مهنت وديالو ناري جات آهي..."
هڪ پل ترسي رشي وستياين وري مون کان پڇيو، "شرياس! توکي ٻڌايان ته مون ڪام شاستر ڪيئن لکيو؟..."
مون هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ چيو، "ٻڌايو سوامي!"
ڪام شاستر جو هڪڙو هڪڙو شبد مون کي منهنجي هڪڙيءَ اڌياتمڪ گُرو لکرايو آهي، جيڪا هڪ ناري آهي. تون هينئر جتي مون سان گڏ ويٺو آهين، اهو گهر منهنجي انهيءَ ناري اڌياتمڪ گُرو ديويءَ جو ئي گهر آهي، منهنجي اها گُرو ديوي، جمار ۾ منهنجي ڏيئرن کان به ننڍي آهي. سندس نانءُ جبالا داسي آهي، پر مان هُن کي جبالا ديوي سڏيندو آهيان. مون کي ڪام شاستر لکرائڻ واري ان ديويءَ جو درشن ڪندين؟"
"نشچت ڪندس." مون من جي سچائيءَ سان چيو.
"پر پهرين وچن ڏي ته منهنجي گُرو ديويءَ جو آدر ڪندين ۽ هن جي گهر کي ڪنهن تيرٿ ڌام جهڙو پائيندين؟"
"آئون ايئن ڇونه ڪندس. جيڪا مَهِلا وستياين جهڙي مها رشي جي گُرو آهي، اُن لاءِ منهنجي من ۾ آدر ڪيئن ڪونه ٿيندو؟"
"چڱو ته پوءِ دروازي جي ٻاهر ويٺل شيوڪ کي چئه ته وڃي جبالا ديويءَ کي هتي آگمڻ ڪرڻ جي وينتي ڪري."
آئون اٿيس. دروازي وٽ آيس. دروازي جي ٻاهر مُوڙي تي ويٺي ويٺي پنکيون ڪائيندڙ شيوڪ کي ڪُلهي مان لوڏي جاڳايم ۽ پوءِ کيس رشي وستياين جو سنديش ڏنيءَ، واپس اچي، ساڳي جاءِ تي گرهڻ آسڻ ڪيم. منهنجو مُنهن گرو تيج سواميءَ ۽ رشي وستياين ڏانهن هئو. هنن ٻنهي جو رُخ دروازي جي طرف هئو. بيٺڪ ۾ ڪجھ سمئه ئي نه گذريو هئو ته اوچتو سڳنڌ جو هڪڙو جهُونڌو منهنجي سنگهڻ جي شامرتا کي ڇُهي ويو. ان ئي پل پهرين رشي وستياين ۽ پوءِ گُرو تيج سوامي اٿي بيٺا. هٿ جوڙي نمسڪار ڪيائون. آئون اڪ ڇنيِ کان به اڳ ۾ سمجهي ويس ته بيٺڪ ۾ جبالا ديوي پڌاري چُڪي آهي. مون کي به اٿي بيهي آدر ڪرڻو هئو. نمرتا وچان اٿي بيٺس، مُڙي بيٺس ۽ پرڻام ڪرڻ لاءِ هڪدم هٿ جوڙيم. بيٺڪ ۾ ايندڙ مهان آتيٿي کي پرڻام ڇني اچان ڪنڌ نمايم ئي ڪونه نه منهنجي پيرن مان ساهس ڇڏائجي ويو ۽ مُنهن پر ڌرتيءَ تي اچي ڪِريو هئس. منهنجو سَٽُ، جبالا ديويءَ کي ڏسي ڪڏهن به ڪونه ڇڏائجي ها، جيڪڏهن اها ڪا ٻي ناري هجي ها.
جبالا ديوي ڪا ٻي ناري ڪانه هئي، سوا پهر اڳ شاسترارت ۾ مون کي پراجت ڪندڙ ساڳي سُندر ونشيا هئي.

******************************

✍ نارائڻ شيام

جهر مر تارن جي ڇانوَ ۾
هڪ مکڙي جيون پائي تي
ڪُڙ ڪُڙ بي ترتيب پنن جي
ڪيڏو ان کي هيسائي ٿي
سنهڙا ڪندا اُڀري چينس
جي لڄ کان سر نوڙائي ٿي
چپ چاپ تارن ڏانهن تڪيندي
سور سيڪي سهسائي ٿي
تنهن هوندي بہ اچرج آهي
صبح ٿيڻ تي مسڪائي ٿي!

◆◆

# ورهاڱي جا ويڇ

ڪويتا پنجابي، شڪارپور جائي، ورهاڱي جي نتيجي ۾ ٻاروتڻ ۾ لڏپلاڻ جي عذاب مان گذري سنڌ ڇڏي هند ڏانهن هلي وئي.

هيءَ سندس ڊائري نما ڪتابڙو هڪ مختصر جائزو آهي ته وطن جي ڌرتيءَ کان ڌڪجي انسان ڪهڙي ڪرب ۽ پيڙا مان گذري ٿو.

ڪويتا ڪلڪتي ۾ جادوپور يونيورسٽي ۾ پڙهائيءَ جي پيشي سان لاڳاپيل آهي.

هي ڊائري نما ڪتابڙو انهي اڻ وسرندڙ ۽ اڻ ڪٽندڙ سلسلي جو هڪ پاڇو آهي جيڪو اپکنڊ جي ورهاڱي سا لاڳاپيل آهي. جيتوڻيڪ ورهاڱي کي هڪ جبر طور سيني تي پٿر رکندي لاشعوري لحاظ کان سرحد جي ٻنهي پاسي لڏپلاڻ جي عمل هيٺ اباڻا ڪک ڇڏي پنهنجي وطن جي ثقافت، ڪلچر ۽ تواريخ کي لتاڙي هڪ اڻ ڏٺل ڌرتيءَ تي نوان وٿاڻ آباد ڪرڻ وارن کي لڱ ڀڳ ٻه پيڙهيون ته گهٽي پاڻي لنگهي ويون آهن. انهن مان پهرين پيڙهي ته مورڳو هن دنيا مان ئي ڪوچ ڪري ويل آهي. پر اها پيڙهي جيڪا معمولي سانپر سان وطن کان ٻي وطن ٿي هئي. سا به پنجاهه ورهين کي اورانگهي وئي آهي.

ڪويتا پنجابي جي ٻاروتڻ ۾ ذهن جي نقشي تي چٽيل يادگيرين جو ماضي شڪارپور سان جڙيل آهي. شڪارپور جيڪو سنڌ جي سدابهار ۽ جوان ڪلچر جو جرڪندڙ باب هئي. اها شڪارپور جنهن جا هندو واپاري ماضيءَ ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل هئا. انهن هندو سنڌين دنيا مان مال ڪمائي شڪارپور ۾ محل ، ماڙيون، باغ ۽ بستان اڏرايا.

اها شڪارپور جيڪا ورهاڱي کان اڳ اپکنڊ جي ناميارن شهرن بمبئي، ڪلڪته، مدراس ۽ دهلي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي منزلون طئہ ڪري رهي هئي. انهيءَ شڪارپور جي ڄائي ڪويتا پنجابي ياد ٿي ڪري ته ڪيئن پنهنجي والد جي هٽ ۾ هٽ ڏئي لکيدر تي آئي هئي ۽ اڌ صديءَ کان پوءِ جڏهن ساڳي لکيدر وٽ اچي بيني هئي ته شاهه لطيف جي بيت جو خوبصورت عڪس ٻڌجي بيٺل هئي.

نه وسي وونئڻ وٽن ۾، نه سي ڪاتياريون
پسيون بازاريون هينئڙو مون لوڻ ٿئي. (شاهه)

ڪويتا هن ڊائري جي مهڙ ۾ هڪ ٻن ڪسارين تلخين کي بيان ڪري ٿي جڏهن ڪراچي جي شهر ۾ داخل ٿئي ٿي. ”هي اهوئي شهر آهي جتان منهنجي ڏاڏي پنهنجن ٻن جوان پٽن جي پاڪر ۾ ان جهاز تي پير رکي رهي هئي جيڪو پناهگيرن جي شڪل ۾ پنهنجي وطن ڏانهن ٻيهر نه موٽڻ لاءِ تيار بيٺل هو.“

پر اڄ جي ڪٿا کي بيان ڪندي لکي ٿي: اسان 240 ڄڻن تي مشتمل هندستاني امن وفد جيئن ئي ڪراچي ۾ نمودار ٿيو ته هزارين رهواسي آجيان ڪرڻ لاءِ اُٿلي پيا.

ساروڻين کي اڳتي وڌائيندي چوي ٿي: اسانجي گهر ۾ رڳو سردجنگ جو نظارو لڳو پيو هو. منهنجو بابا ڪنهن به حالت ۾ مونکي شڪارپور ڏانهن وڃڻ جي موڪل ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. جيتوڻيڪ اهو شهر بابا ۽ امڙ جو جنم شهر آهي. تون آخر ڇو ٿي وڃڻ گهرين؟

”اهو گهر تہ هاڻي ڍهي پٽ ٿيو پيو هوندو“ پر ماامرواتي ختم ڪونہ ٿيو، ڏيءُ ۽ پيءُ جي وچ ۾ اڻبڻت ۾ واڌارو ٿيندو رهيو. سندس پيءُ جي راءِ هئي تہ تون جيتوڻيڪ دنيا جو اڌگهمي ڦري آئي آهين. پر ان ڪان وڌيڪ خوف خطرا تنهنجي لاءِ اباڻي شهرن ۾ زهريلن نانگن وانگر ڪر ڪنيو ڦوڪارا ڏيندا هوندا.

آخر گهڻي بحث مباحثي ڪان پوءِ مخالفت جي بنيادي ڪارڻ سمجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. انهيءَ ڏس ۾ گذريل 56 ورهين ڪان هڪ موٽ جهڙي سانت چانيل هوندي هئي ۽ ڪوبہ ان موضوع تي (لڏپلاڻ) بابت چپ چورڻ لاءِ تيار ڪونہ هوندو ان جو ڪارڻ ٻڌائي ٿي.

”اهو عذاب، پيڙا ۽ پوڳنا جنهن مان سندس ڪٽنب لنگهي آيو هو.“ اِنهيءَ ڪري سندس ڪٽنب ۾ ڪنهن بہ مسلمان کي ملازم طور رکڻ ڪان پاسو ڪيو ويندو هو. ان حد تائين جو ڪنهن مسلمان جي هٿ جو رڌل پڪل بہ واپرايو ڪونہ ويندو هو. پر ڪويتا جڏهن ٻاراڻي اوسٿا جا ڏاڪا ٽپي تيرهن ورهين جي ٿي تہ گهر ۾ اهڙي ڇوت ڇات جي خلاف سخت احتجاج ڪيو. پر سندس ماءُ ٿڌو ڇنڊو وجهي مات ڪرائيندي هئي تہ سندس اهڙي هُل هنگامي تي ڏاڏيءَ جي من کي صدمو رسي ٿو.

ڪويتا جنهن هڪ نئين وايو منڊل ۾ اکيون کوليون هيون. اها اهڙي ورتاءُ کي مڃڻ لاءِ تيار ڪونہ هئي. ان لاءِ وٽس دليل هو تہ ڇا اسان پاڻ گهر ۾ مسلم هوٽل تان ماني گهرائي ڪونہ کائيندا آهيون؟ ڇا اسين لذيذ طعام ۽ مشهور رومالي روٽي (ماني) مسلمانن جي هٿن سان پڪل ڪونہ واپرائيندا آهيون؟ ڇا اهو ڳوهي تيار ڪيل اٽو مسلمانن جي پيرن سان لتاڙيل نہ هوندو آهي.

جيتوڻيڪ ڪويتا پنهنجي ڏاڏيءَ ڪان وَر وِر ڪري سوال ڪندي هئي پر اڳيان مات ٿي مات هئي. نيٺ هڪ ڏهاڙي مات جو بند ٽٽي پيو. پاءُ ۽ پيڻ کي سنڌيءَ ۾ ڇڙٻون ڏيندي چوڻ لڳي، توهان تہ ڪڏهن بہ پڳوان جو نالو بہ نہ وٺندا آهيو....“ ۽ ٻاهر مسجد ڏانهن آڱر جو اِشارو ڪندي چوڻ لڳي، ”توهان ڪان تہ هوُملاں بہ سٺو آهي، ڏينهن ۾ پنج پيرا پنهنجي خدا کي ياد ڪندو آهي.“

اِها ڪِٿ پِٽ گهر ۾ هلندي رهي ٿي ۽ ڪويتا جي ماُمن کي ڇاڻ ملي تہ ڪويتا شڪارپور وڃڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي تہ ڪيس پنهنجي ’راواڻي حويلي‘ جا تفصيل اُماڻيائون جنهن ۾ ڏيڪاريل هو تہ ڪيئن گهٽيءَ جي وچ مان نالي لنگهندي هئي، سندس ماءُ جو اسڪول، ڍڪ بازار ۽ ڪئپٽل سئنيما پر پاسي ۾ هئي. اِن ڪان سواءِ ڪويتا جو سڳو سوٽ جنهن پنهنجي پيءُ سان گڏ ويهي سندس رهنمائي ۾ هڪ نقشو تيار ڪيو.اهو نقشو جيڪو 56 وَرهين ڪان پوءِ حافظي جي زور تي تيار ڪيل هو ان کي جيئن ئي ڪويتا گهوري ڏسڻ شروع ڪيو تہ اها هڪ ڪيفيت بيان ڪندي لکي ٿي:

مان جيئن ئي نقشي کي ڳوڙهائيءَ سان ڏسڻ شروع ڪيو تہ اهو ڪٽنب جيڪو دائمي طور سڀ ڪجهہ وڃائي ويٺو. پر انهن جي نقشي ۾ لڪيدر جيڪو شهر جي مرڪز ۾ آهي ۽ جتان ڇهہ رَستا مختلف حصن ڏانهن ڦٽي نڪرن ٿا. جتہ سنگهہ جو پڪو بہ ماڙ گهر، مسجد ۽ اسان جو گهر. ائين محسوس ڪرڻ لڳس تہ جيڻري جاڳندي شڪارپور اکين اڳيان تري رهي آهي. (صفحو10 )

آخر ڪار اهڙو ئي نقشو ڪيس سندس پيءُ يادگيرين تي ٺاهي ڏنو. ڪويتا پيءُ کي ٻڌايو تہ اهڙو نقشو سندس چاچهنس بہ ممبئيءَ مان تيار ڪري موڪليو آهي ۽ جڏهن ٻئي نقشا سامهون رکيا ويا تہ اُنهن ۾ ڪو ٿورو گهڻو فرق هو نہ تہ هوبهو هڪ جهڙا هئا. ان ڪان پوءِ ڪويتا کي پيءُ سمجهائيندو رهيو تہ شڪارپور وڃڻ جو دل مان خيال لاهي ڇڏي تہ چڱو ٿيندو. پر ليڪا سخت رد عمل جو اظهار ڪندي

چوي ٿي تہ ٺھو؟

ان تي وراڻي مليس تہ، ”تون هجرت ۽ پناهگير جي عذاب ۽ پوڻا مان ڪونہ گذري آهين توکي ڪهڙي خبر؟“

پر ڇا اسان تواريخ جي ان عذاب مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري نہ ٿا سگهون؟

ڪويتا اڳ ۾ پاڪستان ۾ آئي هئي. ان لاءِ ٻڌائي ٿي تہ پاڻ جيئن ئي واهگا وٽان سرحد پار ڪئي تہ ٻي پاسي سڄي وفد جي آجيان ڪرڻ لاءِ ’پاڪستان انڊيا فورم فار پيس اينڊ ڊيموڪريسي‘ جو اهم اڳواڻ ڊاڪٽر مبشر حسن موجود هو.

اهو سڄو سفر پشاور تي دنگ ٿيو. پشاور ۾ قصه خواني بازار جو ذڪر ڪندي لکي ٿي، ”آسان کي ٻڌايو ويو تہ گهٽيءَ جي لاهي وٽ جڳ مشهور اداڪار راجڪپور وارن جي حويلي هئي.“

هن پيري جيئن ئي واهگا سرحد پار تي پهتي تہ سفارتي خاني جو وبڻل آفيسر سندس ڇاتيءَ تي لڳل بئل تي لکيل نانءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيس، ’ان جو مطلب ٿيو تہ تون پنهنجي لڇ پنجاب ڳولهي لڌي؟‘

مان ڏڪڪهارڪي نوع ۾ وراڻيومانس تہ، ”اشوڪ بابو مان اجان پنهنجي وڏڙن جي لڇ تائين ڪونہ پهتي آهيان جيڪو شڪارپور جو شهر آهي.“

ڪويتا جڏهن ٽيون دفعو پاڪستان آئي تہ عبدالله شاهہ غازيءَ جي مزار تي پڻ حاضري ڀرائڻ وئي ۽ سندس چواڻي تہ ڪيس اوچتو هڪ ناستڪ شاعر فيض جون هينيون سٽون ياد اچي ويون

’آئين هاتهہ اٺهائين جسم بٽي
جسم جنهين رسم دعا ياد نهين
جسم جنهين سوز محبت کي سوا
ڪوئي بٽ، ڪوئي خدا ياد نهين‘

بهرحال 2003 تي لاهور جي اسٽيشن تان 240 هندستاني ۽ 100 پاڪستاني ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿيا. ٻئي ڏينهن صبح جو ريل گاڏي حيدرآباد اسٽيشن تي پهتي ۽ سندس چواڻي تہ سنڌ تي پهريون قدم رکيو ڇانهہ جو ڪوپ وٺڻ لاءِ اوچتو خيالن ۾ پنهجي ويس تہ هي ساڳيو هنڌ آهي جتان دڙو (مامي) پنهنجي آباڻي شهر مان آخري وک کڻي راجسٿان ڏانهن رواني ٿي هئي. اتي ئي ڪيس پنهنجي ماميءَ سان ڪيل روح رهاڻ بہ ياد اچي ٿي جنهن ۾ شڪارپور ۽ حيدر آبادين جي اڏبٽ جو هڪ وٽندڙ ذڪر پڻ اچي ٿو. ان کي دلفريب نموني بيان ڪندي ڪويتا لکي ٿي، ” هڪ پراڻي زماني کان حيدر آبادين ڏشڪارپور جي وچہ اڏبٽ هلندي اچي پيئي ۽ اها ايتري قديم آهي جيترا تارا اڀ ۾.“ يا ”جيئن بنگالين ۽ گوهاٽين جي وچ ۾ چڪتاڻ“

انهيءَ پاندون ۽ ڪورون واري جنگاڻ جو بنيادي ڪارڻ ڄاڻائيندي چوي ٿي: ”شڪارپوري پاڻ کي سدائين تعليم يافتہ، مهذب ۽ ڌرتيءَ ڄاوا سمجهندا اچن پيا، ان جي اُبتڙ آهي حيدر آبادين کي مغرور، مغرب زده ۽ چند ڦوڪ ۾ محو ڄاڻائيندا آهن.“هوڏانهن وري حيدرآبادي پاڻ کي نفاست پسند، شهري سمجهندا اچن پيا ۽ شڪارپورين کي پوٺتي پيل سوٽ ليکيندا آهن (صفحو33 )

ريل گاڏي حيدر آباد کان رواني ٿي تہ ڪويتا خوابن ۽ خيالن جي دنيا مان نڪري آئي ۽ ورهاڱي جو عذاب ۽ پيڙا يادڪندي ؛ ڪربناڪ نموني راءِ ڏئي ٿي، ”وطن کان ٽڙي وڃڻ کي تواريخي لحاظ کان

منفرد سڃاڻپ آهي. ڇا اِئين تہ ڪونهي پنهنجي تواريخ کان ٽُٽي وڃڻ جي جدوجهد ۾ محو آهيان.“
اِئين ڪراچيءَ ۾ پهچڻ کان پوءِ جنهن سنڌ جي سفير سان سندس ملاقات ٿئي ٿي، ان جونالو عبدالخالق جوڻيجو آهي. ڪويتا عبدالخالق جي سياسي سوچ ۽ فڪر جي تہ تعريف ڪري ٿي پر ان سان گڏوگڏ ڪيس هڪ اندر ۾ اڇو اجرو ۽ انساني وصفن جو پندار ڄاڻائي ٿي.
اُن جا ڪيترائي مثال ڏنا اٿس. پر هڪ مثال هتي پڙهندڙن لاءِ ڏجي ٿو. ڪويتا جي چواڻي تہ جڏهن عبدالخالق کي ٻڌايئين تہ کيس ٻن ڪلاڪن جي اندر شاهہ لطيف، سچل سرمست، شيخ اياز ۽ لوڪ ڳائڻي مائي ڀاڳيءَ جون ڪئسٽون درڪار آهن تہ پاڻ ٿوري وقت ۾ هڪ ننڍڙي ڳوٿري کڻي آيو. ڪويتا آندل ڪئسٽن کي اُٿلائي ۽ پٿلائي ڏٺو ۽ چيائين، ”هي توهان تہ پنهنجون ڪئسٽون کڻي آيا آهيو؟“
مون کي اوهان پنهنجون شيون ڇو ٿا ڏيو؟
هُو، مون ڏانهن ڏڪڻهارڪي نوع ۾ نهاريندي چوڻ لڳو، ”اوهان اسان جا پنهنجا نہ آهيو؟ هونئن بہ اسان اوهان جا قرضدار آهيون.... اوهان کي اسان هتان نيڪالي ڏئي ڇڏي...“
مون ۾ تواريخ جي اِنهيءَ عذاب ۽ گناهہ سان منهان منهن ٿيڻ جي همت ڪانہ هئي. (صفحو33 )
اِنهيءَ ساڳي شام جو سڄي وفد جي مان ۾ کهڙو هائوس ۾ دعوت هئي جنهن لاءِ ڪويتا جي ڊائري مطابق تہ ”ايوب کهڙو سنڌ جي سياست ۾ اڻ وڻندڙ نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.“ اِتي ئي منهنجي ملاقات الاهي بخش سومري سان ٿي جنهن جي پڻ هڪ سڃاڻپ ٻڌائي وئي تہ پاڻ اللهہ بخش سومري جو پاٽيو آهي. انهيءَ نالي ٻڌڻ کان پوءِ پنهنجي ڪيفيت بيان ڪندي لکي ٿي، ”منهنجي ذهن ۾ گهنٽيون وڄڻ لڳيون تہ سنڌ جو لافاني ڪردار اللهہ بخش سومرو جنهن کي اڄ بہ سرحد جي ٻنهي پاسي عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو وڃي ٿو.“ (صفحو41 )
ڪويتا ، ڪياماڙيءَ بہ گهمڻ وئي، ڇو تہ ان سان سندس بہ يادگيريون هيون تہ ڪيئن سندس ماما ۽ چاچا آخري ٻيڙو ڏيهہ کان پرڏيهہ روانا ٿيا هئا. جڳ مشهور رائل انڊين نيويءَ بغاوت جو جهنڊو بہ ورهاڱي کان اڳ هتي ڪيئن اُڀو ٿيو هو. ان کان سواءِ ويسٽ وهارف جو فوٽو پڻ ڪڍيو تہ ڪيئن پاڻ اُتان سنڌ کي آخري سلام ڪندي روانا ٿيا هئا. آخرڪار ڪراچيءَ کان روانگي اختيار ڪئي ۽ بس جو رخ سيوهڻ کان موهن جو دڙي جي شهر ڏانهن هو. اتان ئي ڪويتا ڪسڪي پنهنجو اباڻو شهر شڪارپور ڏسڻ وئي. پر موهن جي دڙي ۽ شڪارپور جي بيهڪ جي نقشي مطابق ڀيٽ ڪندي لکي ٿي، ”موهن جو دڙو جون سوڙهيون گهٽيون ۽ شڪارپور جون وڏيڪ سوڙهيون گهٽيون مورڳو هڪ جهڙيون لڳي رهيون هيون، شاهي حوض ۽ سنڌ واهہ بہ هڪ جهڙا پئي لڳا.“ (صفحو54 )
جڏهن شڪارپور ڏانهن روانگي ڪري ٿي تہ وات تي سوچيندي رهي ٿي، ”اسان تواريخ جي ڦوروچوٽي ڳولا ۾ آهيون جيڪا ڪياماڙيءَ کان شروع ٿي هئي.“ (صفحو60 )
ڪويتا جي ٽئڪسي لاڙڪاڻي شهر ۾ داخل ٿي ۽ کيس اِئين محسوس ٿيو تہ رڻ پٽ سان سفر ڪندي نخلستان ۾ داخل ٿي آهي. نيٺ شام جو شڪارپور ۾ داخل ٿي جنهن جي سڃاڻپ شيخ اياز بہ آهي ۽ پاڻ سڌو اچي لکيدر وٽ بيهي ٿي.
” مان انهن خوابن ۾ گم ٿي ويس جڏهن محض پنجن ورهين جي ڄمارَ ۾ لکي در وٽ ايندي هيس اتي ئي سڪوو ميوو ملندو هو. جيڪو دادا ڏاڍو پسند ڪندو هو ۽ منهنجو بابو وري ڪباب جو

شوقين تہ امڙ وري ڪنهن زماني ۾ حلوائي جي دڪان تي ايندي هئي ۽ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي ۽ اهي نشان ڳولهيندي رهيس. پر پڪو پختو گهڻنئا گهر ڪر ڪنيو بيٺل هو. منهنجي ذهن ۾ موجود حالتون ڏسي بہ نقطا اڀري رهيا هئا. بي انت نقصان، انهي نقصان مان وڇايل ماضي ڳولهي رهي هيس. (صفحو66 )

اِنهيءَ ماضيءَ ۾ ليئا پائيندي 300 ورهين جي پورهئي ۽ پگهر سان پيدا ٿيل وچولو طبقو جيڪڏهن لڏپلاڻ جو شڪار نہ ٿئي ها تہ هھڙا ڊيچاريندڙ حال شڪارپور جا نظر ڪونہ اچن ها ۽ جيڪي مهاجر اترپرديش ۽ بهار مان لڏپلاڻ ڪري شڪارپور ۾ اچي آباد ٿيا اُنهن بہ در ، دريون ۽ بيش بها شيون اُکيڙي وڪڻي ڏوڪڙ ڪمائي وڃي حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ آباد ٿيا.

شڪارپور آثار قديم جو ڏيک ڏيڻ لڳو آهي، ائين ڪويتا جيڪي ڪجهہ گهڙيون شهر ۾ رهي هڪ بيقرار روح وانگر پنهنجا اباڻا ۽ ماماڻا گهر ڳولهيندي رهي. انهن گهرن کي جنهن برباد حالت ۾ ڏسي ٿي تہ سندس مَنُ اُٿلي ٻاهر پئي آيو. ساهہ مٺ ۾ اچي پئي ويس. ڪويتا جڏهن پنهنجي اباڻي گهر جي تباهہ حال حالت ڏسڻ ۾ غلطان هئي تہ کيس چاچهنس جي وينتي ياد آئي جنهن چيو هيس تہ، ”سنڌ مان متيءَ مٺ کنيو اچجانءِ.... “ (صفحو68 )

پر جڏهن ڪويتا پنهنجي گهر جي تصوير ڪڍڻ گهري تہ رهواسين چيس، ”هي مُلن جو گهر آهي ۽ اوهان فوٽو نہ ٿا ڪڍي سگهو.“

هوءَ اجا بہ اچرج ۾ پئجي وڃي ٿي ۽ سوچڻ لڳي ٿي تہ ڇا اِئين ممڪن آهي تہ هن شهر ۾ چايل دانشور، شاعرن ۽ اهل قلم جون لکٽيون ڳولهي ڦولي ڊانتي ارسطو ۽ مايا ڪاوسڪي سان ڀيٽ ڪري بيهاري سگهجن ٿيون. (صفحو69 )

ڪويتا ڏڪ بازار ۽ مارڪيٽ ۾ چرخ شماري ڪندي رهي ۽ نيٺ موٽي لکي در وٽ اچي پيءُ کي فون ڪري ٿي ۽ ان جي قلم بندي ايڏي اثرائتي ۽ پيڙا سا پربل نموني هينئين ريت ڪئي اٿس: ”بابا ڏڪو هٽو تہ مان ڪاٿي بيٺل آهيان.....؟؟“

ٻئي پاسي ڏانهن موت جهڙي ماٺ ڇانئجي وئي ۽ ڳورو آواز آيو، ’مون کي خبر ناهي.‘

پر مان اُمالڪ چئي ڏنو مانس، ’لکي در‘. اوچتو سوالن جي ٻرمار شروع ٿي وئي.

”اڙي ڇا تون پنهنجو گهر ڳولهي لڌو؟ اهو هاڻي ڪيئن ڏسڻ ۾ اچي پيو؟ منهنجو اسڪول؟

مميءَ جو اباڻو گهر؟

شڪارپور هاڻي ڪيئن لڳي ٿي؟

ڇا گهڻنئا گهر ساڳي هنڌ آهي؟

۽ ڪيپيٽول...“ مان انهن اڻکٽ سوالن جا جواب ڏنا ۽ مضبوط لهجي ۾ چيومانس، ”بابا!! هاڻي مان سنڌ واهہ وڃان پئي اها پُل ڏسڻ جتان تون ٽپا ڏيندو هئين..“ (صفحو71 )

اِئين ڪويتا منهن انڌاري شڪارپور جو شهر ڇڏي رواني ٿي، جڏهن لاهور طاهره مظهر علي خان جي ميزبانيءَ ۾ وفد گڏ ٿئي ٿو ياد رهي تہ طاهره مظهر علي خان عورتن ۽ روشن خيال تحريڪ جي پنجاب ۾ هڪ اثرائتي هستيءَ طور متحرڪ رهي آهي. سندس خاندان جا نهرو سان ذاتي تعلقات رهندا اچن پيا. اجان بہ وڌيڪ تہ طاهري جو پٽ طارق علي جڳ مشهور کابي ڌر جي دانشور آهي. هن کين جيءَ ۾ جايون ڏنيون ۽ موڪلائڻ وقت کيس پني ۾ ويڙهيل ڪتاب ڏنو جنهن کي کولي ڏٺو تہ عنوان

هو: (The clash of Fundamentalism)

جيڪو طارق عليءَ جو لکيل آهي ۽ ان ڪتاب جي پهرين پني تي لکيل هو: ”اسان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو!!!! .. پيار مان

طاهره

ڪويتا انهي هنڌ ساروڻين ۾ لکي ٿي تہ جڏهن پاڻ پهريون ڀيرو پاڪستان آئي هئي ان سفر ۾ اڄوڪي سفر ۾ ڏينهن رات جو فرق هو.

اسان جو وڏيڪ ويساهہ پختو ٿيو جمهوريت ڪهڙي بہ ٻڳل ٽٽل شڪل ۾ هجي ان جي موجودگي ڪيترن ئي بحرانن سان منهن ڏيڻ جي همت ۽ جرئت پيدا ڪري ٿي.

جيتري قدر هن ڊائري جو تعلق آهي اها ڪنهن ترتيب سان لکيل ڪونهي پر يادگيرين جو هڪ اهڙو ٽڪو آهي جيڪو تاريخ جي وسايل ورقن جي مٽان پيل دز کي اجوڪري وڃايل رستن کي اجاگر ڪري ٿو.

هن مختصر ڪتابڙي ۾ ٻن نسلن جي ڀوروڇوت ڪهاڻي آهي.

هڪ اهو نسل جيڪو پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي عذاب، پيڙا، عقوبتن ۽ نفرتن جو سمنڊ جهاڳي سرحد جي هن پار جلاوطن ٿيو. اِهو جلاوطن نسل تاريخ جي جبر ۽ ڏاڍ کي وساري ڪونہ سگهيو هو. ان هوندي بہ سنڌ کي ساري سندس اڌ ڇُٽل فٽ اُڪري پون ٿا. ٻيو اهو نسل آهي جيڪو ڄائو ۽ نپيو سنڌ کان ٻاهر. پر اُنهن کي سنڌ جي سُتي ٿوري ٿڪي ڏني وئي آهي.

هيءَ ڊائري ورهاڱي جي ورجاءَ ۾ چڻ سياسي ۽ سماجي وايومنڊل ۽ ان ۾ ايندڙ رد و بدل جو احاطو ڪري ٿي.

ڪويتا پنجابيءَ جون ساروڻيون-ڪٽ
(موبائيل جي مهرباني)

◆◆

## سنڌي ٻولي
✍ فياض ڦمبراڻي

- تنهنجي ٻولي منهنجي ٻولي
سنڌي ٻولي قومي ٻولي
- ٻارن ٻاتا ٻول وڻن ٿا
مٺڙي آهي ماءُ جي لولي
- لکو بہ سنڌي پڙهو بہ سنڌي
ٻارن سيکاريون سنڌي ٻولي
- جنت جي هبڪار اچي پيئي
اهڙي آ جيجل جي جهولي
- هندو مسلم ڀائر ڀيئي
اچو ملهايون گڏجي هولي
- تنهنجي ٻولي منهنجي ٻولي
سنڌي ٻولي قومي ٻولي

◆◆

## چئو سڻا

✍ عزيزه، حنا، عباسي

گوليون گوليون شهر سارو
خوف ۾ ورتل شهر سارو
اجنبي اجنبي چهرا آهن
ڊاريون ٻوليون شهر سارو

ڪٽ ٻار رنو ڪٽ ماءُ رني
ويئي ڀڃي چوڙيون ڪنهن جي ونی
روز دهماڪا روز هي لاشا
او خدايا هيءَ ڪهڙي آفت تو آ ڏني

◆◆

## عظيم ڪردار

# لطيف جو هڪ عظيم پارکو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي

# ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هڪ صدي اڳ 1923ع ۾ مرتب ڪيل شاھ جي رسالي جو پهريون جلد شايع ڪرايو هو

✍ مدد علي سنڌي



ڊا. هوتچند گربخشاڻي



مدد علي سنڌي

افسوس ته ٽي ڀاڱا پنهنجي ذاتي خرچ سان شايع ڪرائڻ ۽ تنهن وقت سنڌ ۾ ڪتابن جو قدر نه ٿيڻ سبب ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جو تيار ڪيل چوٿون جُلد شايع نه ٿي سگهيو ۽ ڊاڪٽر صاحب جي وفات کان پوءِ ڪو ماڻهون، ڊاڪٽر صاحب جي بنگلي مان چورائي کڻي ويو. جيڪو اڄ ڏينهن تائين لڀجي نه سگهيو آهي.

جڏهن به 11 فيبروري جو ڏينهن ايندو آهي ته اهو پاڻ سان هڪ وڏي ياد کڻي ايندو آهي 11 فيبروري1947ع جي ڏينهن سنڌ جي هڪ تمام وڏي عالم ۽ ۽ شاھ لطيف جي پارکو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ شاھ جي رسالي جا ٽي جلد، جنهن جديد طريقي سان مرتب ڪري شايع ڪيا، اهو هڪ وڏو عظيم الشان ڪارنامو هو. نه ته هن کان اڳ سال 1866ع ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جرمنيءَ جي










شهرليپسزگ مان پهريون ڀيرو شاھ جي بيتن جي چونڊ وارو رسالوشايع ڪيو هو، اهو پهريون ڀيرو سنڌي ٽائيپ ۾ ڇپيل رسالو هو. تنهن کان اڳ لٿو پريس ۾ بمبئيءَ مان هڪ شاھ جو رسالو شايع ٿيو هو. پر ڊسمبر سال 1900ع ۾ تاراچند شوقيرام جو مرتب ڪيل سنڌي ٽائيپ ۾ رسالو ڪراچيءَ مان شايع ڪرايو ويو. اهو پهريون ڀيرو هو جو سنڌي ٽائيپ ۾ شاھ جو رسالو شايع ٿيو. پر شاھ جي رسالي ۾ جيئن ته ٻين ڪيترن شاعرن ۽ سُگهڙن جي شاعري اچي ويئي هئي. ان ڪري ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ شاھ جي مختلف ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل رسالن توڙي گنج شريف جي ڇنڊڇاڻ ڪري شاھ جي رسالي جا چار جلد تيار ڪري ورتا ۽ سال 1920ع ڌاري اهو ڪم شروع ڪيو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجو مرتب ڪيل شاھ جي رسالي جو پهريون جُلد 15 آگسٽ 1923ع تي ڪراچيءَ جي ڪمشنر پريس مان اوچي ڪاغذ تي

پنهنجي خرچ مان شايع ڪرايو.

ڄلد پهرين ۾ مقدم لطيفي 171 صفحن ۾ آهي. هن ۾ پنج سُر ڏنل آهن. جن جي بيتن جو ڪُل تعداد 500 آهي ۽ وايون 32 آهن. متن (Text) ۾ 146 صفحا آهن ۽ شرح 170 صفحن ۾ ڪيل آهي. ڪُل 4 نُسخا رکي تصحيح ڪئي ويئي آهي.

ڄلد ٻيون 1924 ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ 6 سُر تصحيح ڪيل آهن. 938 بيت 78 وايون آهن. متن ۾ 296 صفحا آهن. ڪهاڻيون ۽ شرح 200 صفحن ۾ ڏنل آهن. تصحيح وقت 5 نُسخا پيٽيا ويا آهن.

ڄلد ٽيون 1927 ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ 7 سُر ڏنا ويا آهن. بيتن جو تعداد 601 آهي ۽ ڪُل وايون 37 آهن. متن 192 صفحا آهي ته ڪهاڻين جي شرح 319 صفحن ۾ پيش ڪيل آهي. 6 نُسخا اَڳيان رکي تصحيح ڪئي ويئي ۽ جن ۾ برٽش ميوزيم لائبريريءَ واري قلمي نسخي جون پڙهڻيون به شامل آهن.

ڊاڪٽر صاحب ڪُل 18 سُر تصحيح ڪيا ۽ 2039 بيت ۽ 147 وايون مختلف نسخن تان پيٽي صحيح طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽنهي ڄلدن ۾ ڪُل 1492 صفحا آهن. اُن مان اَندازو لڳائي سگهبو ته هن عالم تن تنها ڪيتري نه جاکوڙ ڪئي هوندي. چوٿين ڄلد ۾ باقي 12 سُر هئا. جيڪڏهن اهو شايع ٿي وڃي ها ته ڪيڏو نه سنڌي ادب ۾ گرانقدر اضافو ٿئي ها!

افسوس ته ٽي ڀاڱا پنهنجي ذاتي خرچ سان شايع ڪرائڻ ۽ تنهن وقت سنڌ ۾ ڪتابن جو قدر نه ٿيڻ سبب ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جو تيار ڪيل چوٿون ڄلد شايع نه ٿي سگهيو ۽ ڊاڪٽر صاحب جي وفات کان پوءِ ڪو ماڻهون، ڊاڪٽر صاحب جي بنگلي مان چورائي کڻي ويو. جيڪو اڄ ڏينهن تائين لڀجي نه سگهيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب شاهه جي رسالي جي ترتيب تي جيڪو نور نچويو، اُنهيءَ نور نچوڻ جي محنت اوهانکي ٽنهي ڀاڱن ۾ نظر ايندي. اهم ڳالهه ته ڊاڪٽر صاحب رسالو مرتب ڪرڻ وقت لنڊن ۽ بمبئيءَ وارن ڇاپن کان سواءِ تمام اهم : شاهه جو قلمي رسالو، بلڙي ڪريم وارو قلمي نسخو به آڏو رکيو هو. جيڪو شاهه لطيف جي رسالي جو پهريون قلمي رسالو هو. ۽ اهو قلمي رسالو ڊاڪٽر صاحب کي محترم سائين جي.ايم. سيد بلڙي شاهه ڪريم جي درگاه جي سجاد نشين سيد غلام حيدر شاهه کان وٺي ڏنو هو. افسوس ته اهو قلمي رسالو، جيڪو ڊاڪٽر صاحب محترم عثمان علي انصاري کي ڏنو هو. اهو عثمان انصاريءَ جي لکڻ موجب: هن حيدرآباد سنڌ پراونشل لائبريري (موجود دائود پوٽو لئبريري) کي ڏنو هو، پر اُهو اُتان به ڪو صاحب تڳائي کڻي ويو. هاڻي اهو ته سوال پيدا ٿئي ته آخر ڪار ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وارو چوٿون ڀاڱو ڪيڏانهن ويو؟

ان سلسلي ۾ اهم تاريخي ڳالهه:

سنڌ جي عظيم فرزند ۽ عالم: علام، آءِ. آءِ .قاضي 16 فيبروري 1951ع تي ڊاڪٽر نبي بخش قاضي کي انگريزيءَ ۾ لکيل هڪ خط ۾ هن ريت لکيو ته : ”ڇا حيدرآباد جا رستا ساڳيا آهن. خاص طرح ونٽري بندر مهرباني ڪري جتوئيءَ کي چئو ته ڊاڪٽر دائود پوٽي تي زور ڀري ته اهو ويچاري غريب ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو شاهه وارو چوٿون ۽ آخري ڀاڱو شايع ڪري خدا ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ تي رحم ڪري اسان منجهان ته ايتري ڪانه ڀري.

خط جا الفاظ هن ريت آهن:

Pl. Tell Jatoi to prevail upon Dr. Daudpoto to publish poor Gurbakhsani's 4th and last vol . of Shah . May God mercy on Gurbakhshani ,we could not even do that

(هي خط محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي ترتيب ڏنل علام اِ. آءِ. قاضيءَ جي انگريزي خطن ۾ موجود آهي.)

آئون هڪ ٻي اهم ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي شاگردن ۾ محمد ايوب کهڙو، مير غلام علي خان ٽالپر ۽ پيرزادو عبدالستار شامل هئا. جن مان مير غلام علي خان ٽالپر جي خواهش هئي ته شاهه جي چوٿين رسالي جو جُلد شايع ڪرايان. انهيءَ سلسلي ۾ مير صاحب ڊاڪٽر صاحب جي فيملي کان ڊاڪٽر صاحب جي سموري لائبريري خريد ڪئي هئي، پر جڏهن انهيءَ چوٿين جلد جي ڳولها ڪئي ويئي ته خبر پئي ته هڪ ڊاڪٽر صاحب جي چوٿين جُلد جو اڻڇپيل مسودو، جيڪو فل اسڪيپ سائيز جي 400 صفحن تي مشتمل هو. کو صاحب کڻي ويو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جهڙو عالم جيڪڏهن مغرب ۾ پيدا ٿئي ها ته کيس وڏو اعزاز ملي ها. پر سنڌ سندس قدر سڃاڻي نه سگهي. شاهه جي رسالي ڇپائڻ سبب کيس وڏي مالي پريشانين کي مُنهن ڏيڻو پيو. جنهن ڪري هو دل جو مريض ٿي پيو. بهرحال ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي اُنهن ٽنهي ڀاڱن کي اصلوڪي شڪل ۾ انهن جون فلمون نهرائي سيد سردار علي شاهه، وزير ثقافت اپريل 2018ع ۾ شايع ڪرايو آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي 8 مارچ 1883ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو ۽ اعليٰ تعليم حيدرآباد ۽ ڪراچي؛ ٻنهي شهرن مان حاصل ڪري لنڊن يونيورسٽيءَ مان 1926ع ۾ پي.ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. سندس ٻين لکيل تفصيلن ۾ ”نور جهان“ ناول ۽ ”لغاريءَ جا لال“ انگريزيءَ جي ٿيسز ۾ شامل آهن. تنهن کان سواءِ سندس ڪيترا مقالا انگريزي ۽ سنڌي ۾ ڇپيل آهن. جيڪي ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي ته ڊاڪٽر صاحب جي لکيل رپورٽ جي نتيجي ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بي.اي. جي امتحان ۾ لازمي قرار ڏنو هو. ڊاڪٽر صاحب ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ جو پرنسپال به رهيو، ۽ هن ئي پهريون سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جو بنياد رکيو، جنهن جو پاڻ پهريون صدر به هيو. سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي ميٽنگ ۾ عالمن کي مختلف موضوعن تي مضمون به اِنتهائي شاندار ڏنا آهن. ڪيڏو نه سنوڻي جو خود ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي فن ۽ ذڪر تي ڪم ڪرڻ لاءِ چيئر قائم ڪئي وڃي ته جيئن هن عظيم اسڪالر جي زندگيءَ تي وڌيڪ ڪم ٿي سگهي. ڊاڪٽر صاحب جي وفات کي 76 ورهيه لنگهي ويا آهن. پر هو لطيف سائينءَ جي حياتي ۽ رسالي تي جيڪو ڪم ڪري ويو آهي. اهو سدائين کيس زنده رکيو ويندو آهي. افسوس ته سندس حياتي جا پويان ڏينهن انتهائي نااميدي ۾ گذريا. 11 فيبروري جي صبح جو جڏهن هو ڊاڪٽر وٽ وڃڻ لاءِ سولجر بازار جي ٽرام اسٽاپ تي ٽرام جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو ته کيس دل جو دورو پيو ته هو رستي تي ئي ڪري پيو ۽ اُتي ئي دم ڏنائين. ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن ماڻهن کيس سڃاتو ته سندس لاش کڻي سندس بنگلي واقع سچل روڊ (سائين جي.ايم. سيد جي بنگلي حيدر منزل جي پر ۾) پهچايو ويو.

وياسي وينجهار، هيرولعل ونڊين جي،<br>
تنين سندا پوئيان، سيئي لهن نه سار،<br>
ڪئين ڪٽ لهار، هاٽي اُنهي پيٽيين.

”ڪاوش“ جي مهرباني سان<br>
12/02/2023

◆◆

# تندرستيءَ جو خزانو

✍ چونڊ - حنيف عبدالله

## (۱) سينڌو لوڻ ڪيترين ئي بيمارين کي دور ڪري ڇڏيندو

لاهوري لوڻ هڪ اهڙو لوڻ آهي جنهن کي اِستعمال ڪيندڙ لوڻ جي پيٽ ۾ پروسيسنگ جي گهڻ مرحلن مان گذاريو ويندو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي ته ان لوڻ ۾ ڪيترين ئي قيمتي شين جهڙوڪ پوٽاشيم، ڪئلشيم ۽ ميگنيشيم وغيره برقرار رهندا آهن. لاهوري لوڻ کي سينڌو لوڻ به چيو ويندو آهي. اهو پاڪستان جي علائقي کيوڙا، ورچا ۽ ڪالاباغ جي جاين تان نڪرندو آهي. لاهوري لوڻ اصلي حالت ۾ موجود هجڻ جي ڪري ڪيترائي صحت جا فائدا هوندا آهن. اڄ اسان اُنهن فائدن بابت ڪي ٻڌائينداسين.



**هاضمي وارو نظام:** لاهوري يا سينڌي لوڻ هاضمي واري نظام جي خرابين کي صحيح ڪرڻ جي حوالي سان حيرت جوڳي ڪارڪردگي ڏيکاريندو آهي. اهو قبضي جي شڪايت کي ختم ڪري آنڊن کي شفا ڏيندو آهي. ان کان سواءِ اهو توهان جي جسم کي سڪون ڏيندو آهي.

**بلڊ پريشر:** لاهوري لوڻ رت جي وهڪري کي ضابطي ۾ رکندو آهي ۽ جسماني عضون کي صحتمند رکندو آهي. سيلن ۾ موجود معدنيات کي جذب ڪرڻ جي حوالي سان به مددگار ثابت ٿيندو آهي ۽ بلڊ پريشر برقرار رکڻ ۾ به وڏي مدد ڏيندو آهي.

**وزن ۾ لاٿ :** وزن ۾ گهٽتائي جي لاءِ ڪيترن ئي سالن کان لاهوري لوڻ جو استعمال ڪيو ويندو آهي ڇو ته اهو معدنيات جي توازن کي برقرار رکندو آهي. ان کان سواءِ جنڪ فوڊ (تيز پڪل) کاڌن جي گهرج کي گهٽائيندو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ جسم ۾ موجود ناڪارا چربي کي به ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

**الرجي:** لاهوري لوڻ ۾ ڪيترن ئي قسم جي چمڙي جي الرجي کان بچائڻ واريون خاصيتون موجود هونديون آهن ۽ اهو جيتن جي کائڻ جي ڪري ٿيندڙ مسئلن کان به محفوظ بڻائيندو آهي. ان کان سواءِ لاهوري لوڻ خارش ۽ گهنتيا جي مرض جو علاج به ڪندو آهي.

**جيت :** عام طور تي ٻارن جي پيٽ ۾ جيت پئجي ويندا آهن جيڪا ڪا نئين يا عجيب ڳالهه ناهي پر جيڪڏهن ٻارن کي لاهوري لوڻ سان گڏ ليمي جي رس پيئاري وڃي ته انهن جي پيٽ ۾ موجود جيتن مان جند ڇُٽي ويندي نه رڳو ايترو پر وبائي نزلي کان به محفوظ رهندا.

**ساهه جو مسئلو :** اها ته توهان کي خبر هوندي ته ڊاڪٽر ڪجهه مسئلن جي ڪري لوڻ مليل گرم پاڻي جون گرڙيون ڪرڻ جو چوندا آهن. جيڪڏهن گرم پاڻي ۾ لاهوري لوڻ شامل ڪري گرڙيون ڪيون وڃن ته رڳو ڳلي جو سور ختم ڪري سگهجي ٿو. پر ڪنگهه ۽ سوڄ مان به جند ڇڏائي سگهجي ٿي. تنهن هوندي به رڳو پاڻي جي سهاري ئي نه هلڻ گهرجي. ساهه جا مسئلا ٻين بيمارين جي

ڪري بہ ٿي سگهن ٿا. ان ڪري ڊاڪٽر سان ضرور رابطو ڪيو وڃي.

**وهنجڻ :** وهنجڻ واري پاڻي ۾ جيڪڏهن ٿورو لاهوري لوڻ وڌو وڃي تہ اهڙي عمل سان توهان جي جسم کي سڪون ملندو آهي. جسم مان زهريلا مادا ختم ٿي ويندا آهن ۽ ان سان گڏ بلڊ پريشر ۾ بہ گهٽتائي ايندي آهي. اهڙي ريت لاهوري لوڻ سان وهنجڻ سان جسماني ۽ ذهني دٻاءُ گهٽجي ويندو آهي.

**چمڙي:** جيڪڏهن توهان چمڙيءَ کي چمڪندڙ ۽ خوبصورت بڻائڻ جا خواهشمند آهيو تہ ڪيميڪل وارين شين جو استعمال بند ڪيو، زيتون جي تيل يا بادام جي تيل ۾ لاهوري لوڻ لوڻ وجهي چمڙيءَ جي ڪنهن بہ حصي تي لڳائڻ سان توهان جي چمڙي چمڪڻ لڳندي.

## (٢) بيقراري ۾ سڪون ۽ دل جي ڌڙڪي مان ڇوٽڪاري جو سولو حل

گهڻي قدر اِئين ٿيندو آهي تہ موسم مٽجڻ جهڙوڪ گرمي يا تيز ٿڌ ۾ ساهہ منجهندو آهي يا وري دل جو ڌڙڪو تيز ٿي ويندو آهي. گهبراهٽ جو شڪار ٿيڻ، بيچيني ۽ دل جي سڪون لاءِ اڄ اسان ڪٿي آيا آهيو. هڪ نالي واري مشهور ڊاڪٽر جو بهترين گهريلو نسخو، ڊاڪٽر عيسيٰ دل جي تيز ڌڙڪي ، ٿڪاوٽ، گبهراهٽ ۽ هر بيچيني مان راحت ماڻڻ لاءِ هينيون نسخو ٻڌايو آهي.



شيون: اڌ ڪوپ گلاب جو عرق، هڪ چمچو هنداڻي جو ٻج.

طريقو : اڌ ڪوپ گلاب جي عرق ۾ هڪ ڪائڻ جو چمچو هنداڻي جو ٻج وجهي سڄي رات لاءِ رکي ڇڏيو، روز اِئين ئي ڪيو ۽ صبح جو اُٿڻ سان اهو گلاب وارو عرق پي ڇڏيو ۽ هنداڻي جو ٻج چمچي سان کائي ڇڏيو. اُن سان نہ رڳو دل جو ڌڙڪو نارمل رهندو آهي پر ذهني سڪون بہ ملي ٿو جڏهن تہ بيچين ۽ گهبراهٽ مان بہ جلد ڇُٽي ويندي آهي.

## (٣) اُس ۾ ويهڻ ۽ اُن جا فائدا

اُس سيڪڻ سان وٽامن ڊي ملي ٿي، اُس سيڪڻ بہ قسم جي يوگا آهي. اسي في صد (80%) وٽامن ڊي اسان کي سورج کان ئي ملندي آهي. باقي ٢٠ صد (20%) کاڌن مان ملندي آهي. اسان کي اگر استما مان بچڻو آهي، هائي بلڊ پريشر کان بچڻو آهي، هر قسم جي ڪئنسر کان بچڻو آهي، اميونٽي بوسٽر جو ڪم ڪندي آهي، جيڪا بيماري ڦهلائڻ وارن جيوڙن کي روڪي ٿي. ڊپريشن کان بچائي ٿي. تناءُ (Stress) کي روڪي ٿي. موڊ خراب ڪرڻ کان بچائي ٿي ۽ سُستي ختم ڪري ٿي. صبح سوير واري اُس ويندي 12 بجي تائين اُس سيڪڻ گهرجي. سياري ۾ تہ ڪڏهن بہ اُس جو مزو وٺي سگهجي ٿو. سورج کي پُٺي ڏيئي اُس سيڪجي هر پندرهن ويهن منٽن کان پوءِ ٿورو ڇانو ۾ ويهجي وري پوءِ اُس جو مزو وٺجي. پير، هٿ، ٻانهون کُليل رکجن تہ جيئن اُنهن تي اُس سڌو سنئون پئي. .. ڪُل ملائي گهٽ ۾ گهٽ 30 منٽ اُس سيڪڻ ضروري آهي، تنهن ڪري پڻ کي تندرست رکو.



## (۴)ماکي جا طبي فائدا: حڪيم ممتاز ملاح

توهان پنهنجي لاءِ شفا کي ٻن شين کي ماکي ۽ قران کي لازمي رکو:

* ماکي مزاج ۾ ٽي درجي ۾ گرم خشڪ آهي. مقدار خوراڪ هڪ چمچي کان ٻن تائين کائڻ گهرجي.
* ماکي وٽامن اي ۽ ڪيلشيم سان ڀرپور آهي.




* ماکي گرم کير ۾ ملائي پيئارڻ سان قبضي ختم ٿيندي آهي.
* ماکي ڦٽن ۽ گهاون تي مکڻ (لڳائڻ) سان جلد ڇُٽي ويندا آهن.
* ماکي هڪ چمچو کائڻ سان طبعيت ۾ چستي ٿئي ٿي.
* ماکي سڙيل جاءِ تي مکڻ (لڳائڻ) سان سور، سوڄ ۽ ساڙي ۾ مفيد (فائديمند) آهي.
* ماکي کنگهه ۽ زڪام ۾ صبح شام کائڻ سان فوري (جلد) فائدو ٿئي ٿو.
* ماکي سياري ۾ گرم کير ۾ ملائي پيئجي ۽ انڊي تي لڳائي کائڻ بهترين ناشتو آهي.
* گرميءَ جي موسم ۾ پاڻي ٿڌي ۾ ماکي ملائي پيئڻ بهتر آهي.
* فالج لقوي ۽ جسماني قوت اولاد جا جراثيم وڌائڻ لاءِ هم وزن کجور سان ماکي ملائي کائڻ تمام مفيد(ڪارگر) آهي.

ماکي هڪ بهترين غذا هئڻ سان گڏ رت صاف ڪندڙ، دل ۽ دماغ کي طاقت ڏيندڙ ، ٿڌ، زڪام ۽ ٻين ڪيترن ئي اندرين توڙي ٻاهرين جسماني تڪليفن جو هڪ بهترين علاج آهي.

بهترين خوراڪ جي حيثيت سان هر روز صبح ۽ شام جو ماکيءَ جو هڪ کائڻ وارو چمچو مکڻ جي پسند آهر مقدار سان کائڻ گهرجي.

دماغ جي طاقت لاءِ هرروز صبح ۽ رات جي مانيءَ سان گڏ ماکيءَ جو هڪ چمچو ملائيءَ ۾ گڏي کائڻ گهرجي.

دل جي طاقت لاءِ هر روز ٻه دفعا کنهن به وٽندڙ شيءِ سان ماکيءَ جو هڪ چمچو کائڻ کپي.

رت صاف ڪرڻ لاءِ صبح جو يا رات جو ماکي چمچو گرم کير ۾ چڱيءَ طرح سان ملائي پيئڻ گهرجي. صبح ۽ شام جي چانهه ۾ پڻ ماکي پي سگهجي ٿي. ماکيءَ جو ساڳيو مقدار چڱيءَ طرح ڪيلن سان به کائي سگهجي ٿو.

ٿڌ ۽ زڪام لاءِ ماکيءَ جو چمچو - ليمي جي رس جو هڪ ننڍو چمچو نيم گرم پاڻيءَ جي هڪ گلاس ۾ ڏينهن ۾ ٻه دفعا پيئڻ گهرجي.

## (۵)ثوم جا صحت لاءِ انيڪ فائدا

هونئن ته قدرتي طور مختلف کاڌن ۾ اِنسان لاءِ ڪيترائي فائدا رکيل هوندا آهن پر اُنهن مان ڪجهه اهڙا کاڌا به هوندا آهن جيڪي ماڻهو لاءِ آبِ حيات وانگر ثابت ٿيندا آهن جن مان ثوم به هِڪ آهي. پنهنجي صحت جو پاڻ دشمن انسان ڪيترن ئي ذريعن ذريعي پاڻ کي نقصان ڏيندو رهندو آهي پر ثوم ۾ اُنهن لاءِ سيني جي صحت جا انوکا فائدا رکيل آهن.



ٿوم جو استعمال دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ ڪاڏي وقت يا ڪاڏي ڪان پوءِ ٿيندو آهي ۽ ماهرن ان ۾ ڪيترين ئي بيمارين جو خاص ڪري دل جي بيمارين کان بچائڻ وارا فائدا ٻڌايا آهن.

ٿوم کائڻ سان جسم ۾ موجود صحت لاءِ فائديمند بيڪٽرياز جي انگ ۾ ڦير ڦار ناهي ٿيندي جنهن جي ڪري صحت بهتر رهندي آهي، ان جو استعمال خطرناڪ بيڪٽيرياز کي ختم ڪري هاضمي جي نظام ۽ پيٽ کي درست ڪندو آهي.

اهڙيءَ ريت ٿوم جو استعمال موسمي اثرن کان به بچائيندو آهي، ان ۾ قدرتي اينٽي بايوٽڪ شيون هجڻ جي ڪري انسان جي پنهنجي غلطين سبب ڪا مايوس ڪندڙ علامت ظاهر ناهي ٿيندي .

پيغمبر اسلام حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ ٿوم ۾ ڪيترين ئي بيمارين جو علاج ٻڌايو آهي اُتي اهو به چيو آهي ته جيڪڏهن ماڻهون کي وڇون کائي وڃي ته ان جاءِ تي ٿوم جي پاڻي هاري وڇون جي زهر کان بچي سگهجي ٿو.

ٿوم نه رڳو اڄڪلهه پر هزارين سالن کان وٺي رت صاف ڪرڻ لاءِ به بهترين نسخي طور استعمال ڪئي ويندي آهي. ان سان گڏ ٿوم جو استعمال سياري جي موسم نزلي، زڪام، کنهه، آنڊن جي بيماري، چمڙي جي بيمارين، هاءِ بلڊ پريشر ، فالج، ٻوڙائپ، ڪئنسر، شگر، ڪوليسٽرول جي سطح برقرار رکڻ سميت مٽي جي سور مرگهي جهڙين ڪيترين ئي بيمارين کان به بچائيندي آهي.

صحت جي ماهرن جو چوڻ آهي ته ٿوم کائڻ سان جسم تي ٿيندڙ مختلف ڳوڙهن واري بيمارين کان به بچي سگهجي ٿو.

ٿوم جا ايترا فائدا آهن جو جيڪڏهن ڪير سمجهي ته سون ملهه تي به ٿوم ضرور وٺڻ پسند ڪندو.

* ڪَن ۾ تڪليف وارن ماڻهن لاءِ سرنهن جي تيل ۾ ٿوري ٿوم ساڙي انهن جي ڪَن ۾ وجهجي ته انهن کي سڪون ملي ويندو.
* ٿوم رت مان جراثيم ختم ڪري رت کي صاف ڪندي آهي.
* بدهاضمي ۾ مبتلا ماڻهون ٿوم جي چٽني ناهي کائن ته انهن جو معدو صحيح ٿي ويندو.
* ٿوم کائڻ سان رڳون ويڪريون ٿي وينديون آهن جنهن جي ڪري بلڊ پريشر نارمل رهندو آهي.
* نيراني هڪ به ٿوم جون ڳڙيون کائڻ سان دل جي دوري ۽ بيمارين کان بچي سگهجي ٿو.
* زڪام ۽ نزلي کان بچائڻ سميت ٿوم جو استعمال ٽي.بي جي علاج طور استعمال ڪري سگهجي ٿو.
* ٿوم جسم تي لڳل زخمن کي گهٽائيندي آهي ۽ جسماني ڪمزوريون ختم ڪندي آهي.
* ٿوم کائڻ سان هر قسم جي ڪئنسر جا سيل پيدا ٿيڻ بند ٿي ويندا آهن.

روز ٿوم کائيندڙ ماڻهن کي ڳلي جو انفيڪيشن ناهي ٿيندو ۽ اها ڏندن جي صحت سميت جسم جي داڻن ۽ چمڙي جي بيمارين کان محفوظ بڻائيندي آهي.

جيڪڏهن ٿوم جو استعمال سنڍ سان گڏ ڪيو وڃي ته سهڪي جي بيماري ۾ به وڏي مدد ملي سگهي ٿي.

ٿوم کائڻ سان ڪراڙپ جا اثر گهٽبا آهن ۽ جسماني طاقت فراهم ٿيندي آهي.

## (۶) ڊيمينشيا

شادي شده جوڙن ۾ ڊيمينشيا ۽ دماغي عمل ۾ ڪمزوريءَ جو خطرو اڪيلي يا طلاق يافتا ماڻهن جي ڀيٽ ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ آيو آهي.

رپورٽ موجب ناروي جي هڪ طبي تحقيق ۾ اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته شادي شاده ٿيڻ سان ڊيمينشيا جهڙي لاعلاج بيماري کان تحفظ ملي سگهي ٿو.

تحقيق ۾ 44 کان 68 ورهين جي 8706 ماڻهن جي ڊيٽا کي ڪُڏ ڪيو ويو ۽ پوءِ ڪيترائي سال سندن صحت جو جائزو ورتو ويو. تحقيق جو مقصد اهو ڄاڻڻ جو ته اڪيلو، طلاق يافتا يا شادي شده ٿيڻ سان ڊيمينشيا ۽ دماغي ڪم متاثر ٿيڻ جو خطرو ڪنهن حد تائين گهٽ آهي. ڊيمينشيا اهڙي بيماري آهي جنهن جو ڪو علاج ناهي.

نتيجن مان ثابت ٿيو آهي ته جيون ساٿيءَ جو ساٿ دماغي زوال کان بچائڻ ۾ اهم ثابت ٿيندو آهي جڏهن ته اڪيلن ماڻهن ۾ دماغي بيماريءَ جو خطرو وڌي ويندو آهي.

ان کان اڳ تحقيقي رپورٽس ۾ ثابت ٿيو هو ته اڪيلائپ ڊيمينشيا جي خطري کي وڌائڻ ۾ اهم آهي، خاص طور تي مردن ۾ پر هن تحقيق ۾ مردن ۽ عورتن ٻنهي جو جائزو ورتو ويو.

تحقيق ۾ 11.6 سيڪڙو ماڻهن ۾ ڊيمينشيا جي تصديق ٿي آهي جڏهن ته 35.3 سيڪڙو جي دماغي ڪمن ۾ معمولي خرابي رڪارڊ ڪئي وئي.

نتيجن مان ڄاڻ ملي ته شادي شده جوڙن ۾ دماغي بيماري يا ڊيمينشيا جي شرح سڀ کان گهٽ هئي. جڏهن ته اڪيلن شادي شده ماڻهن ۾ اها شرح وڌيڪ هئي.

تحقيق موجب شادي شده ماڻهن ۾ ڊيمينشيا جو خطرو 6 سيڪڙو تائين گهٽجي ويندو آهي. پر اهو خطرو گهٽ ڇو هوندو آهي؟ ان سوال جو جواب اڃا تائين ناهي مليو.

## (۷) ٻن هفتن تائين کجل کائڻ کهڙي بيمارين کان بچائيندو؟

کجل جي انساني صحت لاءِ هاڪاري اثرن کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهجي، جديد سائنس به ان ڳالهه کي قبول ڪري ٿي ته کجل ۾ فائبر ۽ ٻيون شيون هجڻ ڪري اها صحت لاءِ تمام گهڻي فائيديمند آهي.

جيڪڏهن ڏينهن ۾ رڳو کجل جون به ڳريون کائجن ته توهان جي جسم تي خوشگوار تاثر قائم ٿيندا ۽ توهان جو جسم ڪيترين ئي بيمارين کان محفوظ رهندو.



ان کان سواءِ دل، جگر ۽ دماغ کي به طاقت ملندي ۽ توهان پاڻ کي چست ۽ ڦڙت محسوس ڪندا. پاڻ سڳورن جي سنت سان گڏ صحت جي ماهرن ٻارهن ڏينهن تائين لڳاتار کجل کائڻ جا ڪيترائي فائدا ٻڌايا آهن.

**نمبر هڪ رت جي ڪوٽ :** ماهرن جو چوڻ آهي ته کجل بي وقتائتي بک ختم ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي. کجل کائڻ سان آئرن جي سطح وڌندي آهي، جنهن جي ڪري رت جي ڪوٽ ختم ڪرڻ ۾ به مدد ملي ٿي. پر شگر جي مريضن کي ان جي استعمال بابت احتياط ڪرڻ گهرجي.

**نمبر ٻہ هاضمي جو نظام :** جيڪڏهن ڪنهن کي قبضيءَ، تيزابيت، معدي يا آنڊن جي تڪليف آهي تہ ڪتل انهن لاءِ تمام بهترين خوراڪ آهي. ان ۾ موجود فائبر معدي ۽ ٻين عضون کي صحتمند رکي ٿو.

**نمبر ٽي سوڄ ۽ سور جا فائدا:** ڪتل ۾ ميگنيشيم جي ڪري سوڄ تي بہ ضابطو آڻي سگهجي ٿو تہ ان جو ٻارهن ڏينهن تائين استعمال جسم جي مختلف عضون ۾ سور ۽ تڪليف کان بہ بچائيندو آهي. جيڪا ڳالهہ سائنسي تحقيق ۾ بہ ثابت ٿي چڪي آهي.

**نمبر چار پيٽ وارين عورت لاءِ فائدا:** هڪ تحقيق مان ثابت ٿيو آهي تہ جيڪي عورتون اميدواري دوران ڪتل استعمال ڪنديون آهن انهن کي ٻار پيدا ڪرڻ ۽ ٻين تڪليفن کان بچڻ ۾ مدد ملي ٿي، ان لاءِ ماهر ستر کان مٿي حاملا عورتن جو جائزو وٺڻ کانپوءِ اهو نيتجو ڪڍيو تہ ڊليوري کان چار هفتا اڳ لڳاتار ڪتل کائڻ شروع ڪندڙ عورتن کي ٻار پيدا ڪرڻ ۾ سولائي ٿي.

**نمبر پنج هاءِ بلڊ پريشر ۽ دل جو دورو :** جيئن تہ ڪتل ۾ ميگنيشيم جو جهجهو مقدار هجي ٿو اهو ئي سبب آهي تہ اها رت جي وهڪرن تي ضابطو رکي بلڊ پريشر جا مسئلا ختم ڪري ٿي، ان سان گڏ پوٽاشيم هجڻ جي ڪري دل جي صحت بهتر ٿيندي آهي ۽ دل جي دوري پوڻ جا امڪان گهٽبا ويندا آهن.

**نمبر ڇهون دماغي صحت :** ڪتل ۾ وٽامن بي ٦ هجڻ جي ڪري انسان جو اعصابي ۽ دماغي نظام بہ بهتر ٿيندو آهي. ٻن هفتن تائين ڪتل کائڻ سان روز مره جي ڪم ۾ بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪري سگهجي ٿو.

## (٨) نارنگيون کائڻ سان اٺ بيمارين کان بچي سگهجي ٿو

نارنگيون سياري جي موسم جو اهڙو ميوو آهن جيڪي نہ رڳو وٽندڙ پر صحت لاءِ ڪيترن ئي فائدن واريون آهن. شايد ڪنهن کي خبر نہ هجي پر نارنگين کي سياري جي موسم جو بادشاهہ ميوو چيو ويندو آهي.



نارنگين يا مالٽي ۾ ڇاهٺ سيڪڙو ڪيلوريز، ڇهاسي سيڪڙو پاڻي، هڪ گرام کان مٿي پروٽين، پندرهن گرام ڪاربز، ٻارهن گرام مٺاڻ، فائبر، پيانوي سيڪڙو وٽامن سي، نوي سيڪڙو فوليٽ، پنج سيڪڙو ڪلشيم ۽ پنج سيڪڙو پوٽيشيم موجود آهن. جڏهن تہ انهن جو فيٽ جو مقدار موجود ئي ناهي. اهوئي سبب آهي تہ ماڻهون جي صحت لاءِ تمام گهڻيون فائديمند آهن.

اڄ اسان نارنگين جا اهڙا فائدا ٻڌائيندا سين جن کي ٻڌڻ کان پوءِ هر ڪو نارنگيون کائڻ شروع ڪري ڇڏيندو.

**نمبر هڪ وزن ۾ لاٿ :** وڌيل وزن ماڻهون لاءِ مختلف مسئلن ۽ بيمارين جو سبب بڻبو آهي اهو ئي سبب آهي جو اهي مختلف ٽوٽڪا استعمال ڪندا رهندا آهن. اهڙن ماڻهن لاءِ نارنگي بهترين چونڊ ٿي سگهي ٿي. ڇو تہ اها تولهہ گهٽائڻ جي حوالي سان وڏي مددگار ثابت ٿيندي آهي.

**نمبر ٻہ ڪينسر کان بچاءُ :** ڪينسر هڪ اهڙو خطرناڪ مرض آهي جنهن جو نالو ٻڌڻ سان ئي

ماڻھون جا لڳ ڀڳ ڪانڊارجي ويندا آھن. پر نارنگين کائيندڙ ماڻھن ۾ ان موذي مرض مرض ۾ مبتلا ٿيڻ جا خطرا تمام گھٽجي ويندا آھمن.

**نمبر ٽي قبضي جو خاتمو :** قبضي کي بيمارين جي ماءُ چيو ويندو آھي. جيڪا عام طور تي طرز زندگي جي ڪري بہ ٿيندي آھي پر جيڪڏھن نارنگين يا مالٽي جو لڳاتار استعمال ڪيو وڃي تہ توھان ان مرض کان بہ بچي سگھو ٿا جيڪو ڪيترين ئي بيمارين جو سبب بڻبو آھي.

**نمبر چار ھاضمي جو نظام :** جيڪڏھن ڪنھن ماڻھون کي معدي يا ڪنھن ٻئي سبب جي ڪري ھاضمي جو مسئلو ٿي پوي تہ ان جي زندگي عذاب بڻجي ويندي آھي. پر نارنگي کائڻ وارن ماڻھن کي ڪي اھڙو ڪو بہ مسئلو ناھي ٿيندو جنھن جي ڪري انھن جو ھاضمي جو نظام خراب ٿئي.

**نمبر پنج مھارن جا مسئلا:** ڪيترن ئي ماڻھن کي ڪمزور ھڏڻ جي ڪري ڏندن ۽ مھارن مان رت وھندي رھندي آھي جيڪو عمل انھن لاءِ پريشاني ۽ شرمندگي جو سبب بڻجي ويندو آھي. پر نارنگين ۾ وٽامن سي جي جھجي مقدار جي ڪري انھن جو استعمال مھارن مان رت وھڻ کي بند رکي مھارن ۽ وات جي صحت بھتر بڻائيندو آھي.

**نمبر ڇھہ ڪوليسٽرول ۽ ھاءِ بلڊ پريشر جو مسئلو :** نارنگيون نہ رڳو چمڙي ۽ ٻين مسئلن پر وڌيڪ ڪوليسٽرول ۽ بلڊ پريشر جي لاءِ تمام بھتر ھونديون آھن. روز جي بنيادن تي نارنگيون کائڻ سان بلڊ پريشر کي برقرار رکي سگھجي ٿو.

**نمبر ست جسم مان زھريلي مادن جي نيڪال :** روز جي بنيادن تي مالٽو يا نارنگيون کائڻ سان جسم ۾ موجود زھريلا مادا خارج ٿي ويندا آھن ۽ رت صاف ٿيندي آھي، نہ رڳو ايترو پر نارنگين جو استعمال قوت مدافعت کي بہ مضبوط بڻائيندو آھي. اھوئي سبب آھي تہ ڊاڪٽر سياري جي موسم جي ميون واري فھرست ۾ نارنگين کي سڀ کان پھرين نمبر تي رکندا آھن.

**نمبر اٺ رنگ ڳورو ڪرڻ :** ڳورو ڪرڻ تہ سڀ ڪنھن جي خواھش ھوندي آھي. سياري جي موسم ۾خشڪي جي ڪري ماڻھو مختلف ڪريمون استعمال ڪري پنھنجي چھري ۽ ٻئي چمڙي کي صحتمند بڻائيندا رھندا آھن، اھڙي مقصد لاءِ نارنگي جو استعمال بہ تمام گھڻو فائديمند ثابت ٿيندو آھي. نارنگيون کائڻ سان چھري تان داغ ڌٻا ختم ٿيڻ سميت چھري ۽ ٻئي چمڙيءَ خوبصورتي ٿيندي آھي.

## (٩) مڪئي جي سنگ جا صحت لاءِ حيران ڪندڙ فائدا

مڪئي جي سنگن يا داڻن ۾ صحت لاءِ انيڪ فائدا ھوندا آھن. اھي صحت لاءِ شاندار حفاظتي خوراڪ آھن. صحت جي ماھرن جو چوڻ آھي تہ جيڪي ماڻھو سنگن جو استعمال ڪندا آھن انھن ۾ بلڊشگر ۽ انسولين جو مقدار مناسب حد تائين ڪنٽرول ٿي ويندو آھي.



مڪئي سبزي آھي يا ميوو؟

حقيقت ۾ مڪئي هڪ سبزي، مڪمل ڪاڌو ۽ هڪ ميوو بہ آهي، ان ڳالھ سان ڪوبہ فرق نٿو پوي اها ڪھڙي ذمري ۾ اچي ٿي. ايتري تائين جو مڪئي جا ڦلن سان بہ تمام گھڻا فائدا آهن جيڪي تيل، مکڻ يا لوڻ بدران تيار ڪري سگھجن ٿا.

اڄ اسان مڪئي جي سنگن جا پنج اهڙا فائدا ٻڌائينداسين جيڪي شايد ئي توهان ڪڏهن ٻڌا هجن.

انسان جي هاضمي واري نظام لاءِ مڪئي انتهائي فائديمند آهي، ان کي کائڻ سان قبضي ختم ٿيڻ سان گڏ پيٽ جا مسئلا ناهن پيدا ٿيندا.

جيڪڏهن توهان پنھنجي وزن تي ضابطو رکڻ چاهيو ٿا تہ چانور کائڻ بدران مڪئي کي ترجيح ڏيو، مڪئي مان ملندڙ پروٽين جي ڪري ٿوري ئي وقت ۾ توهان جي وزن ۾ وڌي لاٿ اچي ويندي.

مڪئي وٽامن جي کوٽ جو شڪار ماڻهن ۽ رت جي کوٽ واري بيمارين ۾ مبتلا مريضن جا مسئلا حل ڪندي آهي، سنگن ۾ آئرن جو گھڻو مقدار جسم کي مضبوط بڻائڻ ۾ پنھنجو اهم ڪردار ادا ڪندو آهي.

مڪئي جي سنگن ۾ وٽامن بي جو هڪ قسم فوليٽ موجود هوندو آهي جنهن جي ڪري رت ۾ اهڙيون شيون پيدا ناهن ٿينديون جيڪي دل جي بيمارين کي جنم ڏينديون آهن. جن ڪاڌن ۾ فوليٽ موجود هوندو آهي. اهي دل جي صحت لاءِ تمام فائديمند هوندا آهن.

مڪئي جا سنگ اکين جي روشني وڌائيندا آهن ۽ سست ڪمزور جسم کي طاقت مهيا ڪري چست ۽ ڦڙت بڻائيندا آهن. مڪئي جو تيل جسم تي هڻڻ سان جسم جا مختلف سور بہ ختم ڪري سگھجن ٿا.

## (۱۰) ڪاري چانھ

ڪاري چانھ صحت لاءِ فائديمند هوندي آهي. ان ۾ موجود اينٽي آڪسيڊنٽس ٽينن، فائٽو ڪيميڪلز غذائي سان ڀرپور هوندا آهن.



ڪاري چانھ حيران ڪندڙ طبعي فائدا رکي ٿي جديد تحقيق موجب جيڪڏهن ان کي خالي پيٽ استعمال ڪجي تہ ڪيترين ئي بيمارين مان ڇوٽڪارو ملي سگھي ٿو.

انسان جي مضبوط مدافعي قوت تبديل ٿيندڙ موسم ۾ بيمارين کان تحفظ فراهم ڪري ٿي جيڪڏهن اوهان گدلي شهر ۾ رهو ٿا تہ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگھي ٿو.

بيمارين کان بچڻ لاءِ هر ممڪن طريقي سان پنھنجي مدافعي قوت کي مضبوط ڪرڻو پوندو، ڪاري چانھ اينٽي آڪسيڊنٽس سان ڀرپور هوندي آهي ان لاءِ هي جسم جي دماغي نظام کي وڌائڻ ۾ مدد ڪري ٿي.

اوهان کي دل جا مسئلا هجن يا هاءِ بلڊ پريشر يا هاءِ ڪوليسٽرول، انهن سمورن مرضن ۾ ڪاري چانھ بھتر سمجھي وڃي ٿي، انهن سمورن مرضن وارن ماڻهن کي پنھنجي ڏينهن جي شروعات ڪاري چانھ سان ئي ڪرڻ گھرجي. ڇو تہ جھجي مقدار ۾ موجود اينٽي آسيڊنٽس دل جي

صحت لاءِ فائديمند هوندا آهن.

جيڪڏهن ڪنهن شخص کي شگر جو مرض آهي تہ ان کي صبح خالي پيٽ هڪ ڪپ چانهہ ضرور پيئڻ گهرجي، ڪاري چانهہ ۾ موجود غذائي شيون جسم ۾ بلڊ شگر ليول کي ڪنٽرول ڪري شگر کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون.

ڪاري چانهہ جو استعمال ذهني دٻاءُ ۽ پريشاني کي گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، رڳو ايترو نہ پر هن جي استعمال سان انساني دماغي خلين کي پهچندڙ نقصان کي گهٽائي سگهجي ٿو.

ڪيترن ئي ماڻهن کي کير جي چانهہ پيئڻ سان پيٽ جا مسئلا ٿيندا آهن پر ڪاري چانهہ اهڙن ماڻهن لاءِ بهترين علاج آهي، ڪاري چانهہ جي پنن ۾ ڪيٽيچن هوندا آهن جيڪي آنڊن جي سوڄ واري بيماري ۽ پيٽ ڦوڪجڻ وارن مسئلن لاءِ فائديمند آهن.

ڪاري چانهہ جا ڪي بہ ناڪاري اثر ناهن. طبي ماهرن جو چوڻ آهي تہ هن کي محدود مقدار ۾ استعمال ڪجي تہ فائدو ٿيندو.

## (١١) سنڍ استعمال ڪرڻ جا فائدا

سنڍ استعمال ڪرڻ سان ڪئنسر جي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ جا خطرا گهٽجي ويندا آهن، ان سان گڏ سنڍ جي استعمال سان ڪولون انفيڪشن، جسماني تڪليفون ۽ درد ختم ٿيڻ ۾ وڏي مدد ملندي آهي.



سنڍ جو روز استعمال اسان جي هاضمي واري نظام کي بهتر بڻائيندو آهي. اها آنڊن جي سوڄ ختم ڪندي آهي. سنڍ هڪ قدرتي اينٽي بايوٽڪ آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي اُلٽي جو مسئلو هجي تہ سنڍ چٻاڻ سان ڦوري طور تي اهو مسئلو حل ٿي ويندو.

سنڍ جو استعمال اسان جي جسم جي ڪنهن بہ حصي تي سوڄ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. انهن سان جسم ۾ ٿيندڙ سور ۽ ٿڪاوٽ ختم ٿي ويندي آهي.

شگر مرض ۾ مبتلا ماڻهن جي لاءِ سنڍ جو استعمال تمام فائديمند هوندو آهي، سنڍ استعمال ڪرڻ سان رت ۾ شگر جو مقدار گهٽ ٿيندو آهي.

عورتن کي ماهواري جي تڪليف سان منهن ڏيڻو پوندو آهي، ماهوار جي تڪليف مان ڇوٽڪاري لاءِ سنڍ جو استعمال تمام فائديمند ثابت ٿيندو آهي، سنڍ ان تڪليف کي گهٽائڻ ۾ وڏي مددگار آهي.

سنڍ جي لڳاتار استعمال سان ميٽابولزم وڌندي آهي ۽ ان جي استعمال سان وزن ۾ بہ تيزي سان لاٿ ايندي آهي، جڏهن تہ سنڍ بک جو بہ احساس گهٽائيندي آهي ۽ ڊائيٽ ۾ وڏي مددگار آهي.

## (١٢) ٿوم ۽ سُنڍ روزڪائڻ جا حيران ڪندڙ فائدا





اسان جي روز کاڌن ۾ سُنڍ ۽ ٿوم جو استعمال طور تي ٿيندو آهي. پر اسان ڪڏهن اهو ناهي سوچيو تہ انهن جي استعمال سان اسان کي ڪهڙا فائدا پوندا آهن انڪري اڄ اسان توهان کي

پيدا ٿيندا آهن. جيڪي توهان جي زندگي متاثر ڪري ڇڏين ٿا.

ٿوم استعمال ڪرڻ جا فائدا:

ماهرن جو چوڻ آهي تہ ٿوم ڪائڻ سان مهارن جي سوڄ ختم ٿيندي آهي. ٿوم اسان جي وات ۾ جراثمين جو خاتمو ڪندي آهي، انهن ۾ اينٽي فنگل پراپرٽي موجود هوندي آهي.

جيڪڏهن توهان ٿوم جو باقاعدا استعمال ڪيو ٿا تہ توهان پنهنجي زندگي ۾ فٽ رهندا. جيڪڏهن توهان ورزش وغيره ڪندا آهيو تہ ٿوم جو استعمل گهٽي ڪان گهٽو ڪيو تہ توهان کي ورزش دوران طاقت ملندي رهندي. جڏهن تہ هونئن بہ ٿوم جي طاقت فراهم ڪرڻ جو وڏو ذريعو آهي.

ٿوم جو استعمال توهان جي جسم مان ايجنگ سليز جو خاتمو ڪندو آهي ۽ پنهنجي اينٽي ايجنگ پراپرٽي ذريعي جسم جي ايجنگ سليز کي آڪسيڊنٽ بڻائيندو آهي.

ٿوم جي استعمال سان هاءِ بلڊ پريشر ۾ گهٽتائي ايندي آهي. ان سان گڏ اسان جي مدافعتي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ بہ ٿوم تمام بهترين ذريعو آهي.

## (۱۳) ڳڙجا فائدا

ڳڙ مزاج ۾ گرم تر آهي ٿڌي ۽ گرم مزاج واي ٻئي استعمال ڪري سگهن ٿا. ڳڙ گرمي ۾ جسم کي ٿڌو ۽ سياري ۾ جسم کي گرم رکي ٿو مقدار خوراڪ هڪ چمچي کان ٻن چمچن تائين وٽامن، ڪيلشيم، فولاد، زنڪ ۽ ٻين معدنيات سان ڀرپور آهي.



* لو شگر ۽ بلڊ پريشر ۾ ڳڙ کائڻ سان فوري توانائي بحال ٿئي ٿي.
* ڳڙ گيس ۽ تيزابيت ۾ مفيد آهي.
* ڳڙ کائڻ سان رت صاف ٿئي ٿو.
* اگر اوهان کي بڪ نٿي لڳي تہ ٿورو ڳڙ ضرور کائو.
* ماني کائڻ بعد ٿورو ڳڙ کائڻ سان هاضمو بهتر ٿئي ٿو.
* ڳڙ کائڻ سان رت جي کوٽ پوري ٿئي ٿي ۽ اوهان جي جسم ۾ رت جو واڌارو ٿئي ٿو.
* ڳڙ کائڻ سان وزن گهٽ ۽ ٿولهہ ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي.
* ڳڙ کائڻ سان قبض ختم ٿئي ٿي.
* ڳڙ ۽ تر يا ان جون ريوڙيون کائڻ سان بار بار پيشاب ۾ مفيد آهي.
* ڳڙ کائڻ سان کنگهہ، زڪام، بلغم ۽ رديشي ۾ فائديمند آهي.
* ڳڙ کائڻ سان جسماني ۽ جنسي ڪمزوري ختم ٿئي ٿي ۽ جسم کي طاقت ملي ٿي.
* ڳڙ هڏن ۽ جوڙن جي سور ۾ فائديمند آهي.
* ڳڙ بند ٿيل ماهواري کي جاري ڪرڻ ۾ مددگار آهي.

## (۱۴) زيتون رت جي چاڙهہ کي گهٽ ڪري ٿو



هاءِ بلڊ پريشر اڄ ڪالهہ عام مرض بڻجي چڪو آهي، بي.پي جي مريضن کي پنهنجو بلڊ پريشر ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ دوائن جو سهارو وٺڻو پوندو آهي. پر ڪجهہ غذائون بہ اهو ڪم ڪنديون آهن.

انهن مان هڪ زيتون بہ آهي. طبي ماهرن جو چوڻ آهي تہ زيتون بلڊ پريشر جي مريضن لاءِ گهڻو فائديمند ۽ اثرائتو آهي.

زيتون ۾ وٽامن سي کان سواءِ ڪيلشيم بہ آهي. جيڪي بيمارين جي خلاف قوت مدافعت پيدا ڪنديون آهن.

ماهرن جو چوڻ آهي تہ زيتون ۾ موجود جُز رت جي رواني کي گهٽائي وهڪري کي متوازن رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن. جنهن سان بلڊ پريشر کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ مدد ملندي آهي.

ان کان سواءِ زيتون ۾ مختلف قسمن جون وٽامنز موجود آهن جيڪي جسم کي صحتمند رکڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. زيتون دل جي بيمارين لاءِ فائديمند آهي.

ماهرن موجب زيتون دل جي حفاظت بہ ڪري ٿو جڏهن تہ هاضمي کي بہ بهتر بڻائڻ سان گڏوگڏ وزن گهٽ ڪرڻ ۾ بہ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

**نوٽ: جيڪي رت جو چاڙهہ گهٽ چاهن ٿا. زيتون سان لوڻ استعمال نہ ڪن.**

## (۱۵) نِم مان هي فائدا نٿا وٺو تہ توهان بيوقوف آهيو



اسان جي پر پاسي نِم جا ڪيترائي وڻ موجود هوندا آهن. پر گهڻا ماڻهون نِم جي فائدن کان اڻڄاڻ آهن. سيارو هجي يا سانوڻ ، نِم هر موسم ۾ فائدو ڏئي ٿي، قديمي دور کان ان جو استعمال دوائن ۾ بہ ٿيندو پيو وڃي. هن وقت سياري جي منڊ آهي تنهن ڪري اسان سياري ۾ نِم جي اِستعمال ۽ فائدن تي ڳالهائينداسين.

**بيمارين کان ڇوٽڪارو :**

رڙي، بخار ۽ خارش جهڙن مرضن مان جان ڇڏائڻ لاءِ نِم جو اِستعمال ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪير بہ اهڙن مرضن ۾ مبتلا هجي تہ نِم جي پنن کي پاڻي ۾ اُٻاري وهنجي، ان سان ڪيس فائدو پهچندو، ڇو تہ نِم ۾ موجود اينٽي بيڪٽريل خاصيتون جلد تان جراثيمن جو خاتمو ڪنديون آهن.

**ڪپڙن ۾ اِستعمال :**

سياري جي منڊ ۾ استعمال ڪيا ويندا گرم ڪپڙا موسم تبديل ٿيڻ کان پوءِ پيٽين ۽ الماڙين ۾ بند ڪري رکيا ويندا آهن ۽ سڄو سال پيل رهڻ سان ڪپڙن ۾ جيت بہ پئجي ويندا آهن پر جيڪڏهن ڪپڙن ۾ نِم جا پن رکجن تہ اُنهن ۾ جيت نہ پوندا.

**وارن ۽ جسم تان خشڪي جو خاتمو :**

سياري ۾ وارن خشڪ ٿيڻ هڪ عام مسئلو آهي، جيڪڏهن نِم جي پنن کي پيسي اهي وارن کي لڳايا وڃن ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ مٿو ڌوئي ڇڏجي تہ مٿي مان خشڪي ختم ٿي ويندي، ان

سان ګڏوګڏ نم جي پنن کي اُٻاري وهنجڻ سان جلدي ٿي خشڪي پڻ ختم ٿي ويندي آهي.

نِم جو تيل : نِم جي تيل کي ناريل جي تيم سان ملائي وارن کي لڳائڻ سان اهي سڻيا نظر ايندا ۽ مضبوط بہ ٿيندا، ګڏوګڏ مُنهن تان موهيڙا، ڇُٽا ختم ڪرڻ لاءِ بہ نِم جي تيل سان چهري تي مساج ڪيو. ان سان جلد صاف ٿيڻ سان ګڏ رنگ بہ پورو ٿي ويندو.

## (١٦) ڇا توهان بہ ٿڪاوٽ جو شڪار رهندا آهيو؟ کير ۾ بہ شيون ملايون ۽ چُست ٿي وڃو



جسم جو چُست ۽ توانو هجڻ اسان جي صحت ۽ بهتر زندگيءَ لاءِ ضروري آهي پر اڄڪلهہ متوازن غذا استعمال نہ ڪرڻ سبب ماڻهون ٿورو ڪم ڪرڻ کان پوءِ جلدي ٿڪاوٽ جو شڪار ٿي ويندو آهي. ٿڪاوٽ جو هوڻئن تہ ڪو علاج ناهي پر اسان توهان کي هڪ اهڙو نسخو ٻڌائي رهيا آهيون، جيڪو ٿڪاوٽ ختم ڪري توهان کي تندرست بڻائي ڇڏيندو. ان نسخي لاءِ توهان کي اکروٽ ۽ ڪشمش جي ضرورت پوندي ۽ ٻئي جسماني سڪون لاءِ اهم آهن.



اکروٽ ۾ پروٽينز، وٽامنز، منرز ٽو فيٽس جسم ۾ ڪوليسٽرول جي سطح کي گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا آهن، ګڏوګڏ جسماني طاقت ۽ مضبوطي لاءِ بہ فائديمند آهن. جڏهن تہ ڪشمش ۾ ٽارٽرڪ ايسڊ موجود هوندو آهي. جيڪو هاضمي سان ګڏ دماغ سڪون فراهم ڪندو آهي، جنهن سبب تڪاوٽ جلد ختم ٿيڻ لڳندي آهي.

**طريقو:**

هڪ ګلاس کير ګرم ڪيو ۽ ان ۾ چار ڪشمڪش جو ڳڙيون ۽ چار ٿي اکروٽ وجهي چڱي طرح پچايو، پوءِ هڪ چمچو پيسيل مصري وجهي چڱي طرح مڪس ڪيو ، اهو کير روز نيراني پيئو. توهانجي جسم ۾ توانائي اچي ويندي.

**نوٽ: شګر وارا ماڻهون مصري استعمال نہ ڪن.**

## (١٧) پاروٽي ماني کائي سنت بہ صحت بہ



پاروٽي مانيءَ کان تہ هرڪو واقف آهي جيڪا اوهان کائيندا ڪونہ آهيو يا وري ڪاٻاڙي واري کي وڪڻي ڇڏيندا آهيو جيڪا رزق بي حرمتي ۽ ناشڪري ڪيو ٿا اوهان اڪثر ڏٺو هوندو تہ ماڻهو پاروٽي ماني جانورن کي ڏاري ۾ وجهي ڪارائيندا آهن ۽ توهان ڪتن کي بہ ڏٺو هوندو جن کي اوهين ماني ڏيندا بہ نہ آهيو پوءِ بہ هو ګهرن مان چوري ڇپي ڪٽي پڃي ويندا آهن. پوءِ اهو مال ۽ اهي ڪتا ڪيترا نہ ٿلها ۽ صحتمند هوندا آهن ڇا اها ماني اوهان جي صحت لاءِ ضروري ڪونهي اچو توهان کي فائدا ٻڌايان.

1 پاروٽي ماني اسان کي ګهڻين بيمارين کان بچائي ٿي.

2 پاروٽي ماني جسماني ڪمزوري کي ختم ڪري جسم کي طاقت ڏي ٿي ۽ جسم کي چست رکي ٿي.

3 پاروتي ماني ڪمزور سنهڙن ماڻهن لاءِ تمام مفيد آهي جسم کي سمارٽ ۽ مضبوط ڪري ٿي.
4 پاروتي ماني دماغي ڪمزوري کي ختم ڪري ٿي يادداشت تيز ڪري ٿي.
5 پاروتي ماني پيريءَ تائين نظر تيز ڪري ٿي.
6 پاروتي ماني وارن کي مضبوط ۽ دير تائين ڪارا وار رهڻ ۾ مفيد آهي.
7 پاروتي ماني معدي جي سڀني بيمارين مفيد آهي هاضمو تيز ڪري ٿي ۽ معدي جي تيزابيت ۽ جلن ۾ مفيد آهي.
8 پاروتي ماني جلدي هضم ٿئي ٿي ۽ بک لڳرائي ٿي.

## (١٨) ڀڳڙا ۽ مضبوط جسم



روزانو شام جو مٺي ڀريل يا 100 گرام ڀڳڙا ضرور کائيندا ڪريو ڇو جو هي اوهان جي جسم کي مضبوط طاقتور چستءِ سمارٽ رکن ٿا ۽ گهڻين بيمارين کان بچائين ٿا.

1 ڀڳڙا کائڻ سان رت وڌي ٿو جسم کي طاقت ۽ توانائي ملي ٿي ۽ جسم جي ڪمزوري ختم ٿئي ٿي.
2 ڀڳڙا کائڻ سان ڪمزور جسم ٿلهو ۽ خوبصورت ۽ سمارٽ ٿئي ٿو.
3 ڀڳڙا کائڻ سان ڇيلهه ، بڪيون ۽ تمام عضوا مضبوط ٿين ٿا.
4 ڀڳڙا کائڻ سان دماغ کي طاقت ملي ٿي ۽ يادداشت تيز ٿئي ٿي.
5 ڀڳڙا کائڻ سان وار مضبوط ۽ نظر تيز ٿئي ٿي ۽ چهرو خوبصورت ٿئي ٿو.
6 ڀڳڙا کائڻ سان معدي جون تمام بيماريون ختم ٿين ٿيون
7 ڀڳڙا کائڻ سان هڏيون مضبوط ٿين ٿيون ۽ جوڙن جي سور کان بچائين ٿيون.
8 ڀڳڙا کائڻ سان بک ختم ٿئي ٿي ۽ ڀڳڙا پاڻي گهڻو پيئارين ٿا ۽ جسم جي چربي ختم ڪن ٿا.
9 ڀڳڙا بلڊ پريشر ۽ شوگر وارن لاءِ مفيد آهن.
10 ڀڳڙا کائڻ سان آنڊن کي صاف ڪن ٿا، ڪئنسر کان بچائين ٿا، دل کي طاقت ڏين ٿا.
11 ڀڳڙا جگر کي طاقت ڏين ٿا ۽ سائي زڪام کان بچائين ٿا
12 ڀڳڙا پيشاب جو ساڙو ختم ڪري پيشاب ۽ مني جي قطرن کي روڪين ٿا مثاني کي طاقت ڏين ٿا.
13 ڀڳڙا کائڻ سان مني نهي ٿي ۽ مردانا طاقت وڌيٿي.
14 ڀڳڙا عورتن لاءِ تمام مفيد آهن ۽ ٻارن جي نشونما لاءِ فائديمند آهن.
15 ڀڳڙا عورتن کي ماهواري جو گهٽ اچڻ يا رت جي گهٽتائي يا ٿڃ جي گهٽتائي ۾ به مفيد آهن.

## (١٩) شوگر جو علاج



وڏي فوٽي جي اندر پنج داڻا صبح شام چٻاڙي کائڻ سان شوگر جو مڪمل خاتمو ايندو مهيني کان بعد ٽيسٽ ڪرايو . هن نسخي کي شيئر ڪيو ته ڪنهن کي فائدو ملي.

## (٢٠) ننڍو ڦوٽو (ننڍي الائچي)

اسانجي هڪ مائٽياڻي آهي اُن جي هر صفت سُٺي آهي پر اُن ۾ هڪ ٻي خوبي بہ آهي. اسان جڏهن بہ اُن سان ملندا آهيون اها اسانکي هٿ ڏيڻ سان گڏ هڪ ننڍو ڦوٽو بہ ڏيندي آهي ۽ گڏ اصرار بہ ڪندي آهي تہ ڪاٽو مونکي تہ زوري وات ڪولي منهن ۾ وجهندي آهي.



مون هڪ ڏينهن اُن کان سوال ڪيو ادي پلا هر وقت ڦوٽو ڇو رکندي آهين؟

اُن چيو: ”آئون مصر ويس تہ هوٽل ۾ هڪ فيملي ملي اُن سان دعا سلام ٿي اها روز مونکي سبز الائچي ڏيندي هئي ۽ اصرار ڪندي هئي تہ سستر ڪاءِ فائدي واري آهي“

مون چيو ڪهڙو فائدا آهن؟

ان اعتماد سان ٻڌايو ”الائچي منهن کي خوشبودار رکي ٿي، مسوڙهن جي بيماري ويجهو نٿي آڻي جيڪي الائچي کائين ٿا. اُن جي ڏندن مان اگر خون ايندو هجي مسوڙها خراب ٿيا هجن يا ڳري ويا هجن منهن ۾ پراڻا ڇالا هجن زخم هجن ختم ٿيو وڃن.“

وڌيڪ ٻڌايو اسانجو هڪ مائٽ سگريٽ پيئندو هو ڪي وات جي ڪئنسر جي علامتون پيدا ٿي پيون. ڊاڪٽر اُن کي چيو، ”سگريٽ ڇڏي ڏي ۽ زبان جي سرجري ڪرائي جيئن ڪئنسر ختم ٿئي.“

اُن سگريٽ ڇڏي ڏني سرجري ڪرائڻ جو پيو سوچي مون صلاح ڏني الائچي (ننڍو ڦوٽو) کائي ڏس، اها زخم سڪائي ٿي، ان منهنجي چوڻ تي عمل ڪيو.

وقتا وقتا الائچي منهن ۾ رکي چوسڻ ۽ چٻاڙڻ لڳو آهستي آهستي پهرين اُن جو سور گهٽيو پوءِ زخم سڪڻ لڳو.

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر وٽ وڃي چيڪ ڪرايائين تہ ڊاڪٽر حيران ٿيو ۽ چيو پهرين مون چيڪ ڪيو تہ تنهنجي وات ۾ ڪئنسر جون پاڙون پي پيدا ٿيون جنهن سان توکي ڪئنسر ٿي سگهيو ٿي پر هاڻي تنهنجو وات بلڪل نيڪ پيو لڳي. ڪٿان علاج ڪرايو ؟ اُن چيو صرف الائچي پيو کاوان، ڪيسي ۾ رکي آهي سڄو ڏينهن چوسيان ٿو، کاوان ٿو ان مان نيڪ ٿيس.

ڊاڪٽر فورن ڪمپيوٽر کوليو ۽ ان تي چيڪ ڪرڻ لڳو.

ٿوري دير کان پوءِ چيو تہ، ”توهان سائنس دان ٿي ويا.“ هي علاج ڪيئن ڳولهيو؟

ڊاڪٽروڌيڪ چيو، ”مون انٽرنيٽ تي الائچي تي دنيا ۾ جيڪي بہ ريسرچ ٿي آهي، ان تي نظر وڌي تہ خبر پئي تہ الائچي ۾ وات جو ڪئنسر ، نڪ ۽ زبان جي ڪئنسر جو علاج آهي.“

”الائچي دماغ کي روشن، نظر کي تيز ۽ ياداشت کي مضبوط ڪري ٿي ۽ الائچي استعمال ڪرڻ وارو پوڙهو دير سان ٿيندو. نزلي زڪام ۽ باداشت لاءِ بہ فائدي واري آهي.“ ڪنهن سان ملو تہ الائچي ڏيوس ۽ فائدا ٻڌايوس.

الائچي پيدا ڪرڻ واري جي نسل ۾ پٽ زياده ٿيندا. معده ۽ بواسير جي بيماري ۾ بہ فائدو ٿيندو.

اسانجي مائٽ اُن ڏينهن کان وٺي سيني سان اهي ڳالهيون شيئر ڪيون. آئون ٻين سان شيئر ڪيان پئي. ڪم واريون ڳالهيون ٻين تائين پهچائڻ بہ صدق جاري آهي.

(عبيدا حسين جي مهرباني سان)

◆◆

# اهڙيون شيون جن کي بار بار گرم ڪري کائڻ جا خطرناڪ نقصان

✍ چونڊ - حنيف عبدالله

## (١) پٽاٽا



پٽاٽي جي ڀاڄي کي بار بار گرم ڪري وڏي شوق سان کائڻ پسند ڪندا آهيون پر آلو کي ٻيهر گرم ڪرڻ سان ان ۾ پوٽيليئم بيڪٽريا پيدا ٿي ويندو آهي جنهن سان پٽاٽي جي ڀاڄي سلو پوائزن (Slow Poison) ۾ تبديل ٿي ويندي آهي جنهن سان ڪمزوري، نظر جو گهٽ ٿيڻ، ڳالهائڻ ۾ دقت ۽ فالج ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. پر اهي اثر ظاهر ٿيڻ ۾ وقت لڳندو آهي. پر اسان کي خبر ئي نہ پوندي آهي بيماريون ڇو ۽ ڪيئن ٿيون.

## (٢) تيل

اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ تيل يا گيهہ جيڪو ترڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي يا پڪوڙا مڇيون وغيرهہ ناهيون ٿا ان گيهہ وغيرهہ کي ڪافي چڪر استعمال ڪندا آهيون. ڪافي ڏينهن تائين -



جيستائين هارجي نہ وڃي يا سڙي وڃي. اهو ڪرڻ صحت لاءِ تمام نقصانڪار آهي. تيل کي ٻيهر گرم ڪرڻ سان اِلڊي آئٽس نهندا آهن ۽ ان مان زهريلا مادا پيدا ٿيندا آهن جيڪي تيزابيت ، بي.پي وڌڻ ، دل، ڪينسر جي بيمارين جو باعث بڻجن ٿا. پر اسين قسمت تي ڀاڙي چوندا آهيون تہ گهر ۾ نہ شراب نوشي آهي، نہ ڪو نشو، نہ ئي ڪير سگريٽ نوشي ڪري ٿو. نہ ئي ڪا اهڙي موروثي بيماري آهي پر اهي جان ونندڙ بيماريون الائي ڪيئن پيدا ٿين ٿيون. پر اسان کي خبر ئي ناهي تہ اهي بيماريون هڪ ئي تيل کي بار بار گرم ڪرڻ سان پيدا ٿين ٿيون.

## (٣) چانهہ



چانهہ ٺاهي وري ٿڌي ٿيڻ سان ان کي ٻيهر گرم ڪندا آهيون ۽ پي ڇڏيندا آهيون پر اسان کي خبر ئي ناهي تہ اِئين ڪرڻ سان جگر کي ڪافي نقصان پهچندو آهي ۽ رت جي نالين کي وڏو ڪري ڇڏيندي آهي جنهن سان دل جي تڪليف پيدا ٿيندي آهي. چانهہ کي ٻيهر گرم ڪرڻ سان چانهہ ۾(ٽينڪ ايسڊ) پيدا ٿيندا آهن جيڪي صحت لاءِ نقصان ڪار آهن.

## (٤) چانور



چانور اڪثر ڪري ماڻهون صبح وارا شام جو ۽ شام وارا صبح جو استعمال عام ڪندا آهن. چانور پچائڻ سان ئي بيسيلا سيريس بيڪٽريا پيدا ٿي ويندو آهي. چانورن کي ٻيهر گرم ڪرڻ سان ئي بيڪٽريا پيٽا ٿي

ويندا آهن گهڻي تعداد ۾ پيٽ ۾ وڃڻ سان اهي بيڪٽريا پيٽ کي خراب ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن جي ڪري پيٽ جي تڪليف ڇڏيندي ئي ناهي ۽ علاج ڪرائڻ سان به تڪليف نٿي ڇڏي ۽ اسين پريشان ٿي ويندا آهيون ته الائي ڇا آهي جو تڪليف ڇڏي ئي نٿي. ڪا دوا اثر نٿي ڪري پر ان جو اصل ڪارڻ هر چڪر چانورن کي ٻيهر گرم ڪري کائڻ آهي.

## (۵) گوشت



اگر اوهان گوشت کائڻ جا شوقين آهيو ته گوشت کي ٻيهر گرم نه ڪري کائجو ڇو ته ٻيهر گرم ڪرڻ سان ان ۾ موجود پروٽين پنهنجي اثر تبديل ڪري ڇڏيندا آهن ۽ اهي پيٽ ۾ خرابي ڪندا آهن ۽ پوءِ آهستي آهستي ٻين بيمارين جو سبب بڻجي ويندا آهن.

## (۶) پالڪ



پالڪ کي ٻيهر گرم ڪرڻ سان ان ۾ موجود نائٽريٽ خطرناڪ زهر ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. پالڪ کي اِئين استعمال ڪرڻ سان جسم ۾ زهريلا مادا (Slow Poison) گڏ ٿيندا وڃن ٿا ۽ ڪئنسر جهڙو موضي مرض پيدا ٿي سگهي ٿو.

## (۷) بيدا

جيڪي ماڻهو بيدا شوق سان کائيندا آهن انهن کي شايد اها خبر ناهي ته بيدن کي ٻيهر گرم هاضمي (Digestion System) ڪرڻ سان ان ۾ اهڙا زهريلا مادا پيدا ٿي ويندا آهن جيڪي هاضمي جي شرشتي کي خراب ڪري ڇڏيندا آهن. هاضمي جو سرشتو خراب ٿي وڃي. سمجهڻ کپي ته سوين بيمارين جي ور چڙهي سگهجي ٿو.



## (۸) ساوا ڌاڻا



اگر توهان ساوا ڌاڻا ٻيهر گرم ڪري کائيندا ته ان ۾ موجود نائٽريٽ نائٽرائٽس ۾ تبديل ٿي زهر آهي جيڪو جسم ۾ اچڻ سان ڪيئي قسمن Toxin ۾ويندا آهن. هي هڪ طرح سان جون بيماريون پيدا ڪندو آهي.

## (۹) چقندر

اگر توهان چقندر کائڻ جا شوقين آهيو ته خيال ڪجو چقندر کي ٻيهر گرم ڪرڻ سان اهي زهريلا ٿي ويندا آهن ۽ اهي جسم ۾ اَهڙيون خطرناڪ بيماريون پيدا ڪندا آهن جو انهن جو علاج تمام ڏکيو ٿي پوندو آهي.

◆◆

# جيڪڏهن توهان رات جو بلب ٻاري سمهندا آهيو تہ خبردار ٿي وڃو

✍ چونڊ : حنيف عبدالله

جيڪڏهن اوهان ڪمري ۾ ننڊ ڪرڻ وقت ڏيئو سبب بلب ٻاري سمهون ٿا تہ چاڻي وٺو اها عادت خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي.

ماهرن موجب رات جو روشنيءَ ۾ سمهڻ سان شگر ۽ دل جا مرض ٿي سگهن ٿا.

اهڙو انڪشاف آمريڪا ۾ ٿيل هڪ طبي تحقيق ۾ سامهون آيو آهي.

نارٿ ويسٽرن يونيورسٽي جي تحقيق ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ننڊ دوران ڪمري ۾ روشني دل ۽ رڳن جي افعالن کي نقصان پهچائي ٿي. جنهن سان صبح جون انسولين جي مزاحمت وڌي ٿي.

تحقيق موجب اهڙن ماڻهن ۾ گلوڪوز ۽ ڪارڊيو وسڪيولر ريگوليشن اونداهہ ۾ سمهڻ وارن جي ڀيٽ ۾ خراب هوندي آهي.

محققن ٻڌايو تہ اسان دريافت ڪيو تہ روشني بہ پاڻمرادو اعصابي نظام جون سرگرميون وڌائي ٿي، جنهن سان دل جي ڌڙڪن جي رفتار وڌي ٿي، جڏهن تہ انسولين جي حساسيت گهٽجي ٿي.

هن تحقيق لاءِ ٻن راتين تائين 20 ماڻهن ۾ گلوڪوز ۽ ڌڙڪي جي افعالن جو جائزو ورتو ويو.

انهن مان 10 ماڻهن کي گهٽ روشني ۾ سمهاريو ويو، جڏهن تہ ٻين کي هڪ رات گهٽ روشني ۽ ٻي رات اهڙي ماحول ۾ سمهاريو ويو، جتي روشني اهڙي هئي، جيئن ڪڪر ڇانيل هوندا آهن.

نتيجن مان اِشارو مليو تہ جسم ۾ ننڊ ۾ مدد ڏيندڙ هارمون ميلاٽونين جي سطح ٻنهي گروپن ۾ ملندڙ جلندڙ هئي.

پر جن ماڻهن هڪ رات روشني ۾ گذاري هئي، انهن ۾ صبح جو انسولين جي مزاحمت وڌيڪ هئي، دل جي ڌڙڪن وڌي وئي هئي.

محققن ٻڌايو تہ جيئن تہ اسان صحتمند گروپ تي ٻن راتين لاءِ تحقيق ڪئي تہ اسان اهو چوڻ کان خاصر آهيون تہ طبي حوالي سان اهو ڪنهن حد تائين اهم آهي پر انسولين ۾ تبديلي هڪ اهم جسماني تبديلي آهي، جيڪا شگر جي خطري ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي.

اهڙا ثبوت اڳ کان موجود آهن تہ ڏينهن جي روشني سان ڌڙڪن جي رفتار وڌي وڃي ٿي. جنهن سان جسم سڄي ڏينهن جي چيلنجز کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هوندو آهي.

محقيقن جو چوڻ هو تہ اسان جي نتيجن مان اشارو ملي ٿو تہ اهڙي ئي اثر رات جي ننڊ جي دوران روشني سان پون ٿا.

خيال رهي تہ انسولين جي مزاحمت سڏاڻ جي ضرورت ان وقت پوندي آهي، جڏهن اسان جا مسلز، چربي ۽ جگر ۾ خليون انسولين تي صحيح رد عمل ظاهر نہ ڪري سگهن ۽ رت ۾ موجود گلوڪوز توانائي لاءِ استعمال نہ ڪري سگهن.

ائين ٿيڻ تي انسولين وڌيڪ نهي ٿي، جنهن سان وقت سان گڏ بلڊ شگر جي سطح وڌي ٿي. محققن جو چوڻ هو تہ خطرن کان بچڻ لاءِ ننڊ دوران روشني بند رکو.

••

# راءِ بهادر اوڌوداس تاراچند چاٻڙيا

(1870ع - سترهين جنوري 1943ع)

✍ انور فگار هڪڙو

راءِ بهادر اوڌو داس تاراچند چاٻڙيا 1870ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو هو. هو شڪارپور جي انهن عظيم فرزندن مان هو، جن شهر جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ هميشه پاڻ پتوڙيو ۽ انسان ذات جي دک درد کي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان جي پرواهه به ڪانه ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو اهڙن عظيم انسانن جي عظيم ڪارنامن سبب سندس نالو هميشه ياد رهندو.

اوڌو داس ودِيا جي ويچار کان رڳو گرمکي پڙهيو ۽ مختلف شهرن ۽ ملڪن ڏسڻ ۽ اتان جي ماڻهن جي ميل - جول سبب سمجهه سوچ ۾ وڏي واڌ آئي. هو کنڊ جو واپار ڪندڙ هو. سندس واپار جاوا، سمرقند، بخارا ۽ هندستان کان علاوه سمورن ايشيائي ملڪن ۾ پکڙيل هو. سندس ڪوشش سان شڪارپور شهر جي شاندار ۽ مشهور اسپتال 'راءِ بهادر اوڌو داس تاراچند اسپتال' نهي راس ٿي. 30 اپريل 1933ع تي هن اسپتال جي پيڙهه جو پٿر سکر جي سڄاڻ ڪليڪٽر مسٽر ايچ.ٽي. سورلي رکيو ۽ 2 فيبروري 1935ع تي اسپتال نهي راس ٿيڻ کان پوءِ بمبئي پرڳڻي جي گورنر هزايڪسيلينسي دي آر ٽي هانر لارڊ بريبورن پنهنجي هٿن سان اچي ان جو افتتاح ڪيو. انهيءَ بي مثال ڪارنامي سر انجام ڏيڻ تي اوڌوداس تاراچند کي انگريز سرڪار پاران سن 1935ع ۾ 'راءِ بهادر' جو اعليٰ اعزازي خطاب عطا ڪيو ويو.

شڪارپور جو هي عظيم انسان اسپتال روپي مندر جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ بمبئي ڏانهن ناڻي ګڏ ڪرڻ لاءِ ويو هو. جتي گهڻي جدوجهد ۽ جانفشانيءَ سبب بيمار ٿي پيو ۽ علاج لاءِ سر هرڪشنداس اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. جتي 17 جنوري 1943ع تي پراڻ ڇڏيائين. پاڻ هڪ سماجي ڪارڪن کان علاوه چڱو ڪوي به هو. سندس ڪويتائن جو هڪ مجموعو گرمکي اکرن ۾ شايع ٿيل آهي. ان کان علاوه سنڌيءَ ۾ به ڪجهه ڪويتائون لکيائين.

◆◆

## وائي

✍ نسيم بخاري

اعليٰ انساني اتهاس
راءِ بهادر اوڌو داس

صدين کان پوءِ ماڻهو جڳ ۾
پيدا ٿيندو آهي خاص
راءِ بهادر اوڌو داس

صحت گهر جوڙائڻ لاءِ
چندو وٺڻ ويو مدراس
راءِ بهادر اوڌو داس

عجز جو هو احساس انوکو
شهر جي وک وک ساکي واس
راءِ بهادر اوڌو داس

ورلي ئي ڪو ڏکر ڏئي ٿو
ماڻهو اهڙو فرض شناس
راءِ بهادر اوڌو داس

◆◆

# مادري ٻوليءَ جي اهميت

رسول حمزه توف ڪتاب لکيو آ
ميراداغستان

جنهن ۾ هن لکيو آ تہ هڪ داغستاني عورت جو ننڍڙو پٽ گم ٿي ويو. جيڪو ڪافي عرصي کان پوءِ فرانس وچي نڪتو ۽ اُتي وڏو ٿيو ۽ مصور بڻيو. فرانس ۾ هن پنهنجي تصويرن جي نمائش ڪئي. جنهن ۾ اتفاق سان هڪ داغستاني ماڻهون بہ موجود هيو جنهن کي مصور ٻڌايو تہ مان بہ داغستاني آهيان ۽ ننڍي هوندي پنهنجي امڙ کان وڇڙي ويو هوس ۽ هتي فرانس پهتس ۽ مصور ٿيس. وڏيڪ چيائينس تہ منهنجي امڙ کي مان بابت ٻڌائجانءِ. هو جڏهن داغستان موٽي اچي ان عورت کي سندس وڇڙي ويل پٽ جي خبر ڏنائينس.

تہ عورت هڪدم سوال ڪيس تہ ڇا هو پنهنجي امڙ جي ٻولي داغستاني ڳالهائي پيو، هن وراڻيس تہ نہ! هو فرانسيسي پيو ڳالهائي. مائي چيس تہ هاڻي جڏهن فرانس وڃين تہ ٻڌائجانس تہ تو امڙ جي ٻولي داغستاني وساري ڇڏي آ تنهن ڪري منهن جو پٽ ٿي ناهين.

واٽس آپ تان(

◆◆

## غزل

✍ اياز گل

- تو جو ڏِکُ مَٽايو ڪونہ !
دَردُ آسان ڏي آيو ڪونہ !
- ٻاڦُ ٿيئا جو ٻچي ويا سي
ٻارن هوندَن گهٽايو ڪونہ!
- مون ٻي پيرَ جهليا ها پنهنجا
تو ٻي يارَ! سڏايو ڪونہ!
- ڪهڙي ٻُوهي ۾ ٿي ڦاسي؟
تو دِل کي سمجهايو ڪونہ !
- وَقتُ اسان جا لاهِہ ڪيڏي ويو
توڙي جو گهٻرايو ڪونہ !
- ڪيرُ اُنهيءَ کي دِل چوندو؟
دِل جنهن دردُ پرايو ڪونہ!
- ڪهڙي هيءَ ڏِياري آئي
ڪنهن ٻي ديپُ جَلايو ڪونہ!
- سو تاريخ ويو ٿي آهي
جنهن هو ديشُ لڄايو ڪونہ!
- مُنهنجي سِنڌُ ورهائي جيڪو
اهڙو ڪوئي ڄايو ڪونہ!

◆◆

## غزل

✍ ناري لڇواڻي

- گهوريا جن پنهنجا تن من
ساريو تِن کي آهِہ وطن
- گل هئا جنهن گلشن جا
آنسون ٽپڪايا پن پن
- هيمون - هيمون ڪري پڙن
سنڌوءَ جو جل، سنڌ جا اَن
- هيمونءَ جيان جڙِ لعل امان
ملڪ مٿان آهن دشمن
- هاڻي رهبو ڪمر ڪَشي
رهڻ نہ ڏينداسين رهزن
- گهوريا جن پنهنجا تن من
ساريو تِن کي آهِہ وطن.

◆◆

# سامي سندو سروپ

## ڀائي چئنراءِ سامي (1850 - 1743)

✍ ڊاڪٽر سحر امداد حسيني

ڀائي چئنراءِ بچومل لنڊ اصل شڪارپور جو هو. هو ڪلاسيڪل دور جي شاعرن جي سٽ جو هڪ اهم شاعر آهي. ان دور جي شاعرن مان هوُ ٽيريون شاعر آهي، جنهن جو ڪلام پنهنجي ئي هٿ اکرن ۾ لکيل مليو. روايت آهي تہ لاڪيٽي لطيف مريدن پاران گڏ ڪيل پنهنجي ڪلام کي ”ڪراڙ“ ڍنڍ ۾ ٻوڙي ڇڏيو هو. سچل سرمستيءَ ۾ اچي جڏهن ڪلام ڳائيندو هو تڏهن سندس ٻالڪا ڪلام لکي وٺندا هئا ۽ جڏهن سچل کي اهو ڪلام ڏيکاريو ويو تہ ان کي پنهنجن هٿن سان ساڙي ڇڏيائين. سامي ان ٽمورتيءَ جو اهو اڪيلو شاعر آهي، جنهن پنهنجي هٿ اکرن (گرمکيءَ) ۾ پنهنجو ڪلام لکيو. هوي پنهنجا ’اشلوڪ‘ ڪاغذ جي ڇِٽڪين تي لکي مَٽ ۾ وجهندو ويندو هو. اهو ڪلام جيئن تہ مَٽ ۾ پيل هو انڪري محفوظ رهيو ۽ اسان تائين صحيح سلامت پهتو.

سامي بنيادي طرح هڪ ”سنت ڪوي“ آهي. هن جي سلوڪن ۾ نہ تہ ڪا ڪهاڻي ۽ ڪٿا بيان ڪيل آهي تہ ئي هن جي شاعريءَ جو ڪو سورمو يا سورمي آهي. البت ڪٿي ڪٿي تمثيل طور ڪن ظاهري رشتن جو ذڪر اچي ٿو. جيڪي بہ دراصل ”حق“ ڏانهن ئي اشارو ڪن ٿا. انساني جذبن جو اهڙو اظهار بہ پنهنجي پر ۾ هڪ روحاني معنيٰ رکي ٿو. روحانيت جيڪا ساميءَ وٽ ”ويدن جي واڻيءَ“ جي صورت ۾ موجود آهي. جيئن هن پنهنجي هڪ سلوڪ ۾ چيو آهي تہ:

ويدن جي واڻي ، سنڌيءَ منجهہ سڻايم .

هن جيئن تہ ”ويدن جي واڻيءَ“سنڌي منجهہ سُڻائي آهي. انڪري هن جي ٻولي پڻ ٻين همعصرن کان مختلف آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان کي ”ڌرمي پستڪن واري سنسڪرت زبان جو رنگ“ ڪوٺي ٿو:

”ڀائي چئنراءِ جي ٻولي گهڻي حد تائين سنڌ جي ٻين سالڪن ۽ درويشن واري سنڌي ٻوليءَ کان الڳ آهي ۽ ان تي خاص طرح ڌرمي پستڪن واري سنسڪرت زبان جو رنگ چڙهيل آهي. سندس بيان ۾ زور ۽ اثر وڌي ٿي تڏهن ٿو جڏهن هو سنسڪرت الفاظ ۽ ڌرمي اصطلاح آڻي ٿو.“

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ص.: 473)

جيئن مون لکيو آهي تہ سامي هڪ ”سنت ڪوي“ آهي. ان لحاظ کان هن جي شاعري ’ويدانتي فلسفي‘ ”آدويت واد“ يعنيٰ وحدت جي متي ۾ يقين رکندڙ آهي ان حوالي ان ’ويدانتي‘ فلسفو ’تصوف“ جي ”وحدت الوجودي“ فلسفي کي قريب تر آهي ۽ ٻنهي ۾ ڪو بہ فڪري ڀيد ڀاو ناهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي نيڪي، سچائي، محبت ۽ وحدت جو ٻج قرآن شريف مان، حديثن مان روميءَ جي شاعريءَ مان ۽ خود پنهنجي ماحول مان ڪٺي ٿو. ڀائي چئنراءِ سامي لنڊ ٻين سنت ڪوين وانگر ويدن، اُپنشدن ۽ ٻين شاسترن مان پنهنجي ”سنت ڪاويہ“ لاءِ موتي ميڙي ٿو:

”سنت ڪاويہ“ سنڌي ڪنڊ ۾ چوڏهينءَ صديءَ ۾ شروع ٿيل ڀڳتي ڌارا يا ڀڳتي هلچل جو ئي

هڪ روپ آهي، جيڪو اسين ڀڳت ڪبير جي شاعريءَ ۾ عام جام پسي سگهون ٿا. ڀڳت ڪبير لاءِ عشق الاهي ئي سڀڪجھ آهي . هو بہ ’حقيقت‘ جي تلاش ۾ آهي ۽ ”آدويت “ يعنيٰ ”وحدت“ جو حامي آهي.

**ميرا مُجھ ۾ ڪُڇ نهين، جو ڪُڇ هئہ سو تيرا**
**تيرا تُجھ ڪو سونپتا، ڪيا لاڳي هئہ ميرا.**
**(ڀڳت ڪبير)**

يا ان کان بہ اڳتي وڌي هو چئي ٿو تہ:

**ڪامي ڪروڌي لالچي ، ان تين ڀڪتي نہ هوءِ،**
**ڀڪتي ڪري ڪوئي سورما، جات ورن ڪل ڪوءِ.**
**(ڀڳت ڪبير)**

سامي پنهنجي Inspiration ڀڳتي تحريڪ جي انهن نمايان سنت ڪوين کان حاصل ڪئي ۽ ساڳي راهہ تي رمي ٿو. انڪري سامي پنهنجي ٻولي پنهنجي تشبيهن، استعارن ۽ علامتن جي ڪري اسان کي ٻين سنڌي شاعرن کان الڳہ ۽ مختلف لڳي ٿو.

ٻوليءَ جي ان رنگ سان اسان جي شناسائي هاڻ تہ ٻنهہ نہ رهي آهي ”سنت“ لفظ جي عام طرح معنيٰ آهي سٺن گڻن وارو. اسان جا ڪي ڏاها ان کي ”شانت“ لفظ جي ڦريل صورت بہ لکن ٿا. مون کي يقين آهي تہ انگريزيءَ جو لفظ Saints در اصل ”سنت“ جي ئي انگريزي صورت آهي، سو اها Saints Poetry يعنيٰ ”سنت ڪاويہ“ جو پهريون شاعر سڌنو ڀڳت آهي. جيڪو چوڏهين صديءَ ۾ ڀڳت ڪبير کان بہ اڳ جو شاعر آهي. جنهن جي واڻي گرو گرنت صاحب ۾ بہ شامل آهي. ڀڳتي هلچل جو هي پهريون شاعر ”سڌنو ڀڳت“ سيوهڻ سنڌ جو رهاڪو هو.

(قيمت هريسنگهاڻي ص. 134 )

ڀڳتي تحريڪ چوڏهين صديءَ جي شاعريءَ ۾ هڪ وڏي هلچل پيدا ڪئي. سموري نندي کنڊ تي اثرانداز ٿي ان اثر تحت نندي کنڊ جي مختلف ٻولين ۾ تمام وڏن شاعرن جو جنم ٿيو. جن مان اُترپرديش ۾ رئداس، ڪبيرداس، سورداس ۽ تلسيداس، بنگال ۾ جئديو، راجسٿان ۾ دادو ديال ۽ ميراٻائي پنجاب ۾ شيخ فريد ۽ گرونانڪ جا نالا خاص طور سان ذڪر جي قابل آهن. سنڌ ۾ قاضي قادن، شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ سامي ان هلچل جو سنڌ ۾ تسلسل (continuity)آهن. انهن شاعرن سنڌ جي ويساهہ وسوڙل ماڻهن جي ٻڏندڙ دلين کي سهارو ڏنو ۽ ڀڳتي ياونا کي ڦهلايو.

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري ٻن مکيہ فلسفن جي اثر هيٺ وڌي ويجهي آهہ. مُکيہ فلسفا آهن: (1) ويدانت ۽ (2) تصوف. ويدانتي فلسفي جو مول متو آهي: ”آهم برهم اسمي“ يعنيٰ ”آءٌ برهم آهيان“ جيڪو صوفين چي ”اناالحق“ يعنيٰ ”آءٌ حق آهيان“ سان مطابقت رکي ٿو ۽ بقول ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ تہ:

”ويدانت جو ٻج اصل کان ويدن شاسترن ۾ ڇٽيل هو. جڏهن تصوف جا سلا پڻ اسلام مان ئي ڦٽي نڪتا.“

(ڊاڪٽر گربخشاڻي- شاهہ جو رسالو ص. 62, 1923 )

ويدانتي فلسفو آهي تہ : ”برهم کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪونهي.“ ٻيو سڀڪجھ مايا آهي. بلڪل اهڙيءَ ريت تصوف جو بنيادي فلسفو ٿي اهو آهي تہ : ”الله کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪونهي“ ٻيو سڀ

ڪجھ محض ’وهم‘ آهي.

تصوف جي اثر هيٺ جيڪڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي ”ڀيائيءَ“ کي ”ڀڪ“ وجهي ٿو:

**ڀيائيءَ کي ڀڪ، جن وڏي سي وِرسيا.**

تہ ويدانت جي اثر هيٺ سامي پڻ اِئين ئي چئي ٿو تہ:

**مِٽي ويئي من مان، ڀانيڻ ڀيائي!**

صوفي فلسفي موجب، ”الف“ سان ”الله“ آهي. انڪري صوفين بار بار ٻيو سمورو علم وساري رڳو ”الف“ کي پڙهڻ، اُچارڻ ۽ پڇاڻڻ جي ڳالھ ڪئي آهي: اکر پڙھ الف جو ٻيا سڀ ورق وسار. سامي بہ هڪ سلوڪ ۾ ساڳي اهڙي ڳالھ ڪري ٿو تہ:

**پنا ڪوھ پڙهين، اڪئي حرف حقيقت هيڪڙو**

ساميءَ جي سلوڪن ۾ موجود انهن اعليٰ فيلسوفاڻن ، خيالن ۽ فڪري معنويت کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ ساراهي ٿو ۽ لکي ٿو:

”سندس اهي سلوڪ سهڻن خيالن ۽ معنائن وارا آهن. ڀائي چئنراءِ جو اعليٰ فڪر اِنهيءَ ۾ آهي جو هو ”اَوديا“ (بي علمي - غلط سکيا) ۽ ”مُورکائي“ کي ماڻهن ۾ مونجهاري جي جڙ سمجهي ٿو.“

(سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ص. 474 )

ڊاڪٽر گربخشاڻي جنهن شاهه لطيف جي شاعريءَ تي گهري محققانہ نظر وڌي آهي. هن پنهنجي طويل علمي مقدمي ”مقدمہ لطيفيءَ“ جي فصل 4 ۾ ’ويدانت ۽ تصوف‘ جي سري هيٺ ؛ حق، حقيقت ۽ هيڪڙائيءَ جا ٻئي پاسا يعنيٰ ”(1) ويدانت ۽ (2) تصوف. ٻنهي کي گهرائيءَ سان جاچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پنهنجي مضبوط دليلن جي آڌار تي، ٻنهي فلسفن جي هڪجهڙائي بيان ڪرڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان نيتجي تي پهتو آهي تہ:

**”تصوف جي نِج الهيات بہ ويدانت جهڙي ئي آهي.“**

(ڊاڪٽر گربخشاڻي- شاهه جو رسالو ص. 68 )

سچل سرمست جيڪو پڻ ان ساڳي سٽ جو شاعر آهي سو پنهنجي هڪ ڪافيءَ ۾ آکي ٿو:

**جيئن شَھ آهي پريشان، سوئي ڳولهي سھ،**
**ميڇلي جيئي آب سان، آب پڇي طغيان،**
**تارو پڇي نجم کي، موج پڇي مهران،**
**جُهڙ پڇي مينهن کي، شاهه ڳولهي سلطان**
**هو مڙيئي پاڻ، ڪير ٿيا حيران!**
**”سچو“ جي صفت ۾، اهو ياري ڪيو بيان.**

(مرتب عثمان انصاري- رسالو سچل سرمست ص. 81 )

”مخلوق“ جڏهن پاڻ کي ’خالق‘ کان جدا سمجهي ان جي تلاش ۾ ڀٽڪي ٿي. تڏهن ئي سچل جهڙو سرمست اهڙا سوال ڪري ٿو تہ: ”ڪير ٿيا حيران؟!“ بلڪل اهڙيءَ ريت سامي پڻ ”جيو آتما“ ۽ ”پرماتما“ کي ٻہ سمجهي انهن جي تلاش ۽ جستجو ۾ سرگردان ڏسي حيران بہ ٿئي ٿو ۽ هن کي کِل بہ اچي ٿي:

حيرت آئون هاسو، اڇي هڪ اچرج تي،
سائي ڦولهي آتما، جنهن ڪند پتاسو،
ڳهڻو ڍونڍي سون کي، مٽيءَ کي ڪاسو،
پاڻي پياسو، سامي رهي نِت نير جو.

خالق ۽ مخلوق، برهم ۽ آتما، عاشق ۽ معشوق ، تون ۽ مان ۾ ڪوبہ ڀيد ڀاو ناهي، اهي ٻئي اصل ۾ ”هڪ“ آهن. لطيف سائينءَ جي لفظن ۾:

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، وائي ٻي مَ ڀُل،
هو ڦلاڇو ڦل، باالله سندو سڄڻين!

اها ساڳي ڪيفيت اسان کيساميءَ جي شاعريءَ ۾ پڻ خوبصورتيءَ سان اُڀِل ملي ٿي:

آيو ناگر نٽ، ويس ڌري بازار ۾،
ٻانيڻ چوي ٻيائيءَ ري، ڪيڏي وينو هٽ،
پاڻ واپاري وڻج ٿيو، پاڻ تارازي وٽ،
رعيت راجا پاڻ ٿيو، ڪانئر سو سُڀٽ،
پاڻ ڪنير آوي ٻڌيو، چڪ مٽي، گهٽ مٽ،
اندر ٻاهر دهہ دسا، کيلي گپت پرگهٽ
پاڻ ڦل ڦول پتر ٿيو، پاڻ ڏار ٻج ٻٽ،
پرچي ڪولي پٽ، پاڻ لڪائي پاڻ کي .

اندر توڙي ٻاهر ڏهن ئي ڏسائن ۾ هوئي هو آهي، شاهہ جي اِن سٽ وانگر تہ:

نائي نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو؛

يا وري بيت جي هن سِٽ جيان:

هيڏي هوڏي تہ نهار، تنهنجي ڏيري تان دوست وسي ٿو.

هو جنهن جي ذات ۾ سمورا تضاد سمايل آهن. جيئڻ مرڻ سڀ هن وٽان ئي پرگهٽ ٿين ٿا. سو ويري بہ آهي تہ واهر بہ آهي، جو اَجل بہ آهي تہ الله بہ آهي:

سو هي، سو هو، سو اَجل، سو الله،
سو پرين سو پساهہ سو ويري سو واهرو.

اها شاهہ لطيف جي مٿين بيت ۾ ڏنل ٿيوري پٽاندڙ، سامي پڻ اهو يقين رکي ٿو تہ : ڦل، ڦول، پن، ڏار، ٻج ۽ ٻٽ سڀ هو پاڻ آهي. اٽين سمورا تضاد، ان هڪڙي ذات صفات ۾ سمايل آهن. يعني عدم توڙي وجود، هستي ۽ نيستي ٻئي هن ۾ سمايل آهن. ”هست“ کي ”نيست“ ۾ بدلائڻ ۽ ”هئڻ “ کي ”نہ هئڻ“ ۾ بدلائڻ ئي ”اَدويتا“ آهي، ٻيائيءَ کي ٻن ڏيڻ آهي. تڏهن هڪڙو شاعر ئي اهو ڪشف ماڻي سگهي ٿو تہ:

جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون

۽ ڀائي چئنراءِ سامي ان کي ”لنو لنو منجهہ لالي“ ٿو چئي:

لنو لنو منجهہ لالي، سامي تنهن سروپ جي.

سپرين جي ان سروپ جي” لنو لنو ۾ لالي“ ساميءَ جهڙي سنت ڪويءَ کي لالئون لال ڪري ڇڏيو!

◆◆

# جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، وڏا وس ڪيام

✍ ڊاڪٽر سحر امداد حسيني

شاهه لطيف جي سموري شاعري جيئڻ ڪارڻ اڻٿڪ جدوجهد آهي. ان سموري جنگ ۾ فتح اُن جي ٿئي ٿي. جيڪو سورهيائيءَ منجهان مري، جيئي ٿو. لڇمڻ ڪومل جي ’وهي ڪاتي جا پنا‘ هن جي مري جيئڻ جي ڪٿا آهي!

’وهي ڪاتي جا پنا‘ ٻارهن سالن جي اُن ٻار جي ڪٿا آهي. جنهن کي زندگيءَ جي ڏکن ڏاهن وقت کان اڳ وڏو اثر ٻڌائي ڇڏيو. هو ڪنڌياري جي ٻاٽيا ڪٽنب جو ننڍو نينگر، ”لوڪو“ نواب شاهه کان ڪراچي ۽ ڪراچيءَ کان دوارڪا تائين، پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجي پنجن ڀائرن - ڀينرن جون ذميداريون سنڀاليندي، پئدا گيرن ۽ لوٽين جا ڌڪ ٻجا ڪائيندي وڏو ٿي ويو.

”مان ٻارهن سالن جو هوس، پر گهر جو وڏو هوس.“

گهر جي وڏي هئڻ جو احساس 3 مارچ 1948 کان 24 (26) مارچ 1948 جي وچ واري اڌ مهيني ۾ هن پاتو هو. ۽ لطيف جي لفظن ۾ چئجي ته: ”جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، وڏا وس ڪيام!“ ۽ هن عملا اهو ڄاتو ته وڏا وس ڇا هوندا آهن. تڏهن ته هو لکي ٿو ته:

”اُن ڏينهن مون پنهنجي ٻاروتڻ جا ٻارهان سل پورا ڪيا هئا. پر جلاوطني مونکي منجهائي منهنجي سوچ کي سنجيده ۽ وڏي ڄمار وارو ٻڌائي ڇڏيو هو.“

(ص. 99)

لڇمڻ ڪومل جون هي ساروڻيون پنهنجي ئي ڌرتيءَ تان بي وطن ٿيل، ڪٺو ڪٺو ٿي هڪ ڌاريءَ ڌرتيءَ تي پکڙيل سنڌين جي دربدريءَ جو ۽ جلاوطنيءَ جو داستان آهي. هو لکي ٿو:

”جلاوطني اها باهه آهي، جيڪا سڙندي گهٽ ساڙيندي وڌيڪ آهي!“

(ص. 65)

وهي ڪاتي جا هي پنا ان قوم جو اڌ ڦاٽل اتهاس آهي، جنهن تاريخ جي هر دور ۾ ڌارين جا موچڙا کاڌا آهن. (ص. 36) ۽ هو ان اتهاس جو هڪ علامتي ڪردار آهي. جيڪو ان سموري وارتا جو اکين ڏٺو شاهد آهي لڇمڻ انهن اصل سنڌين جي دربدري، وڇوڙي، ويراڳ، ڏکن، بکن، ڏکن ڏاهن، هڻ پٽ ۽ سندن محنت ۽ اورچائيءَ جو اکين ڏٺو شاهد آهي. جيڪا هن سهنڌين هڪ اجنبي ڀونءِ تي ترتانءِ ٿيڻ لاءِ ڪئي هئي. تڏهن جڏهن هنن جي ذهن ۾ هزارين سوال هئا ۽ منزل جو ڪو نالو نشان نه هو:

”هن اڻاهه اجنبي ملڪ ۾ اسين ڪٿي ٽڪنداسين؟ گذر سفر ڪيئن ڪنداسين؟ پکوڙن ۾ لڪائي آندل گنيون اجگرن جي واتن ۾ ڪيستائين وجهي سگهنداسين؟ بک جڏهن آندن ۾ وٽ وجهندي ته ان باهه کي ٿڌو ڪيئن ڪنداسين؟“

(ص. 99)

هڪ وڏي سرڪاري اداري Food Corporation ۾ هڪ اعليٰ عهدي تي فائز آهي ۽ ڪروڙين رپين جو اناج ايڪسپورٽ ڪرڻ جا آرڊر صحيح ڪندو آهي.``

(ص. 56)

what an irony !

”... ٿن ڏينهن کان سنان نہ ڪيو آهي، هفتي کان ڪپڙا نہ مٽايا هئا. سرير ۾ سيون چڀي رهيون هيون. ڪيٽريل چمپل جا ٻاهر نڪتل ڪوڪا پيرن جي ترن ۾ چڀي رهيا هئا. جن کي پٽرن سان ٺوڪي اجا الائي ڪيترو پنڌ جهاڳڻو هو.``

”دونهين سان وڪوڙيل شهر ۾ اڪين کي جيڪو رول ادا ڪرڻو پوندو آهي، اسان جون اکيون احمدآباد ۾ اهو ئي رول ادا ڪري رهيون هيون. شام ٿيندي ئي چوڌاري ڦهليل دونهاٽيل ماحول ۾ ساهہ کڻڻ بہ ڏکيو ٿي پوندو هو. سڄو جسم پوسرڻ لڳندو هو. ڪيئن رهجي؟ هتي تہ جيئري رهڻ لاءِ بہ قاتل جي سفارش گهرجي!``

( 114 .ص)

”سڄو ڏينهن اجمير جي گهٽين ۽ پاڙن ۾ بي مقصد رلندي، زالن ۽ ٻارن کي ميونسپالٽيءَ جي نلڪن هيٺان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهندي هڪٻئي کي گارگند ڪندي، هڪ بالٽي پاڻيءَ لاءِ خالي بالٽين سان هڪٻئي جا مٿا ڀڃندي ڏسندو مون کي پنهنجي جاتيءَ جي ذلت ۽ بي مانيءَ جو آزاريندڙ احساس ٿي رهيو هو.``

( 123 .ص)

”ڪانپور ۾ سڄو سال اسان جيئن تيئن ڪري اڌ ڏيڍ ۽ اڌ بڪ تي چار سال گذاريا.``

( 197 .ص)

”يادگيرين جي گهيري مان نڪري مان پنهنجي ٻارهن سالن واري عمر ۾ اجمير موٽي ٿو اچان. منهنجي ماءُ جا ڳهہ ڳٺا هڪ هڪ ٿيو وڪامجي رهيا هئا. ڏينهن جي مانيءَ کان پوءِ اهو ويچار وسري ويندو هو تہ رات جي روٽي ڪٿان ايندي.... جنهن ڏينهن ڏيڍ بہ سؤ رپيا ڪمائيندو هوس ان ڏينهن پيئي ويلا ڇهہ ٽي ڇٽا پيٽ پري کائيندا بہ هئاسين ۽ ننڍڙن ڀائرن پينرن لاءِ پاءُ کن کير بہ اچي ويندو هو. جنهن ۾ پايي بيو پاڻي ملائيندي هئي.

( 159 .ص)

”جڏهن جل درگا`` ۾ پاڻيءَ ڦڙو نہ هجي ۽ سڄو جهاز ڪربلا جو ميدان بڻجي چڪو هجي. تڏهن ڪيٽريل چمپل جي ڪوڪن جي چيڪن سان لڇمڻ ڪيڏو اجهاڳ جهاڳيو. جتي جيئڻ لاءِ بہ قاتل جي سفارش گهرجي. جتي پنهنجي جاتيءَ جي ذلت ۽ بي مانائيءَ جو ڏنگيندڙ احساس هجي، اهڙي سفاڪ دنيا ۾ لڇمڻ ڪومل زنده رهيو تہ هن جو جيئڻ هڪ معجزو آهي ۽ اتي هو ان پوري جاتيءَ جو اهڃاڻ (Symbol) آهي. اڄ اها سنڌي جاتي زنده آهي ۽ پنهنجي پوري مان سنمان سان جيئري آهي. هڪ هيڏي وڏي ملڪ جي هڪ ارب ڏهہ ڪروڙ آدمشماريءَ ۾ ڳاٽ اوچو ڪيو نمايان ٿيو بيٺي آهي. اتي بہ هنن پنهنجي اصليت کي قائم رکندي. دان، پڃ ۽ انساني

ڀلائيءَ جا اهيئي ڪم ڪيا آهن: اسڪول، ڪاليج، اسپتالون ۽ آشرم قائم ڪيا آهن، جن جا ڪي ڪي ڪٿي ڪٿي آثار اڃان به سنڌ ۾ موجود آهن.

لڇمڻ ڪومل جون لکيل هي سٽون سڪٽا ٿلها لفظ ناهن پر پوڳنا جو هڪ اڻڪٽ سفر آهي.

اڄ جڏهن لڇمڻ جا ٽيئي ٻار آمريڪا ۾ سيٽل ٿيل آهن ۽ خود وٽس فلوريڊا ۾ رهڻ لاءِ هڪ ڪنڊومينيم آهي. پر ته به هو هيتي مستقل رهڻ جي ڪا خواهش نه ٿو رکي جو هو زندگيءَ ۾ ٻيو ڀيرو ”دس پليس“ نه ٿو ٿيڻ چاهي.

ڇو ته هو ڄاڻي ٿو ته وطن ڇڏڻ کان پوءِ جيون جو ربط ۽ ترتيب ٽٽي پوندي آهي ۽ هو قناعت نه پر ناهڻ ۾ يقين رکي ٿو. هن جي زندگيءَ جي اڻٿڪ جدوجهد ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته هو هڪ پڪو آشاوادي انسان آهي. تڏهن ته هو پوري يقين ۽ ويساهه سان چئي ٿو ته:

”مون کي پڪ آهي ته جي مان نه، ته منهنجو پٽ، هو نه ته هن جو پٽ يا اڃا اڳتي هلي هن جو پٽ هڪ ڏينهن پنهنجي سنڌي هئڻ جون پاڙون (Roots) ڳولهي لهندو. اِئين جيئن آمريڪا ۾ رهيل شيدين، آفريڪا جي جهنگمن ۾ وڃي پنهنجا تباهه ٿيل گهر گهاٽ ۽ وستيون ڳولي لڌيون!“
(ص. 92)

”لڇمڻ ڪومل ساروڻين جا هي پنا ڪڏهن ڪلڪتي جي ڪنهن هوٽل ۾ ويهي لکيا آهن ته ڪڏهن ڪراچيءَ جي ’بيچ لگزري‘ هوٽل جي ڪمري ۾، جتي سندس دل گهريو دوست ’موتي پرڪاش بحروزن ۾ ڪونگهرا هڻي رهيو آهي. جيڪي بحر خفيف نه، پر بحر طويل ۾ آهن.‘

ڪڏهن هن اهي ساروڻيون ”لداخ“ جي علائقي ”ليهه“ (ڪشمير ۾ سنڌوءَ ڪناري) ته ڪڏهن ماندوءَ کان موٽندي لکيون آهن ته ڪڏهن بستري تي ليٽئي ليٽئي هن پنهنجي گهرواري ”گوپيءَ“ کي ڊڪٽيٽ ڪرائيندي ڪيترن ئي وقفن ۽ ٽڪرائن ۾ ”وهي کاتي جا پنا“ لکيا آهن. جنهن ڪري ڪيس اهو احساس به آهي ته ساروڻيون روزنامچو ٿينديون پيون وڃن.

جيون ڪٿا هڪ فن آهي. بلڪ هڪ مشڪل فن آهي. جنهن جي ڪا به مطمين صورت ناهي. ليکڪ جي پنهنجن احساسن تجربن مشاهدن factual figurative , whimsical جو پوتاميل آهي. لڇمڻ ڪومل جي ان آتم ڪٿا، يادگيري، ڊائري، روزنامچي يا ساروڻين جي Spontaneity هن جي تحرير جو حسن آهي. هن جي تحرير جي بيساختگي ۽ بيباڪي ۽ پڻ سندس نج سنڌي لهجو ۽ تز ٻولي هن جي لکڻيءَ کي اڻ ميو حسن عطا ڪيو آهي. اڄ جڏهن هن پاسي اُردوءَ جي اثر ۽ هُن پاسي هنديءَ جي اثر سنڌي ٻوليءَ جي صورت بگاڙي ڇڏي آهي. تڏهن لڇمڻ ڪومل جي سهڻي سنڌي ٻولي اسان کي اهو احساس ڏياري ٿي ته سنڌي هڪ مالدار ٻولي آهي. جنهن ۾ هر جذبي، هر ڪيفيت ۽ هر احساس کي اظهاري سگهڻ جي سگهه آهي. اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي سندرتا ، ڪوملتا ۽ مڌرتا جهڙن فطري ۽ سپيتڪ گڻن کي ڪومل وٽان پرائڻ گهرجي.

لڇمڻ ڪومل جي وهي کاتي کي پڙهي اهو احساس ضرور اُڀري ٿو ته وهي کاتي جا پنا ڪجهه ڪٽل آهن. ڪجهه وچان ڦاٽل آهن. ڪجهه پڇاڙيءَ ۾ اڻپورا رهجي ويل آهن بلڪل هن جي پنجن پيڙهين جي ڏاڍن سان ٻڌل پراڻي ڳاڙهي وهي کاتي وانگر.

◆◆

# غلام رباني آگرو

سنڌ جي مشهور ليکڪ اديب، ڪهاڻيڪار، نثر نگار، خاڪا نگار، محقق غلام رباني آگري نومبر 1933 تي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم حيدرآباد ۽ وڌيڪ تعليم ڪراچي مان حاصل ڪئي. هن لکڻ جي شروعات 1953ع کان ڪئي، جلدي ”نئين زندگي“ رسالي جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو. 1957ع ۾ ادبي بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو. ٻارڙن جي رسالي ”گل ڦل“ جو باني ايڊيٽر ٿيو. 1976ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو پهريون پرو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. 1980ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿيو. 1984ع ۾ اڪادمي ادبيات پاڪستان جو ڊائريڪٽر جنرل رهيو. غلام رباني آگري جو شمار سنڌ جي تمام وڏن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. سنڌس ڇپيل ڪتابن ۾ جهڙا گل گلاب جا (ٻه جلد)، آب حيات، سنڌ جا ٻر ٻحر ۽ پهاڙ، ماڻهو شهر ڀنڀور جا، سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر وغيرهه شامل آهن. مٿي بيان ڪيل عهدن کان سواءِ غلام رباني آگرو چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ، چيئرمن اردو سائنس بورڊ وغيرهه سميت مختلف گورننگ باڊيز/ بورڊز/ ڪميٽيز جو ميمبر به رهيو ڪيس حڪومت پاڪستان پاران صدارتي تمغه برائي حسن ڪارڪردگي سان نوازيو ويو. هن 18 جنوري 2010 تي وفات ڪئي.



**واٽس آپ تان**

◆◆

## غزل

✍ آزاد اظهر جوڻيجو

- ڳڊي تي پيار وڇڙيو پئي مني ۾ مات پئي تڙپي
پيا ڪي ڪير سمجهائي اکين ۾ رات پئي تڙپي
- ستارا سوڳ ۾ سارا ٿيو هو چنڊ گهايل بي
پنل هو سانجهه جو ڏاٽو مندر ۾ لات پئي تڙپي
- سمورو شهر چاهت جو لڳو تي چڻ گهايل هو
پرين جي پيار ڪي ساري سموري ذات پئي تڙپي
- اباڻي ڳوٺ پنهنجي مان لڏي وئي رات لاڏيلي
انهي جي سار ڪي ساري سموري ذات پئي تڙپي
- جسم ڪي پاڪرن پريو چميا مون چاهه مان چپڙا
ڳلن جي ڳوٺ سان ڳڏ بدن جي بات پئي تڙپي
- اظهر ڪي ڪو پتو ناهي پرين جي هيل شادي آ
انهي تي سوال ڪي ساري اکين ۾ تات پئي تڙپي .

◆◆

✍ سائين ادل سومرو

الائي ڪنهن جو هو
هلندڙ لاريءَ مان
هڪڙو ڳل ڪري پيو
ماڻهن مُڙي نهاريو
هن جي ڪاريءَ مان
هڪڙو ڳل ڪري پيو
اُڀريو شڪ اندر ۾
پنهنجي ٻاريءَ مان
هڪڙو ڳل ڪري پيو
.....

◆◆

# جيوڻي ٻائي

## ✍ وائس آپ تان

سنڌ جي مشهور فنڪاره جيوڻي ٻائي22 جنوري 1901 تي ڦڪو ڳرڳلو جي گهر ۾ راجستان ۾ جنم ورتو، سندس اصل نالو جيوڻي ٻائي ڳرڳلي هو. هن ننڍي عمر ۾ ئي راڄ جي ٻين ڇوڪرين سان گڏ ڳائڻ شروع ڪيو، سندس خاندان 1918ع ۾ لڏي اچي ملتان پيڙو ٿيو، جتي جيوڻيءَ جي ملاقات مشهور راڳي اُستاد امير خان سان ٿي، جنهن ڪيس پوتي پارائي ڌيءَ بڻايو ۽ ڪيس راڳ جي سکيا ڏيڻ به شروع ڪيائين. استاد امير خان جي حوالي سان ئي جيوڻي هند سنڌ ۾ مشهور ٿيڻ لڳي. سنڌ آئي ته سندس ملاقات ننڍي ڪند جي مشهور راڳي اُستاد خير محمد خان سان ٿي، ان ملاقات جيوڻي جي قسمت بدلائي ڇڏي، ملتان مان



لڏو ڪڻي اچي سنڌ وسايائين ۽ راڳ جي وڌيڪ سکيا استاد خير محمد خان کان ورتائين. استاد خير محمد ڪيس ڪافي ڳائڻ ۽ ڪلاسيڪل راڳ جي سکيا ڏني. جيوڻي ڳائڻ کان سواءِ شاعري به ڪئي. جيوڻي اڪثر شاهه لطيف، سچل سرمست، پرسرام ضيا، ورند واڙي واري، حاجي شاهه وغيرهه جا ڪلام ڳائيندي هئي. هن ميلن ملاکڙن ۾ پنهنجي استاد، استاد خير محمد خان جي رهنمائي ۾ ڳايو. جيوڻي ٻائي هز ماسترس وائيس گراموفون رڪارڊ ڪمپنيءَ ۾سؤ کان وڌيڪ گراموفون رڪارڊ ڀرايا، جيڪي ڏاڍا مشهور ٿيا آهن. ان ئي ڪمپنيءَ ڪيس ساڍن ڏهن تولن جو سونو تاج پارايو. هن 22 جنوري 1942 ۾ لاڏاڻو ڪيو.

◆◆

## چو ستو

✍ شاعر فياض ڦمبراڻي

حسين ملڪ
منهنجو منڙا ڏک ۾ ديدون
موٽي ايندين خوشيون ٿينديون
آخر روزا ختم ٿي ويندا
خوب ڪچهريون عيدون ٿينديون

اَچين ٿو ته ڇڻ ڪا عنايت ٿئي ٿي
رسين ٿو ته مون لئه قيامت ٿئي ٿي
رهان چپ نه ڏيان سچڻ کي ڏوراپو
ڪڇان ٿو ته ڇڻ ڪا شڪايت ٿئي ٿي

◆◆

## غزل ✍ شميم سومرو

ناز پرور جا ناز مون کي وڻيا
جيءَ جرڪيو انداز مون کي وڻيا
عاجزي آهي پيار جي پنڌ ۾
عاشقي جا ايلاز مون کي وڻيا.
ڪوڙ جو ٿيو آهين مخالف، سچڻ تو
ڪيا جي اعتراض مون کي وڻيا.
مارئي مارون لئي رني ۽ لڇي
سوز جا سيئي ساز مون کي وڻيا.
شُميم کي سڪ سان جنهن سڏيو
عجيب جا آواز مون کي وڻيا.

◆◆

## نندڙي آکاڻي

# ميلاپ

**✍ مول ليکڪا : رُتو اگروال**

**سنڌيڪار : شوپنا هرگناڻي**

مندر جي ٻاهران ويٺل ڪمزور، گهنجن سان ڀريل شڪل ۽ ڦاٽل حالتن واري ٻڍي مائيءَ کي پرت هر هر ڦري ڪري ڏسي رهيو هو.

”ڇا ڏسين ٿو؟“ ميرا پڇيس.

”ميرا! مندر جي ڏاڪڻين تي هوءَ جيڪا ٻڍي مائي ويٺل آهي، ڪجهه - ڪجهه اَمان جهڙي لڳي ٿي نه؟“ پرت جون اکيون پرجي ويئون.

”ڇاڳالهه ڪرين ٿو؟ اَمان جو چالاڻو ٿيڻ کي ته ڇهه سال ٿي ويا. جڏهن تون آمريڪا ۾ هوئين تڏهن اَمان جو چالاڻو ٿيو هو. تنهنجي موجود نه هئڻ سبب مهراج مونکي ڪرياڪرم ڪرڻ لاءِ چيو هو.“ ميران چرڪجي ويئي.

”پرت! تون پرت آهين نه؟“ يڪايڪ هوءَ ٻُڍي مائي پرت سان ڀاڪر پائي روئڻ لڳي.

”اَمان، تون هتي ڪيئن؟ ميران ته چوي پيئي ته تنهنجو موت ٿي ويو آهي.“ پرت روئڻ لڳو.

”پرت، تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ميران روز مون سان وڙهندي هئي. هڪڙي بانڪي بهاري جو درشن ڪرائڻ جي سانگي مونکي هت ڇڏي ڪري چپ چاپ الائي ڪٿي گُم ٿي ويئي، تڏهن کان مون هتي ٻيڪه پني گذران ڪريان ٿي. بندرابن کان بئنگلور وڃڻ جا پيسا ڪڏهن ڪنا ٿي ڪونه ڪري سگهيس ته گهر موٽي سگهان ها.“ ٻڍي مائي هڏڪي ڪڍي روئڻ لڳي.

پرت ماءُ کي ٻانهن ۾ ڀري ورتو. ماءُ پٽ جو ميلاپ ڏسي ڪري ڀيڙ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. ميران پنهنجي ڪُڏائي تي ڪنڌُ نوائي بيٺي هئي.

◆◆

**غزل** ✍ پروفيسر ٻلديو ٻڏراڻي ’ديپ‘

-غم کان نه ڀڄ، خوشيءَ جي غم ۾ تلاش ڪر،
آرام جي نه فرصت ۾، ڪم ۾ تلاش ڪر.

-منزل نه لڌي توکان، سؤ سال ڪيئه ڳولا،
منزل جي کنهن آکيلي دم ۾، تلاش ڪر.

-تنهنجي جگر ۽ دل کي زخمي ڪيو ڇو دنيا،
زخم جي سبب جي، زخم ۾ تلاش ڪر.

-تون ٻيو ۽ مان ٻيو، هي تنهنجو آهي، هي منهنجو
من جي دُئي جي من جي وهم ۾، تلاش ڪر.

-بارود ۽ بندوقن ۾ ناهي ڪابه طاقت،
طاقت جي تون پنهنجي قلم ۾ تلاش ڪر.

-توکي مئي کان پوءِ ڇا دوزخ يا بهشت ملندو،
دوزخ يا بهشت جي ’ديپ‘ هن جنم ۾ تلاش ڪر.

◆◆

# چارلي چپلن

✍ موبائيل جي مهرباني ۽ سان

چارلي چپلن 88 سالن جي ڄمار ماڻي ۽ اسان لاءِ چار عظيم ڳالهيون ڇڏي ويو.

1. هن دنيا ۾ ڪجهه به نه هميشه لاءِ آهي، نه ئي اسان جا مسئلا هميشه لاءِ آهن.
2. آئون مينهن ۾ گهمڻ کي ترجيح ڏيان ٿو ڇو ته مينهن ۾ ڪير به منهنجي اکين ۾ ڳوڙها نه ڏسي سگهندو.
3. اسان جي زندگي جو سڀ کان وڌيڪ خراب ڏينهن اهو آهي جنهن ڏينهن اسان کلون نه ٿا.
4. ڇهه شيون بهترين ڊاڪٽر آهن: سج، امن، ورزش، هلڪو کاڌو، عزت نفس ۽ دوست

سڄي زندگي انهن سان ڳنڍيل رهو ۽ صحتمند زندگي گذاريو

جڏهن توهان چنڊ کي ڏسندا آهيو توهان خدا جي طاقت جو اندازو ڪندا آهيو.

جڏهن توهان آئيني ۾ ڏسندا آهيو. توهان کي خدا جي خوبصورت تخليق نظر ايندي آهي. تنهن ڪري پنهنجو پاڻ تي يقين رکو.

زندگي هڪ سفر آهي، پنهنجي 'اڄ' کي خوبصورت بڻايو 'سڀاڻي' تي سگهي ٿو ته نه اچي.

◆◆

# ڪانگ واحد پکي آهي

✍ موبائيل جي مهرباني ۽ سان

ڪانگ واحد پکي آهي جيڪو باز کي ڇيڙڻ جي همت ڪري ٿو. هوي باز جي پٺي تي ويهي سندس ڳچيءَ تي ٺونگا هڻندو آهي.

پر باز ڪانگ کي ڪوبه جواب نه ڏيندو آهي. نه ئي هن سان وڙهندو آهي. هو ڪانگ لاءِ پنهنجو وقت ۽ توانائيءَ ضايع نٿو ڪري.

باز صرف پنهنجا پر پکيڙي ٿو ۽ آسمان ۾ اونچائيءَ ڏانهن اُڏامڻ شروع ڪري ٿو.

تمام گهڻي اوچائيءَ تي ڪانءَ لاءِ ساهه کڻڻ مشڪل ٿي پوي ٿو ۽ آخرڪار ڪانگ آڪسيجن جي کوٽ سبب ڪري پئي ٿو.

توهان کي سڀني جنگين جو جواب ڏيڻ جي ضرورت ناهي.

توهان کي سڀني دليلن، الزامن يا نقادن جو جواب ڏيڻ جي ضرورت ناهي بس پنهنجو معيار بلند ڪريو، اهو پاڻ ئي ٿڪجي ويندا.

ڪانگن سان وقت ضايع نه ڪريو. بس اُنهن کي اوچائيءَ ڏانهن وٺي وڃو ۽ اهي پاڻهي ختم ٿي ويندا.

مضبوط ارادي وارا ماڻهو شڪايتون نه پر فيصلا ڪندا آهن.

◆◆

# ڪتابن جو اڀياس ڇو ضروري آهي

✍ مغموم موسي رضا شر

جڏهن توهان پڙهو نه ٿا ته پوءِ لکو به نه.

هن چوڻيءَ ۾ ڪيڏي نه حقيقت سمايل آهي. ٿورو غور ڪيو اسان جي سامهون حقيقت واضح ٿيندي. اسان بغير پڙهڻ جي ڪنهن ڪالم يا مضمون کي لکڻ شروع ڪنداسين ته پوءِ ان ۾ ڪا صداقت ڪونه هوندي صرف هوائي قلعا جيڪي پاڻي ۾ ڦاٽي ڊهي ويندا آهن.

اسان جي معاشري ۾ ڏنو وڃي ڪتابن جو ڪوبه مطالعو ناهي نه وري ان کي ڪا اهميت ڏني ٿي وڃي. اسان هميشه ڏسندا آهيون ته ڪڏهن لطيفيات تي گفتگو ڪئي ويندي آ پوءِ ان جو ڪوئي شعر پڙهيو ويندو آهي. پوءِ پڙهڻ وارا پنهنجي ليکي پيا وضاحتون ڪندا آهن هن شعر جي هي معنيٰ ۽ هي مفهوم آهي جيڪا ان شعر کي سونهندي ئي ناهي.

ان جو اهو سبب آهي جو اسان ڪڏهن به شاهه صاحب جي رسالي جو مطالعو ڪيو ئي ناهي ته پوءِ اسان کي ڪيئن خبر پوندي ته سر ڪهڙو آ ۽ معنيٰ ڪهڙي ڪجي، مجاز يا حقيقت جو فرق ڪيئن معلوم ڪجي.

وري ڪڏهن سياست تي بحث شروع ٿي ويندو آهي ان تي وڏي پٽاندڙ ڪندا آهيون ۽ جاڏي دل لڙي وڃي پوءِ ان جي بنيادي نظريي کي سمجهڻ کان بغير پيا ان جا قصيدا ڳائينداسين. اهو صرف ان ڪري جو اسان عقيدن جي گرڻ ۾ ڳتل ۽ حقيقتن جي حرف کان غافل آهيون. اسان ڪڏهن پرڏيهي سياست جو مشاهدو يا مطالعو ڪيو آ نه ئي عظيم سياستدانن کان واقف آهيون سو اسان کي ڪيئن خبر پوندي ته اصل سياست ڪيئن هوندي آهي.

اسان پنهنجو وقت فيس بڪ، واٽس اپ، ڊرامن ۽ فلمن ڏسڻ ۾ زيان ڪري ٿا ڇڏيون. اسان کي ڪيئن خبر پوندي دنيا ۾ جيڪي وڏا وڏا مفڪر دانشمند اديب فلاسفر ٿي گذريا آهن، انهن جو مقصد ڇا هيو؟ نظريو ڪهڙو هيو؟ ان کي پرکڻ لاءِ مطالعو ضروري آهي.

ڪتاب ڪيتري نه عجيب شيءِ جو نالو آهي جنهن ۾ ٿورو ٿي نظر وجهڻ سان اسان ڪنهن ٻئي شخص جي دماغ ۾ پهچي وڃون ٿا جيڪو هزارين سال اڳ مري چڪو آهي صدين سفر طيءِ ڪرڻ کان پوءِ به هو اسان سان لفظن جي ورق گرداني ڪندي مخاطب ٿيندو آهي.

تحرير انسان جي وڏي ۾ وڏي طاقت آهي جيڪا هر انسان کي هڪ ٻئي سان ملائي ٿي ڇڏي.

ڪتاب جهالت جا زنجير ٽوڙي ڇڏيندو آهي ڪتاب ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته انسان وٽ ڪيترين صلاحيتن جا ڪمال آهن لائبريرين جا ڪمرا انهي ڪماليات سان پريا پيا آهن. ڪتاب اسان کي منجهيل راهن ۾ سفر ڪرڻ جي قابل بڻائين ٿا.

اڄڪلهه نوجوان گهٽي پاڻي ڪتابن کان پاسيرا ٿيندا پيا وڃن، تمام ڪي ٿورا ڪتابن سان لاڳاپيل آهي، اسان جيڪڏهن ڪتابن جو مطالعو ئي نه ڪنداسين ته پوءِ ڪيئن اڳتي هلي سگهنداسين؟

ڪجهه ماڻهون اهڙا به هوندا آهن جيڪي ڪنهن جي ڳالهه ٻڌندا ئي ڪونهن، اهي سدائين

ڊپريشن جو شڪار هوندا آهن. ان مسئلي جو خاص سبب مطالعي نہ ڪرڻ جو هوندو آهي خاص ڪري ڪنهن بہ علمي ادبي ڳالھہ ٻولھہ وقت.

ڪتابن جو مطالعو اسان ۽ توهان کي ماڻهن ۾ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ جي قابل بڻائيندو آهي.

توهان جو مطالعي سان لڳاءُ هوندو تہ پوءِ جنهن بہ ڪچهري ۾ توهان گفتگو ڪندؤ يا ڪنهن ڪتاب جو حوالو ڏيندؤ يا ڪتاب جي ليکڪ جو نالو کڻندو تہ ان سان توهان جي ڪچهري کي چار چنڊ لڳي ويندا. توهان جي گفتگو ٻڌڻ لاءِ ماڻهو بيتاب هوندا اهو ان جي ڪري جو توهانجي مطالعي سان مهذب يا اخلاق گفتگو ڪيو ٿا.

حقيقت ۾ ڪتاب اسان ۽ توهان جي زندگي بدلائي ڇڏيندا آهن هڪ مثالي زندگي بڻائي ڇڏيندا آهن.

ڪتابن بابت ناليوارن ڏاهن اديبن ڇا چيو آ - اچو تہ پڙهون

سڀ ڪتاب اُهي ناهن جيڪي اسان جي ٿڪ کي ختم ڪري ڇڏين. سڀ ڪتاب تہ اُهي آهن جيڪي ”اسان جي ٿڪ وڌائين... زندگيءَ کي چاڻڻ جي ٿڪ.“ (گورچ فوڪ)

”جڏهن هڪ ماڻهو ڏهہ ڪتاب پڙهندو آهي تہ هو ڏهہ هزار ميل جو سفر طيءَ ڪري ونندو آهي.“ (چيني چوڻي)

”ڪتاب خاموش اُستاد آهن.“ (ائولس گيليوس)

”خيالن جي جنگ ۾ ڪتاب هٿيار آهن.“ جارج برنارڊشا)

”هڪ هزار ڪتاب پڙهو پوءِ توهان جي لفظن ۾ دريائن جهڙي روانگي اچي ويندي.“ (ورجينا وولف)

”هن دنيا ۾ ڪي بہ بہ ماڻهو ساڳي طرح سان هڪ ڪتاب کي ناهن پڙهندا.“(ميڪسم گورڪي)

”جڏهن مان عبادت ڪندو آهيان تہ مان خدا سان ڳالهائيندو آهيان ۽ جڏهن مان ڪتاب پڙهندو آهيان تہ خدا مون سان ڳالهائيندو آهي.“ (ٿومس فون ڪيمپن)

”اوهان کي هن ڳالھ جو شعور هجڻ ضروري آهي تہ جڏهن کان هي دنيا وجود ۾ آئي آهي، وحشي نسلن کي ڇڏي، دنيا تي ڪتابن ئي حڪمراني ڪئي آهي.“ (والٽيئر)

”مان جيترو گهٽ پڙهندو ۽ علم حاصل ڪندو آهيان تہ مونکي يقين ٿيندو آهي تہ مان ڪجهہ بہ نٿو ڄاڻان“ (والٽيئر)

”جيڪڏهن توهان اُهي ئي ڪتاب پڙهو ٿا جيڪي ٻيا پڙهي رهيا آهن تہ توهان بہ اُهو ئي سوچي سگهو ٿا جيڪو ٻياسوچن ٿا.“ (هاروڪي مُراڪامي)

”ذهن کي ڪتابن جي ضرورت هوندي آهي جيئن تلوار کي پٿر جي ضرورت هوندي آهي، جيڪڏهن ھُن کي پنهنجي ڌال برقرار رکڻي آهي.“ (جارج آر آر مارٽن)

”هڪ پڙهندڙ پنهنجي مرڻ تائين هزار زندگيون جيءَ ونندو آهي جڏهن تہ جيڪو ناهن پڙهندو آهي هڪ ئي زندگي جيئندو آهي.“ (جارج آر آر مارٽن)

”خريد ٿيل ڪتاب توهان جي جائداد ۾ شامل ٿي ويندو آهي.“(مستنصر حسين تارڙ)

مطالعي سان ڇا ملندو آهي؟

”مطالعو انسان جي لاءِ اخلاق جو معيار آهي.“ (علامہ اقبال)

”مطالعو ڏک ۽ اُداسي جو بهترين علاج آهي.“ (شيخ سعدي)

”جيئن جسم لاءِ ورزش ضروري آهي تيئن دماغ جي لاءِ مطالعو اهم آهي.“(ايڊيسن)

”دماغ جي لاءِ مطالعي جي اها اهميت آهي جيڪا ڪنول کي پاڻي جي.“(تلسيداس)

”ذات جي سمجهه، چاڻ ۽ ڏاهپ“ (شبنم گل)

”شعور، آگاهي ۽ سوچ ۾ بلندي ۽ تبديلي ايندي آهي.“ (بانو محبوب جوکيو)

”زندگي جي خوبصورت رازن سان تعارف جو موقعو“ (جيا شاهه)

”انسان جي هزارين سالن جي تهذيبن، ثقافتن، تاريخي ارتقا جو شعور مطالعي سان ئي ممڪن آهي.“ (ايوب کوسو)

اسان غور ۽ فڪر ڪيو تہ هي چوٽيون اسان جي زندگي بدلائي ڇڏيندڀون . اسان کي معاشري ۾ اگر پنهنجو اسٽيٽس ناهڻو آهي سڀ کان اول مطالعي ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪرڻي پوندي. جيئن اسان معاشري ۾ پنهنجي علمي ادبي سگهہ جتادار ٿئي ۽ ان سان گڏ اسان عملي طور بہ پاڻ کي مڃرايون. نوجوانن ۾ جيڪي ادب سياست مذهب يا علم جي ڪهڙي بہ موضوع تي دسترس جي خواهش رکن ٿا تہ اهي مطالعو ڪن ڪتاب ڪڏهن بہ بي وفا ساٿي ناهن.

ڪتابن پڙهڻ جي هڪ سولي ٽپس:

اوهان اول چار ڪتاب رکو- ڪهاڻيءَ جو ڪتاب، سياست تي لکيل ڪتاب، مذهبي تعليم جو ڪتاب، ادبي مواد وارو ڪتاب هاڻي جنهن ڪتاب ۾ اوهان جي دل وڌيڪ لڳي ان کي مڪمل پڙهو. پوءِ روزانو ڏهہ صفحا پڙهو يا وڌيڪ.

اميد تہ نوجوان مثبت موٽ ڏيندا.

◆◆

## غزل ✍ اياز گل

يارُ اندرَ ۾ جاني آهي
ٻاهر سڀ ويراني آهي

اهڙي هنڌ پُڄي آ دلڙي
پنهنجي ئي ديواني آهي

هر منظر آ جادوءَ جهڙو
هر شيءِ ۾ حيراني آهي

سُوريءَ کي منصورَ ڏنو اِئين
ڄڻ ڳچيءَ ۾ ڳاني آهي

پٿ، دراڙ، روهڙي، ڪنڌڙي
قاضيءَ اک ۾ ڪاني آهي

هر شيءِ آهہ فنا جي مُنهن ۾
عشقُ رُڳو لافاني آهي

سچل آ سمجهايو مون کي
سرمستي سلطاني آهي

مِٽي ئي رهجي ويڻي آ
ساهہ تہ بس سيلاني آهي

ڪنهن داناءُ چيو ئي ناهي،
”نينهن وڏي ناداني آهي“

ڏُور وڃي پوءِ سوچين ڇو ٿو؟
”ڏُور وڃڻ ناداني آهي.“

اوجاڳا، الزامَ، اُداسيون
نينهن ڏني نيشاني آهي

چنڊُ، ٻڪايل اِئين ٿي ڀانيو
”هڪڙي سٽيي ماني آهي.“

◆◆

# پنهنجي تحرير جي آئيني ۾

**✍ شيخ اياز**

اڄ فقير محمد ماشاري ... سنڌيءَ جو نوجوان اديب... جنهن جو مطالعو ڪافي وسيع ۽ سياسي شعور ڳهرو آهي ۽ هو ڪافي وقت محمد ابراهيم جويي جي صحبت ۾ رهيو آهي... هو پيشور صحافي آهي... هُن چاهيو ٿي تہ هڪ پوري ڪتاب جيترو منهنجو انٽرويو وٺي... سوچيائين ٿي تہ هو سؤ کن سوال مون کي ڏاهي ڏئي....

”(شاعر جي شعور ۽ لاشعور جي سوال تي) مون کيس ٻڌايو هو: ”اِهو ممڪن نہ آهي تہ شاعر جي لاشعور تي هن جي شعور جو اثر نہ ٿئي.... شعر جي تخليق تہ هڪ پراسرار ڳالهہ آهي، پر پوءِ بہ شاعري شاعر جي مشاهدي، مطالعي ۽ تجربي جو نتيجو ئي آهي. ويهين صديءَ پنهنجي ديس ۾ ۽ عالمي سطح تي ڇا ڇا نہ ڏنو آهي! ڪيڏا نہ لاها، چاڙها، ڪيڏي نہ سماجي ڪشمڪش، ڪيڏيون نہ جنگيون ۽ اِنقلابي جوانيءَ ۾ اِنسان دوستيءَ جا ڪارناما، ڪيتريون نہ اِنسان دشمن ڪاروايون، زهري بَم، ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦرندڙ مصنوعي سيارا زندان جي سيخُن پٺيان ظلم جي زنجيرن ۾ جڪڙيل انسان ۽ خلا ۾ پرواز ڪندڙ پکين کان هزار ڀيرا وڌيڪ تيز خلاباز اڇا، اِن مشاهدي جو شاعر جي شعر... تي اثر نہ ٿيندو!

”ڇا جيڪي اسان جي ديس ۾ ٿيو آهي ، دلين جون جدايون، محبتن ۽ رفاقتن جا ورهاڱا، خونريزيون، زالن جا ڪپيل ٿڻ ۽ ڪوڙيل مٿا، ٻارن جا سنگينن تي اڌو اڌ بدن، ريل گاڏين تي حملا، سرحدن تي ننگا، بڪايل، ليٽيل ڦريل قافلا، فوجي تاناشاهيون، ڪتابن تي بندشون، نظربنديون، قيد، سياسي قتل، مذهب جي آڙ ۾ هر آزاديءَ جي ڳُهٽ ٻوسات، ڌرتيءَ جي دلالن جي ڇهري تي سرخوشي، افسر شاهيءَ جي ڦرلٽ، لوٽ، ڪسوٽ، ڇا اهوسڀ شاعريءَ تي اثر نہ وجهندا؟ شاعر گونگا، ٻوڙا ۽ انڌا نہ هوندا آهن! مون بہ فيض وانگر ڏنو آهي تہ مغرور حسينائن جا برف جهڙا جسم ڪيئن نہ گرم هٿن جي حرارت ۾ پگهرجي ٿا وڃن. پر ڇا ذاتي زندگيءَ ۾ ڳ تي، انسان اُهو ڏک درد وساري ٿو سگهي. جو هن جي چوڌاري چيخون ڪري رهيو آهي؟ نہ، ڌرتيءَ جون دانهون منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪيون آهن. ٻاهران ڏسجي ٿو تہ منهنجي شاعري الهام وانگر لهي ٿي، شايد ٿي دنيا جي ڪنهن شاعر ايتري دنيويءَ مصروفيت هوندي، ايتريءَ تيزيءَ سان لکيو هوندو، پر پوءِ بہ منهنجي شعور ۽ تحت الشعور ۾ اُهي مشاهدا ۽ تجربا آهن، جي منهنجا آهن، جي مونکي پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ کان مليا آهن ۽ جي سالها سال رچي رهنا تي اُبڙڪا ڪائي، ڪنهن خبشيءَ وانگر ظاهر ٿين ٿا ۽ گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾، هن صدين کان خشڪ ڌرتيءَ کي سرسبز ڪندا وڃن ٿا. مون وٽ آيتون نہ آهن، بيت آهن، پر پوءِ بہ اِهي ڌرتيءَ سان واڳيل آهن. اُن جي ڏک سک جو پڙلاءُ آهن، پنهنجي روحانيت جي باوجود مادي آهن، هن ڌرتيءَ جي مٽي آهن ۽ اُن وانگر امر آهن.

جڏهن مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس تہ مونکي ابراهيم جويي ايم.اين.راءِ جو هڪ ڪتاب Revolutionary History پڙهڻ لاءِ ڏنو هو، جنهن ۾ اُنهن سيني ڪتابن جي فهرست ڏني وئي هئي. جي هن پڙهيا هئا، نہ رڳو انگريزيءَ ۾ پر روسيءَ، جرمن، فرينچ وغيرهہ ٻولين ۾ بہ. مان چاهيان ٿو

تہ اُنھن هزارن ڪتابن جي لسٽ ڪتابي صورت ۾ ڇپايان. جي مون پڙهيا آهن ۽ جن کي هر نوجوان سنڌي اديب ۽ شاعر کي پڙهڻ گهرجي، نہ رڳو اِهو پر اُنھن سوَن فلمن جي لسٽ بہ ٺاهيان، جي هنن کي ڏسڻ گهرجن. هيءُ ويڊيو جو دور آهي. فلم ڪتاب کان وڌيڪ اثر ڇڏي ٿي. ويڊيو جي اهميت تي مون يونيورسٽيءَ ۾ هڪ لنبي تقرير بہ ڪئي هئي.....

”مون تازو حيدرآباد ۾ ٻين بجي رات تائين ابراهيم سان گڏ، ابراهيم جي جاءِ تي ’ناچ ميوري‘ فلم ڏٺي هئي. ’ميوري‘ هنديءَ ۾ مورٽيءَ کي چوندا آهن. فلم هڪ نرتڪيءَ جي زندگيءَ جي باري ۾ هئي. جنھن جا پير ڪپجي ويا هئا ۽ هن نقلي پير وجهائي ، نهايت محنت سان نِرت لاءِ ڪوشش ڪئي هئي. نيٺ ڪامياب ٿي هئي. مون هن جو ناچ ڏسي ساهہ سان سوچيو هو تہ ’اسان ڇا ڇا نہ وڃايو آهي!‘

”منھنجي برصغير جي پوريءَ ثقافت سان اِئين والهانہ محبت آهي، جيئن يوناني شاعر ڪازان زاڪس کي يونان سان هئي. ڪيئي ڀيرامنھنجي دل چاهيو تہ اُردوءَ جي مشهور اديب ديوندر ستيارٿيءَ وانگر هن ٻي صغير جو ڳوٺ ڳوٺ گهمان ۽ اُن جا لوڪ گيت ٻڌان. اُن جا پهاڙ، نديون، محل، سرايون، مندر، مسجدون، گرودوارا ڏسان ۽ ان جي ساري ڌرتيءَ کي پنھنجي گيتن ۾ سميٽي اچان. مون کي اُها ديومالائي مورتي ڏاڍي وڻندي آهي. سرسوتي هنس تي وڃي رهي آهي، هن کي هڪ هٿ ۾ ويڻا ۽ ٻئي ۾ ڪوئي ڪتاب آهي. مان ڀانيان ٿو تہ مان بہ گيت لکندي لکندي هن ڀوَ ساگر مان پار تري ويندس ۽ پنھنجو موڪش پائيندس.

”ڪيتري نہ رنگارنگي آهي هن ديس ۾! مون پنھنجي شعر و ادب کي هن برصغيرجو آئينو بنائڻ چاهيو آهي پر زندگي ڪيتري تہ مختصر آهي!

”مون کي اُهو دور بہ ياد آيو، جڏهن مان ۽ حشو ساريون راتيون سياست ۽ ادب تي ڳالهائيندا هئاسين. ٽي شخص آهن، جن منھنجي ننڍي عمر ۾ تربيت ڪئي آهي، جي مان اُنھن سان نہ ملان ها تہ مان، مان نہ هجان ها ۽ اُهي آهن حشو، سوڀو ۽ ابراهيم. اُنھن سان منھنجي عقيدت ۽ محبت اِئين رهي آهي. جيئن روميءَ جي شمس تبريز سان رهي هئي.اِهيئي ٽي ماڻھون آهن، جي مون کان جيون جي ليکي چوکي وٺڻ جا حقدار آهن.

(مون ڏات انوکي آندي آ - تان ڪوربل)

◆◆

## غزل

✍ آمر کهاڙو

- ڪو جي هڪڙو ساٿ ڇڏيندو ويندو آ
بيو ڪو اُن جي جائي ڀريندو ويندو آ
- ڪوئي اسان جا پير ڪيندو ويندو آ
۽ ڪو ٽُوٽيون، ٽنيا ٽيندو ويندو آ
- درد اسان جو واقف آهي ننڍپڻ جو،
هِت ڦو جائي جم کان ايندو ويندو آ
- منھنجي سياڻي من کي هاٺي ٽيو چاهي
جنھن جا ڪنھن جا سُور سٽيندو ويندو آ
- ڦن تي شڪ ٿوَ؟ رستي مان کسڪي ويندو
جيڪو رت سان راهہ رڱيندو ويندو آ
- گُهٽ ٻُوسٽ ۾ رهندي اهڙي هير پئي
اڄ تہ اسان کي واءُ وڍيندو ويندو آ
- مون مان ٿي ٻيا ماڻهو ڦُٽندا مون جهڙا
ڪو جو منھنجي ڇار ڇٽيندو ويندو آ

◆◆

# آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ساهتيہ ۾ ناريواد

## ✍ جيوتي ککواڻي

.. سڀ ڪان پهرين شروعات ڪيون، اسان پنهنجي سرمور اديبا پوپٽي هيرانندڻيءَ سان جيڪا پنهنجي دؤر جي وڏي ربيلين رهي آهي. پوپٽي استريءَ جو جتي ڪشمڪش جو جيون چٽڻ سان من جي سنسار جو حساس ڇهاءُ ڏئي ٿي، اُتي پرش پرڌان سماجي ڍانچي جي اوگھڙ بہ ڪري ٿي . هوءَ استرين جي ڪيترين ئي ڪمزورين کي پڻ بي نقاب ڪري ٿي. هن جي آتم ڪٿا ”منهنجي حياتيءَ جاسونا روپا ورق“ سنڌي ساهتيہ ۾ لکيل ناري واد ادب جو شاهڪار نمونو آهي. پوپٽي هن ۾ جنهن نموني پنهنجي ماتا جو ۽ پوءِ پنهنجو چريتر چٽيو آهي سو هر سوايماني مهلا کي سکون ڏيندڙ آهي. استري پرش جي منو ڀاونائن ۾ تفاوت ڀڌائيندي اُها لکي ٿي تہ ”پيار، عمر ، طبعيت، حالتن، فرصت ۽ جذبات جي گهرائي وغيرہ گھڻين ئي ڳالهين تي مدار رکي ٿو. پيار جا رنگ بہ انيڪ ٿين ٿا. عمر جي حساب موجب هو سطحي يا گهرو بڻجي ٿو. عورت ۽ مر د ۾ وڏي ۾ وڏو فرق اهو ئي آهي تہ گهڻي ڀاڱي مرد جنس جي ترپتي کي ئي گهڻي ۾ گهڻي اهميت ڏئي ٿو ان ڪري ئي شايد حسن ۽ جوانيءَ سان عشق جو گهرو تعلق ڏيکاريو ويجي ٿو، پر استريءَ جي دل جو ماپو صفا ٻئي ٿو.“

اڳيان ”مون شادي ڪين ڪئي“ نالي چئپٽر ۾ لکي ٿي تہ ”وواهہ روپي نالي سان ڀاڻ کي جوڙي، هڪ ڪماري مٽ مائٽ، سرتيون، سکيون، ٻالپڻ جون يادگيريون ۽ ٻيا انيڪ قسمن جا موهہ ۽ ڳنڍ تياڳي ٿي. هوءَ پنهنجو نالو ۽ هستي پنهنجي پتيءَ جي نالي ۽ هستيءَ ۾ گم ڪري ڇڏي ٿي. وواهت استري پيار جو هڪ جهرڻو بڻجي پوي ٿي. شايد سندس هرهڪ عضوو پيار ڏيڻ لاءِ خلقيو ويو آهي. شاديءَ بعد هوءَ ڏيندي ئي ڏيندي رهي ٿي. لوڪ لڄا ۽ مچتا جي شيڪن جي جبري قلعي ۾ بند ٿي، هڪ لچڪيدار ۽ لڏڻي شرير واري ڪماري شاديءَ بعد نهايت مضبوطيءَ سان قدم کڻي ٿي.

پر اِهو سڀ تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن پتيءَ وٽان ڪيس پيار ملي ٿو، ۽ پتي؟ هوُ پيار جو بنياد نوٽن، ٻڳن ۽ مليل سوٽن تي رکي ٿو تہ پوءِ شادي طوطي طوطيءَ کي گڏ رکڻ وارو پڃرو ئي بڻجندي.

پر اڳيان وري پوپٽي اُنهن زالن کي بہ چتائي ٿي جيڪي ناريواد جي نالي سان مرد نهڻ جي ڊوڙ پيون ڊوڙن. هوءَ چوي ٿي تہ، ”مونکي اِنهن ٻنهي جي عقل تي کل ايندي آهي. جيڪا زال چوي تہ ، ”مان زال نہ آهيان“ يا اِئين ظاهر ڪري تہ، ”مان مرد جي مٽ آهيان“ سا حد درجي جي مورکتا آهي. عورت جي جامي کي هڪ خاص اهميت آهي ۽ مان ان کي اهميت ڀٽائي رکڻ جي فائدي ۾ آهيان. عورت ۽ مرد ٻنهي کي پنهنجو پنهنجو کيتر آهي ۽ اُهي پنهنجي کيتر جي فرض کي نباهين تہ سٺو ئي آهي.“

(سنڌو جوت 72 تان ڪوريل)

◆◆

# ٺڳ

## ✍ عربي ادب تان ترجمو ڪيل

هڪ ٺڳ گڏھ چوري ڪيو انڪل ڪري ان جي وات ۾ سونا سڪا وجھي وات کي ڪپڙي سان بند ڪري بازار ۾ وٺي وڪڻڻ ويو. بازار پھچي گڏھ جي منھن تان ڪپڙو ھٽايو تہ سڪا زمين تي ڪرڻ لڳا. سڪا ڪريل ڏسي ماڻھو گڏ ٿي ويا. پڇڻ لڳا ھي ماجرا ڇا آھي؟

ٺڳ چوڻ لڳو ھي ڪرامتي گڏھ آھي. ھن جي وات مان ڏينھن ۾ ھڪ دفعو سونا سڪا ڪرن ٿا مون وٽ ايترا سڪا آھن جو جڳھہ بہ ڪونھي، ھاڻي آئون اھو وڪڻان ٿو ڪو جانورن سان پيار ڪندڙ واپاري وٺي تہ ڏيان.

ماڻھن سڪا پنھنجي اکين سان ڪرندا ڏٺا تہ ٻوليون لڳيون آخر ھڪ واپاري وڏو ملھہ ڏيئي خريد ڪري ورتو.

واپاري گڏھ کي گھر وٺي ويو. ٻئي ڏينھن اِنتظار ڪيو تہ گڏھ سونا سڪا ڪڍھن ٿو ڏئي. پر گڏھ سونا سڪا ڪونہ ڏنا واپاري مٿو پٽيندو دانھون ڪندو ٻاھر نڪتو رستي ۾ ڳوٺ جا ماڻھون بہ ان سان شامل ٿي ويا ٺڳ جي گھر پھتا.

ٺڳ کي خبر ھئي تہ ضرور گھر ايندا سو زال کي سمجھائي ويٺو ھو. ماڻھن در وڄايو ان جي زال جواب ڏنو تہ منھنجو مڙس ٻي ڳوٺ ويل آھي آئون پالتو ڪتو موڪليان ٿي اھو ٻاڻھي منھنجو مڙس ھٽ ڪري وٺي ايندو. ٺڳ رستي ۾ جتان لنگھہ اتي لڪي ويھي رھيو- جيئن ڪتو پھتو پڪڙي ان سان گڏ گھر آيو.

ماڻھو حيران ٿيا تہ ڪتو ڪيئن نہ پنھنجي مالڪ کي وٺي آيو. گڏھ جي ڳالھہ ڀلجي ڪتي جي قيمت پڇڻ لڳا.

ٺڳ چيو ڀرين گڏھ وارو معاملو ختم ڪيان ڇيائين، مون وٽ تہ گڏھ روز سون سڪا ڏيندو ھو واپاري جي من ۾ کوٽ ھوندي ماڻھن سان دوڪا ڪندو ھوندو تہ ڪرامتون ڪڍھن بہ دوکيباز وٽ نہ ظاھر ٿينديون ماڻھون چوڻ لڳا سچ آھي.

ڪتو وٺڻ وارو گھر ويو گھر وارن کي چيائين توھان کي تماشو ٿو ڏيکاريان پنھنجي نوڪر کي چيو تون پر واري ڳوٺ وڃ ڪتو توکي ٻاڻھي ڳولھي وٺي ايندو جيسين ڪتو نہ وٺي اچي تيسين واپس نہ موٽجان، ٻہ ڏينھن گذري ويا نہ ڪتو موٽيو نہ نوڪر.

ماڻھون ٻاڙي وارا گڏ ڪري ٺڳ جي گھر ويو.

ٺڳ زال کي سمجھائي ٻيو فريب تيار ڪيو ويٺو ھو ماڻھن چيو تنھنجي مڙس کي سڏ ڪر. زال چيو منھنجو مڙس ٻاھر آھي. ماڻھن چيو اسان انتظار ٿا ڪيون ٺڳ ٻاھران آيو چاپلوسي ڪري زال کي چيو ھيترا مھمان ويٺا آھن. تو اِنھن لاءِ چانھ ماني جو بندوبست ڪر. زال چيو مونکي لاچار ڪونھي ايترن جي ماني تيار ڪيان؟

زال مڙس ۾ تڪرار وڌي جھيڙي جي صورت اختيار ڪري ويو ٺڳ چيو تو جھڙي زال کي ماري ڇڏجي اِئين چئي ڇرو ڪڍي زال کي ھنيو. (زال جي ڪپڙن ھيٺ رت جي ٿيلھي لڪائي ڇڏي

## ڪھاڻي

# برسات جون بوندون

✍ شريمتي پريا سِتپال

مينا کي بمبئي ۾ ٽرانسفر ٿئي ٻه سال ٿيا آهن. هاڻي بمبئيءَ ۾ برسات جو مؤسم آهي. پر مينا هڪ اهڙي ڇوڪري آهي جنهنکي برسات کان نفرت آهي. چوندا آهن بمبئيءَ جي برسات جو ۽ ممبئيءَ جي ڇوڪريءَ جو ڪو ڀروسو ڪونہ هوندو آهي.

مينا هتي بمبئيءَ ۾ پنهنجين ٽن روم پارٽنرن سان رهندي آهي. آشا، مينا جي ننڍپڻ جي ڀيڻ جهڙي ساهيڙي تہ ساڻ ڪليگ بہ. ٻنهي جي وچ ۾ ڪافي گهري دوستي آهي ۽ ٻہ ٻيون ريشما ۽ راڌا.

بمبئي جي پهرين برسات جو لطف وٺڻ لاءِ چارئي بئنڪ مان سويل نڪتيون آهن. پر گهر پهچندي شرط مينا سڌو فلئٽ ۾ وڃي پڪوڙا ۽ چانهہ ٺاهڻ جي تياري ڪرڻ هلي ويئي. باقي آشا، ريشما ۽ راڌا آئو مان لهندي ئي بلڊنگ جي ڪمپائونڊ ۾ بيهي بمبئيءَ جي برسات جو لطف وٺڻ لڳيون. هنن مينا کي ڪافي آواز ڏنا تہ هيٺ لهي اَچي پنج منٽ ئي سهين پهرين برسات جو مزو ماڻي، پر مينا جو جواب نہ ئي هو. اِئين نہ هو جو مينا کي برسات نہ وڻندي هئي پر اِن برسات جي مؤسم ۾ هن سان وڏو ڌوهہ ٿيو هو. جنهن ڪري هن کي برسات کان نفرت هئي.

مينا پڪوڙا تريندي ۽ چانهہ ٺاهيندي پنهنجي گذريل وقت جي يادگيرين ۾ کوهجي ويئي. جڏهن هن جي ۽ آشا جي پوسٽنگ چيراپونجي جي بئنڪ ۾ ٿي هئي. اِهو شهر ٻنهي لاءِ نئون هو. شام جي وقت جڏهن ٻنهي کي بئنڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪا سواري نہ ملي تہ پنڌ وڃي رهيون هيون ۽ پاڻ ۾ ڳالهائي بہ رهيون تہ ايتري ۾ اَچي برسات وسي . هاڻي هن شهر ۾ بن مؤسم برسات جي وقت ڪيڏانهن وڃن. اوچتو راجيو جي ڪار هن وٽان لنگهي تہ آشا راجيو کان لفٽ گهري پر اها ڳالهہ مينا کي نہ وڻي ڇو جو اَجنبي شهر ۾ ڪنهن اَجنبي ماڻهو کان لفٽ گهرڻ هن کي ٺيڪ نہ لڳو. مينا آشا جو هٿ پڪڙي اَڳيان وڌڻ لڳي تہ راجيو ئي پهل ڪندي چيو، ”اَچو ، منهنجي ڪار ۾ اَچي ويهو ۽ توهان کي جتي هلڻو هجي مان توهانکي اُتي ڇڏي ايندس.“ مينا ڪجهہ چوي اُن کان پهريون ئي آشا ڪار ۾ وڃي ويٺي ، ڪافي سمجهائڻ کان پوءِ مينا من ماري ڪري وڃي راجيو جي ڪار ۾ ويٺي.

راجيو هنن کي بئنڪ جي ٻاهران ڇڏي هليو ويو. بئنڪ ۾ ضروري ڪاغذي ڪاروائي پوري ڪري ٻئي ڄڻيون وڃي بئنڪ جي طرفان مليل ڪوارٽر ۾ وڃي آرامي ٿيون.

ٻئي ڏينهن تي مينا جي طبعيت بگڙڻ تي، آشا ڪنهن ميڊيڪل تان دوا وٺڻ لاءِ ويئي. دوا وٺي ٻاهر مين روڊ تي پهتي تي سامهون ئي راجيو جي گاڏي پنهنجي ويجهو ايندي ڏسڻ ۾ آيس. راجيو ڪار روڪي ڪيس حال اَحوال ورتو تہ، ”آشا ٻڌايس، مينا جي طبعيت ٺيڪ ڪونهي اِن لاءِ ميڊيڪل تان دوا وٺڻ آئي هيس.“

راجيو کيس ڪار ۾ ويهاري ڪوارٽر ۾ ڇڏڻ آيو ۽ اُتي پوءِ مينا کان بہ سندس طبعيت جي باري ۾ حال اَحوال ورتو. راجيو لڳاتار چار - پنج ڏينهن هنن سان ملڻ ايندو هو. اَهڙي نموني سان ٽنهي جي پاڻ ۾ سٺي دوستي ٿي ويئي. هاڻي هر روز ٽيئي ڪم کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر گهمڻ بہ ويندا هئا، ڪڏهن فلم تي، ڪڏهن شاپنگ تہ ڪڏهن هوٽل ۾، ائين پورا ٻہ سال سلسلو هلندو رهيو. مينا ۽ راجيو ڪافي دير رات تائين واٽس-اَپ تي يا فيس-بوڪ تي پيار ڀريون ڳالهيون ڪندا هئا.

ٻن ڏينهن کان راجيو جو نہ فون آيو ۽ نہ ئي واٽس - اَپ تي ڪو مئسيج هو. مينا ڪافي حيران ۽ پريشان ٿي وئي، پر آشا جي سمجهائڻ تي متان راجيو ڪنهن ضروري ڪم ۾ ڦاٿل هجي، جيئن

فرصت ملندس تيئن ئي توسان ضرور فون ڪري ڳالهائيندو. مينا جي اِنتظاري ۽ بي قراري ڏينهن پو ڏينهن وڌڻ لڳي. پر نہ راجيو آيو ۽ نہ هن جو فون آيو ۽ نہ ئي سندس فيس بوڪ تي يا واٽس-ايپ تي سندس ڪو مئسيج ئي آيو. اُن ڏينهن بہ چيراپونجي ۾ ڪافي برسات وسي رهي هئي ۽ مينا جي اَندر ۾ بہ آنسن جي برسات وسي رهي هئي. آخر آشا ، مينا جي من جي حالت کي سمجهندي ڪافي ڪوششون ڪري بئنڪ ۾ عرضي ڪري، پنهنجي ۽ مينا جي ٽرانسفر ٻئي شهر ۾ ڪرائي. بئنڪ هنن کي ممبئي ۾ ٽرانسفر ڪيو. جنهن ڏينهن ٻئي ڇٽيون ممبئي پهتيون اُن ڏينهن ممبئيءَ ۾ ڪافي برسات وسي رهي هئي، مينا جا گهاو ڇڻ تازا ٿي ويا. پر آشا تمام گهڻو خوش ٿي ڇو تہ هن کي برسات جو موسم ڪافي وڻندو هو. مينا پنهنجو پاڻ کي ڪم ۾ ايترو مشغول ڪري ڇڏيو جو هن ٻاهرين دنيا ڪو مطلب نہ رکڻ ئي وڌيڪ بهتر سمجهيو. هتي هنن کي ڇئن ڇوڪرين کي ملي ڪري هڪ ڪوارٽر ۾ رهڻ جو آرڊر بئنڪ جي طرفان مليو هو. جتي پهريون ئي راڌا ۽ ريشما رهنديون هيون.

مينا جي ماءُ سندس شاديءَ ڪرڻ ۽ ڪيترن ئي ڇوڪرن جا فوٽو اي-ميل تي موڪليا پر هنن کي ڇڻ شادي ۽ ڇوڪرن جي نالي کان ئي چڙ هئي. هن پيري ماءُ کي فون تي ئي اهو پئي جواب ڏنو تہ مان شادي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان. ماڻس ڪيس گهڻا ئي پيرا فون تي ۽ واٽس -اَپ تي مسيج ڪري سمجهايو هو تہ سڀ ڪم وقت تي ٿين تہ سٺو لڳندو آهي يا تنهنجي جيون ۾ ڪو آهي تہ ٻڌاءِ تہ اسان اُن تي ويچار ڪيون، ڇو جو ڇوڪريءَ جو وقت تي شادي ڪرڻ تمام ضروري آهي . پر هيءَ هر پيري ڪوئي نہ ڪوئي بهانو ڏئي ڳالهہ ٽاري ڇڏيندي هئي يا وري ماءُ جو فون ئي اڌ ۾ ڪٽي ڇڏيندي هئي. مينا جي هتي ممبئي ۾ اَچڻ کان پوءِ بہ ڪا بہ اَهڙي رات نہ گذري هئي جنهن ۾ هن راجيو کي فيس - بوڪ تي يا واٽس اَپ تي مسيج نہ ڪيو هجي يا هن جي فون جو اِنتظار نہ ڪيو هجي. پر سڀ اَجايو ويو هو. اَڄ بہ مينا جي دل جي ڪنهن ڪند ۾ راجيو وسيل هو.

مينا پنهنجي خيالن جي دنيا مان تڏهن ٻاهر نڪتي جڏهن آشا ڪلهي کان ڌونڌاڙيندي کيس چيو تہ مينا جلد چانهہ ڏي. پڪوڙن ۽ چانهہ جو سواد وٺندي ٽنهي ۾ چرچا گهٻا چالو ٿي ويا. آخر رات جو جڏهن چارئي ڇٽيون سمهڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي بستري تي داخل ٿيون تہ آشا مينا کي سمجهائيندي چيو تہ ”ڏس، هن برسات جي مؤسم توسان بي وفائي نہ ڪئي آهي. بي وفا ۽ ڪوڙو تہ راجيو هو، جو تنهنجي پيار جو اَپمان ڪري هليو ويو. مان روز توکي رات جو هُن جي لاءِ واٽس اَپ يا فيس بوڪ تي مسيج ڪندي يا فون جو اِنتظار ڪندي ڏٺو اَٿم. مون کي آنٽيءَ ڪيترائي دفعا توکي شادي ڪرڻ لاءِ راضي ڪرڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ بہ چيو هو. تون هڪ دفعو پنهنجي گذريل وقت مان ٻاهر نڪري ڪجهہ قدم اَڳتي وڌاءِ.“

ٻئي ڏينهن تي بہ لڳاتار برسات سبب مينا بہ هيٺ پنهنجي ٽنهي ساهيڙين سان گڏ برسات جو مزو ماڻڻ لاءِ هلي وئي ۽ سچ ۾ هن کي اِئين لڳي رهيو تہ برسات جون بوندون ڇڻ کيس ڇئي رهيون هجن آسان تہ ساڳيو ئي پيار پريو وسڪارو ڪري رهيون آهيون. اَسان جي من ۾ تہ ڪا بي وفائي يا کوٽ ڪونهي. برسات جو مزو وٺندي مينا جي دل تان ڪو بوجو لهي ويو ۽ راجيو جي ڪوڙي پيار جو پردو بہ گڏ لهي ويو. برسات جو مزو وٺڻ کان پوءِ چانهہ جون چسڪيون پربندي چرچا گهٻا ڪنديون رهيون، اُنهي رات مينا راجيو جو فيس-بوڪ ۽ واٽس - اَپ تان اُن جو نالو ڊليٽ ڪري ڇڏيو، اهو سڀ آشا ڏسي ڪري بہ پاسو ورائي سمهي پئي. ٻئي ڏينهن تي آرتوار ڏينهن صبح جو موڪل جو مزو ماڻڻ لاءِ ٻنهي بزار گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو ۽ مينا آشا کي ڀاڪر پائيندي چيو تہ ”تون ، مميءَ کي فون ڪري چئي ڇڏ تہ مان آنند سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

◆◆

## ننڍي ڪهاڻي

# ڪاوڙ

✍ عباس سارنگ

مولا بخش کي ڳوٺ جي هوٽل تي ولوءَ طعنو هنيو ”يار مولا بخش! تون هوٽل تي وڏا شهپر ناهيو وينو آهين. پنهنجي زال جا پرڪاربہ ڏنا اٿئي، تہ زمين تي کهڙيون تي پوکون ڪري...!“

مولا بخش اهو جو ٻڌو تہ ڪن ڳاڙها ٿي ويس. ٽوپيءَ کي نراڙ تان ٺورو مٿي ڪري ، سٽ ڏئي اُٿيو ۽ گهران دونالي بندوق ڪڍي ، تکڙو تکڙو زمين ڏانهن روانو ٿيو. جيئن ئي زمين تي پهتو تہ ڏٺائين تہ سندس زال لوسڻ لڻي رهي هئي. مولا بخش اهو جو ڏٺو تہ ڪوڪلي ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي. پنهنجي سڀاجهي، محنت ڪش ۽ هڏڏوکي زال تي واهيات ولوءَ جي طعني تي بندوق تاڻي آيو هوءَ اِن ڳالهہ تي کيس پاڻ تي ڏاڍا ڇڪ ٿي آيا. مولا بخش بندوق کي اُتي ئي ڦٽو ڪري ، پنهنجي زال کان ڏاٽو وٺي پاڻ لوسڻ لڻڻ ۾ لڳي ويو.

◆◆

# وائيٽ ڪلر

✍ بابر جاگيراڻي

اَڇي عينڪ گذريل رات عجيب خواب ڏٺو آهي. حقيقت پسي حيران آهيان. ڪنهن سفيد پوش شخص اَڇي عينڪ پاراتي آهي. جنهن وسيلي انسان جو اندر ڏسي پيو سگهجي. آءُ جيئن ئي بازار ۾ نڪتس تہ جهجهي تعداد ۾ اهڙا ماڻهو هئا جن جا اندر ڪارا هئا. آفيسر کان وٺندي عام دڪاندار تائين . جڏهن اُها عينڪ عام ٿي تہ پوءِ گهڻن ماڻهن لاءِ ڏچو ٿي ويو. پوءِ جيئن ماڻهو اڪثر پنهنجي عمر کي لڪائڻ ۽ سندر ڏيک خاطر وارن کي ڪارو ڪلر ڪرائيندا آهن. اهڙي طرح هاڻي اڪثر ماڻهن جو ڌيان اندر جي اڇي ڪلر ڪرائڻ ڏانهن وڌي ويو. اڪثر دوڪان ”هيئر بليڪ ڪلر“ مان ”هارٽ وائيٽ ڪلر“ منجهہ تبديل ٿي ويا. جنهن ذريعي ماڻهو پنهنجي اندر کي وائيٽ ڪلر ڪرائي پنهنجي ڏنڌي ۾ گذريل سچائي سان ڪم ۾ لڳي ويا.

◆◆

## سنڌي ڪتاب

✍ موهن همٿاڻي

سنڌي ڪتاب رکيو آهي
اُن جي ڪتابن جي
شيلف تي
جنهن کي
سنڌي نہ ٿي اَچي
ڪاٺ جي ڪنڊ تي
لڳندڙ اُڏيئي
خوش ٿي ويئي، چيائين
سنڌي ڪوتا ڪهاڻي اِتهاس
جي بهترين ڪتابن تي
فرصت سان
هاڻي مان لکندس
تبصرو

◆◆

# ”پليجرزم“ ناول تي هڪ نظر

✍ **قاضي جي. ايم.**

اِنساني تاريخ ۾ مختلف اِنقلاب ايا آهن پر ادب جي ميدان ۾ ناول جو اُڀرڻ کي هڪ وڏو اِنقلاب هو. لڳ ڀڳ ٻه صديون اڳ ناول دنيا ۾ وڌ کان وڌ لکجڻ شروع ٿيو ۽ ويهين صديءَ ۾ ته ناول ادب جي سڀ کان اهم صنف طور پاڻ کي مڃائي ورتو.

ناول افسانوي نثر جي اها شڪل آهي جنهن ۾ عام پڙهندڙ دلچسپي وٺندو آهي ۽ انهيءَ سان گڏ جيڪي ماڻهو نان فڪشن کي پڙهي بيزار ٿيندا آهن اهي ناول، ڪهاڻيون يا شاعري پڙهي ذهني سڪون وٺڻ جي ڪوشش آهن.

ڪوبه ناول يا ڪهاڻي سماج جي لڪيل پراسرار ڌلتن ۽ اِنساني حماقت حڪمت کي ظاهر رکڻ جي سگهه رکندي آهي.

اِئين ئي **تازو ڪليم ٻٽ** جو ناول **’پليجرزم‘** پڙهڻ لاءِ مليو، جيڪو مڪمل ابابيل نالي هڪ ادبي ميگ ۾ ڇپيو آهي. پليجرزم لفظ جي معنيٰ ادبي چوري آهي. دنيا ۾ جيئن قتل ڪرڻ، چوري ڪرڻ، زور زبردستي زنا ڪرڻ ڏوهه سمجهيا ويندا آهن اِئين ئي ادبي دنيا ۾ ’پليجرزم‘ هڪ اِنتهائي بي ڍنگو ۽ اهم ڏوهه ليکيو ويندو آهي. ترقي يافته ملڪن ۾ ادبي چوري هڪ لعنت جيان آهي.

هونئن ته سنڌي زبان ۾ عشق محبت، ظلم بک، بدحالي تي ناول لکيا ويا آهن پر **ڪليم ٻٽ** سنڌي ادب ۾ اهو ناول نگار آهي جنهن هڪ الڳ ٿلڳ موضوع کي سندس فن سان قلمبند ڪيو آهي.

هن ناول جو مک ڪردار سرمد نالي هڪ ڇوڪرو آهي جيڪو هڪ انگريزي اخبار ۾ ڪم ڪندو آهي ۽ ان سان گڏ بلاگر به اهي، جنهن جي محبت مينا نالي ڇوڪري سان آهي ۽ اِنهيءَ مينا جو پيءُ سنڌ جو وڏو تاريخدان ۽ مفڪر آهي.

جنهن جو ناول ۾ ڪردار حيدري صاحب جي نالي سان ڏنل آهي.

هڪ ڏينهن صبوح جو جڏهن سرمد اخبار پڙهڻ شروع ڪري ٿو تڏهن حيدري صاحب جو هڪ مضمون سرمد جي نظر مان گذري ٿو. جنهن تي سرمد چوڻ لڳي ٿو ته اهو مضمون هن کان اڳ ڪٿي پڙهيو آهي. ڪٿي پڙهيل آهي. هو ذهن تي زور ڏئي ياد ڪري ٿو ته اهو مضمون يا مقالو سندس بابا جو لکيل آهي. جڏهن ان ڳالهه جو پتو پوندو ته اهو بي وس ته اخبار کي خط لکي ٿو ته حيدري صاحب جيڪو مضمون لکيو آهي اهو شمس الدين نالي سان ڪجهه سال اڳ لکيو هو. جنهن جي جاچ پڙتال ٿيڻ کپي. شروع ۾ هن کي ايڏي موٽ نه تي ملي. اهو پيهر ان ڪيس کي کڻي ٿو پرنٽ ميڊيا جي بدران اليڪٽرانڪ ميڊيا تي. جتي حيدري صاحب سرمد جي ڳالهه کي رد ڪري ٿو. جڏهن سرمد حيدري صاحب کي دليل ڏيندي اهو زور پري ٿو ته اها ادبي چوري آهي جنهن جا حق ان لکندڙ جا هوندا آهن.

هوڏانهن مينا پنهنجي پيءُ جي دفاع ۾ سرمد کي سوشل ميڊيا وسيلي ٽارچر ڪري ٿي. سرمد بي وس مجبور ٿيو وڃي. پوءِ به هو سندس ڳالهه تي قائم رهي ٿو.

حيدري صاحب ان جي شڪايتون ڪرڻ لڳي ٿو. حيدري صاحب ان جي پيءُ جو دوست هو. سرمد هڪ ڪهاڻيڪار آهي اهو 30 سالن جو ڇوڪرو جوش ۽ جذبي سان ادب سان محبت ۾ ٻڌل آهي. هن

کي ادبي چور ڪان چڙ آهي. نيتجي ۾ اهو گهر مان به ڪڍيو وڃي ٿو ۽ ڪجهه وقت تائين ذهني اسپتال ۾ رکيو وڃي ٿو.

ڪجهه وقت کان پوءِ اِهو وري نارمل ٿي معمول تي اچي وري به انهي ادبي چوري جي خلاف مزاحمت ڪري ٿو. ان کان پوءِ سرمد لاءِ وڏيڪ مسئلا پيدا ٿيو وڃن. سڀ هن جي خلاف ٿيو وڃن ۽ وري پيهر ان کي گهر مان ڪڍيو وڃي ٿو. سرمد جا مينا سان تعلق خراب ٿي وڃن ٿا. مينا سوشل ميڊيا تي ان تي چٽر ڪرڻ ۾ رڌل آهي.

سرمد جا پائر مٿان ادبي حلقو سڀ هن جي خلاف، سرمد چڻ چريو هجي پر پوءِ به اهو ادبي چوري جي ڪڙي ڏوهه کي غلط سمجهي جنگ ڪري ٿو. هڪ ڏينهن جڏهن اهو ثبوت هٿي ڪرڻ ۾ مشغول رهي ٿو تنهن وقت هن کي هڪ خبر ملي ٿي، اها خبر جيڪا هن جي زندگي زهر ڪري ڇڏيندي ۽ ان تڪليف ۾ سرمد آپگهات ڪري ڇڏي ٿو. هن سان گڏ ان ادبي چوري جو ڪيس به بند ٿيو وڃي.

هن ناول ۾ ڪليم جاندار منظرنگاري ڪئي آهي. هر واقعي کي اهڙي نموني چٽيو اٿس چڻ اهو واقعو اسان جي اکين جي سامهون ٿيندو هجي. ناول جي ڪهاڻي تڪڙا تڪڙا رخ مٽائي ٿي ۽ سرمد جي زندگي ۾ ايندڙ هر ڪردار هن لاءِ ڪونه ڪو نئون بحران کڻي اچي ٿو. ڪليم ناول ۾ اسلوب به سهڻو ۽ سادو استعمال ڪيو آهي. سنڌي ادب ۾ اهڙن موضوعن جي چونڊ پيهر هڪ سٺي ۽ جاندار ادب جون راهون کوليندي.

هي موضوع انتهائي اهم آهي خاص طور تي سنڌي ادب ۾ جتي ’پليجرزم‘ جهڙو ڏوهه معمولي سمجهيو ويندو آهي.

هن ناول کي اڃان به وڌائي وڌيڪ لکي سگهجي ٿو. ان هوندي به هن وقت جي حساب سان ڪافي ڪارائتو آهي. هن موضوع تي وڌيڪ ڪم جي ضرورت آهي. سنڌي لکندڙن کي هن اهم موضوع کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. ڪليم جو هي قدم ناول جي ذريعي عڪاسي ڪرڻ قابل تعريف آهي. هي ناول هر ادب سان لاڳاپيل لکندڙ ۽ پڙهندڙ کي پڙهڻ کپي.

◆◆

## نيون واٽون

✍ **ايس.جي. پاڳيا**

اچو نيون ڪي واٽون ٺاهيون
اچو وري ڪي لاٽون ٻاريون

نرمل نرمل نينهه رچن جت
ڪومل ڪومل گل ترن جت
جل ٿل جل ٿل مينهن وسن جت
اهڙو سهڻو ديس بڻايون جت
اچو نيون ڪي......
اچو وري ڪي......

وستي وستي نعارا گونجن
ڳلي ڳلي ۾ جهنڊا ڦڙڪن
ڳاڙها ڳاڙها تارا ٽمڪن
سرخ سويرو راڄ ڪو آڻيون
اچو نيون ڪي......
اچو وري ڪي......

پنهنجي ڌرتي راڄ به پنهنجو
ڏڌ مکڻ ۽ ساڳ به پنهنجو
موري وارو ماڳ به پنهنجو
سنڌو ساگر دنگ بچايون
اچو نيون ڪي......
اچو وري ڪي......

◆◆

# شاعرجو تخيل

✍ نسيم لغاري

شاعر جي تخيل جي وسعت سوچڻ تي مجبور ڪيو ڇڏي. ٻن لفظن ۾ ڪيڏي سار. ڪيڏي سڪ ڪيڏو درد ۽ ڪيڏي تڙپ ڪيئن سمائي ٿو ڇڏي ۽ پنهنجي سيني احساسن جي تاثير هر حساس دل ڏانهن منتقل ڪرڻ جو جادوئي عمل ڪريو ڇاڏي. اهو سڀ هر ڪنهن جي اختيار ۾ ناهي هوندو. شاعرن تي ٿيندڙ الهام بہ ڪمال جا هوندا آهن. ڪڏهن سندن هر سٽ ۾ تازا ٽڙيل گلاب ڏسي ۽ سندن تازگي ۽ خوشبوءِ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ ڪڏهن درياهہ جيڏن دردن جا ماپا لهي سگهجن ٿا. تہ ڪڏهن ڪنهن اڻڄاڻ منزل ڏانهن وڌيل وکن جو پنڌ ماپي سگهجي ٿو. تہ ڪڏهن اُنهن جي ٻن لفظن ۾ اميد ۽ نااميدي جي ڪيفيت پڙهي سگهجي ٿي، تہ ڪڏهن معصوم ٻار جي مرڪ ۾ لڪل زندگي جي حسن جو ماپو لهي سگهجي ٿو. شاعر يا تخليقڪار جنهن وٽ تخيل جي طاقتور ديوي مهاساگر جي سپين جي سينن ۾ لڪل موتين جا راز پروڙڻ جي سگهہ رکي ٿي. شاعر جنهن جي ذهن ۾ ڪيئي رنگ جنم وٺن ٿا بهارون تہ سڀ محسوس ڪن ٿا پر جڏهن خزان جي ٻن ڇڻ جي موسم کي بہ هوُ پنهنجي لفظن ۾ پوئي ڪنهن چيندڙ درد کي مٺي درد ۾ بدلائي ڪنهن اڻڄاتل تاثير کان آشنا ڪن تہ سندن ڪماليت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اِئين لڳندو آهي ڇڻ بهارون ۽ برساتون چاندوڪيون ۽ فطرت جا سمورا حسين رنگ تخليق ٿي ڪنهن شاعر لاءِ ٿيا هجن ڇو تہ شاعر جي لفظن ۾ انهن جا عڪس اِئين ٿا اڀريو اچن ڄڻ انهن منظرن جي روح سان شاعر همڪلام ٿيندو هجي. تخليقڪار تي جڏهن پنهنجي ذات وسندي آهي فطرت جي همڪلامي سندس لفظن ۾ پوئجي ويندي آهي.

سندس لفظ جڏهن پنهنجي تاثير سان اسان جي اندر ۾ خوشي جو احساس يا غمن کان آشنائي ڪرائي اسان جي ڪيفيت بدلائي ڇڏين تہ اِئين لڳندو آ اهو ڪائنات فطرت ڪرائيندي هجي. شاعر جنهن جي خيال ۾ وسعت آ. پيڙاءِ آ. درد آ. لوچ آ. ولوڙ آ سا ٻي سبب ناهي اها فطرت طرفان ڪيل سندس حصي ۾ آيل اهو سپاڳ آ جنهن جي تهہ تائين پهچڻ لاءِ سندس لوچ ختم ٿئي ٿي ۽ اها لوچ کيس فطرت جا راز پسڻ ۾ رهنما ٿئي ٿي.

◆◆

## غزل

✍ ڪنعيو شيواڻي - ڀوپال

ديپ جلائي وينا آهيون
آس لڳائي وينا آهيون

پٿر جي کا مورت ٺاهجي
ڪنڌ جهڪائي وينا آهيون

هڪڙي آهي صورت پنهنجي
سا بہ وڃائي وينا آهيون

ماڻهون پنهنجا دنيا پنهنجي
پاڻ ڦُرائي وينا آهيون

منزل جي تصوير هٿن ۾
راهہ ڀُلائي وينا آهيون

خود کي خود جو يار ٺاهي
من وندرائي وينا آهيون

# پوڙهو شيخ

✍ ترجمان: پروينا عجاز

هڪ پوڙهي شيخ کي پنهنجي ڪڪڙ سان پيار هو. هڪ ڏينهن اهو چوري ٿي ويو. گهڻو ڳولهيو پر نہ مليو. شيخ هڪ اٺ ذبح ڪيو پنهنجي قبيلي جي دعوت ڪئي انهن کي ڪڪڙ جي چوري جو ٻڌايو ۽ ڪڪڙ کي ڳولهڻ جي درخواست ڪئي.

برادريءَ جي ماڻهن مان شيخ جي ڳولها ٻڌي کن اُن کي چريو سمجهيو ڪجهہ کليا تہ ڪڪڙ جي ڪري اٺ ذبح ڪيو اٺ مان تہ ڪيترا ڪڪڙ اچي ويندا. پر خير سڀن وعدو ڪيو تہ ڪڪڙ ڳولهڻ ۾ مدد ڪندا.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪنهن جي ٻڪري چوري ٿي. اهوماڻهون غريب هو پنهنجي پر ۾ ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پيو . سو صبر ڪيائين. شيخ کي خبر پئي تہ وري اٺ کهي دعوت ڪيائين . ۽ برادري جي اڳيان مسئلو پيش ڪيائين تہ پهريون ڪڪڙ ويو هاڻي ٻڪري. وري نہ ٻيو ڪو اچان وڏو نقصان ٿئي اچو تہ گڏجي چور ڳولهيون.

برادري جا ماڻهون عجب ۾ اچي ويا ڪن تہ شيخ کي اهو بہ چيو تہ ٻہ اٺ ذبح ڪئي ان کان تہ پلو تہ هو ڪڪڙ وٺين ها ۽ غريب کي ٻڪري وٺي ڏين ها تہ پلو ٿئي ها.

شيخ چيو آئون چريو ڪونہ آهيان اهي چوريون وڏي وڏو نقصان ڪنديون. ان ڪري پهرين بلو ڪيون. ڪڪڙ ۽ ٻڪري ڳولهي چور کي سزا ڏيون. پر برادري اٺ جي دعوت کائي شيخ جي ڳالهہ کي اڻ ٻڌو ڪيو.

ڪجهہ ڏينهن ۾ هڪ ٻئي شيخ جو اٺ چوري ٿيو ان بہ ڳولها ڪئي نہ مليو هن شيخ کي خبر پئي تہ اٺ کهي دعوت ڪئي ساڳي دانهن ڏنائين پر برادري وارا خوش پي ٿيا تہ واهہ جو چريو شيخ هٿ آيو آهي پلي روز ڪنهن جي ڪا شيءِ چوري ٿئي شيخ پيو دعوتون ڪرائيندو.

پر شيخ چيو توهان پڇتائيندا. منهنجو ڪڪڙ ڳولهيو ها تہ ايتريون چوريون نہ ٿين ها ، ان ڳالهہ تي بحث وڏي ماراماري تائين ڳالهہ پهتي. شيخ جي ماڻهن بي عزتي ڪئي تہ هڪ ڪڪڙ جي پويان ٿي اُٺ وڃايا اٿئي اجان بہ ڪڪڙ لڳي پئي اٿئي پر هاڻي اسان کي ڳهرائي ڪڪڙ جو قصو ڪيو اٿئي تہ برادري مان ڪڍي ڇڏينداسين.

پٽن بہ شيخ کي سمجهايو تہ بابا ڪڪڙ پنيان ٿي اٺ وڃائي بي عزتي ٿي. هاڻي بابا تنهنجي مت ڪسجي وئي آهي. هاڻي چپ ڪري ويهہ - شيخ ڪٺي مان ڪئي.

پندرهن ڏينهن گذري ويا سورهين ڏينهن قبيلي جي هڪ ڇوڪري کوهہ تي پاڻي ڀرڻ وئي تہ واپس نہ آئي. ڳوٺ ۾ واويلا ٿي وئي پوري قبيلي جي عزت جو سوال هو . نوجوانن جا جٿا ڳاهي تلاش ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا.

ڪافي ڪوجنا کان پوءِ خبر پيئي تہ پهاڙ تي غار ۾ چور لڪيل آهن انهن جي ڪاروائي آهي - ڳوٺ جا ماڻهون تياري ڪري هٿيار کڻي انهن سان مقابلي لاءِ ويا لڙائي ٿي جنهن ۾ چور مارجي ويا اتان مئل ڇوڪري، ڪڪڙ جا کنڀ، ٻڪري جون هڏيون ۽ اُٺ جو ڍانچو مليو.

تڏهن انهن کي احساس ٿيو تہ پوڙهو شيخ انهن کي هوشيار ڪري رهيو هو تہ سڀ ٻڌي ڪري ڪڪڙ ڳولهيو ان وقت اسين ٻڌي ڪيون ها تہ هي ويڌن نہ ٿئي ها..

عربي ادب تان ورتل

◆◆

# گنگا سنڌوءَ جو پوتر ساهتيہ سنگم - گنگا سريتا

**✍ رميش لهاڻا**

اِتهاس جي اِها هڪ سچائي آهي تہ 1947 ۾ ڀارت جا ٻہ ڀاڱا ڪيا ويا، جنهن ڪري وقت سان مٿائي نہ ٿو سگهجي. لڳ ڀڳ 13 لک هندو سنڌين کي پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي هن طرف ڀارت ۾ اچڻو پيو. ڪيترائي تہ سنڌ پاڪستان ۾ ئي رهي پيا. اِنهن 75 سالن جي عرصي ۾ ٽي پيڙهيون پيدا ٿي ويون آهن.

سنڌي ليکڪ تڏهن پڻ هئا ۽ اَڄ پڻ آهن. سنڌ ۾ هئا ۽ اَڄ ڀارت ۾ پڻ آهن. پاڪستان جي سنڌ پرانت ۾ سنڌي ڀاشا تڏهن پڻ ڳالهائي ۽ لکي ويندي هئي. اَڄ پڻ اُتي اِنهيءَ ۾ ڪو بدلاءُ نہ آيو آهي.

ڀارت ۾ سنڌين دوران ڳالهائيندڙ سنڌي ڀاشا ڇڙڪ لوڏجي ويئي آهي. ڀارت جي ڀين مڪاني ڀاشائن سان سنڌي ڀاشا لنبجي ويئي آهي. جڏهن تہ سنڌ جي سنڌي ڀاشا اَڄُ بہ شڌ آهي. فرق صرف نظرئي جو آهي. سنڌ جا سنڌي گهڻي ڀاڱي مسلمان آهن. جڏهن تہ ڀارت ۾ وسندڙ سنڌي هندو ڌرم جي پوئيواري ڪن ٿا. سنڌ جي سنڌي ليکڪن لاءِ ڀارت جي سنڌي ليکڪن ۾ پريت ۽ عزت گهٽجيل ناهي. اَهڙيءَ ئي طرح سنڌ جا مسلم ليکڪ ڀارت جي هندو ليکڪن کي ڀاڻ کان ٿورو بہ گهٽ نہ ٿا سمجهن ۽ اِنهيءَ طرح سنڌ پاڪستان مان ڇپجندڙ اِخبارن ۽ مخزنن ۾ ڀارت جي سنڌي ليکڪن جون رچنائون ڇپجن ٿيون تہ ساموڻ وري ڀارت جون مخزنون يا سمپادن ٿيل ڪتاب بہ سنڌ جي سنڌي مسلم ليکڪن کي عزت ڀريو اِستان ڏين ٿا. ڏي -وٺ جو اِهو سلسلو ستن ڏهاڪن کان وٺي ئي جاري آهي. ايترو ئي نہ پر مڪاني اُتسون، ميلن ۾ پڻ هڪ ٻئي جي پستڪن جي ڏي - وٺ ڪئي وڃي ٿي. ڀن-ڀن وشين جا ڪوجناتمڪ ليٽر پڻ پڙهيا وڃن ٿا. اِنٽرنيٽ يُڳ کان پهرين؛ پستڪ پوسٽ معرفت موڪليا ويندا هئا. يا ڪنهن ملاقاتي جي هٿان پهچائڻ ۾ ايندا هئا. هاڻ تہ اِنٽرنيٽ جو يُڳ آهي ۽ اُن ۾ پڻ سوشل ميڊيا جي تہ ڳالهہ ئي نرالي آهي. اوهان کي سڄيون ۽ پوريون اخبارون اَٿوا پستڪ پوسٽ ڪيا وڃن ٿا. اَهڙي پستڪن جي پرنٽ آئوٽ پڻ ٿي سگهي ٿي. اِنهي طرح سنڌي پرجا هڪ ٻئي جي ساهتيہ جي وڪاس جي حال - چال کان واقف ٿيندي رهي ٿي.

گنگا ۽ سنڌوءَ جي پوتر سنگم جي ڪيترين ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ هت واجب آهي. ممبئيءَ کان ڇپجندڙ اَخبار ’هندواسي‘، ممبئي کان ئي ’ٻہ‘ ماسڪ ڇپجن ’سنڌو‘، اُلهاسنگر مان پرڪاشت ٿيندڙ ’ٽہ‘ ماسڪ سنڌي ادبي ڊائجيسٽ ’ڪونج‘، آديپور مان پرڪاسٽ ٿيندڙ ’ٽہ‘ ماسڪ سنڌي مخزن ’رچنا‘ وغيرهہ اهڙا ساهتڪ آبشارن جا اِسٿان آهن.

’ٽہ‘ ماسڪ ’ڪونج‘ جي اِسٿاپنا سدا حيات شري هري موٽوائي ’سنڌي‘ سال 1960 ۾ ڪئي هئي. حال ۾ اُن جا سمپادڪ اُلهاسنگر جا شري ’نند ڇڳاڻي‘ آهن. ’ڪونج‘ 2018 مئي - جون جي اَنڪ ۾ سنڌ جي ڪن سرجڪن جون رچنائون ڇپيون آهن. اِنهيءَ اَنڪ منجهہ ’جناب مدد علي‘ سنڌيءَ پنهنجي ليکہ ذريعي سنڌي ساهتيہ جي وڪاس جي وستار سان چرچا ڪري پنهنجي شروعاتي ليکہ ۾ لکيو آهي ”سنڌي ڪهاڻي لکڻ جي ياترا کي سؤ کان بہ وڌيڪ سالن جو عرصو ٿي ويو آهي. لعلچند اَمرڏنومل جي ڪهاڻي (خُرَ مکيءَ جا). ’خر مکيءَ جا‘ کي پهرين ماڊرن سنڌي ڪهاڻي مڃي وَڃي ٿي. تنهن وقت کان وٺي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ياترا جي رفتار لڳاتار جاري آهي. 1947 جي ورهاڱي بعد سنڌي ساهتڪارن جي هڪ وڏي جماعت سنڌ منجهان لڏي، پنهنجي وطن کي الوداع ڪري ڀارت آئي. اُنهن ساهتيڪارن هت سنڌي ڪهاڻيءَ جي جوت کي برقرار رکيو آهي. اُنهيءَ ياترا جا اَنيڪ نالا آهن . ورهاڱي پهرين ۽ ورهاڱي بعد اَرڌات ايڪويهين صديءَ تائين سنڌ ۾ سنڌ کان ٻاهر مطلب ڀارتيہ سنڌي ڪهاڻيڪارن جو عدد وڏيو آهي. ڀارت ۾ عربي سنڌي لپيءَ جو استعمال گهٽجندو پيو وڃي. تڏهن پڻ آديپور سنڌالاجيءَ جي ’رچنا‘ ۾ لکمي کلاڻي، ’ڪونج‘ جا نند ڇڳاڻي، ڌهليءَ جا هيرو ٺڪر، ممبئيءَ جا ٻلديو مٽلاڻي، احمدآباد جا ڄينو لالواڻيءَ جهڙا اديب سنڌي ساهتيہ جي جوت جڳائي ويٺا آهن.

◆◆

# سيڪيولرزم

**مرتب: مختيار احمد ملاح.**

سيڪيولرزم ، سيڪيولرزم (انگريزي ٻولي - Secularism) مان مراد آهي تہ مختلف مذهبن، ڌرمن، عقيدن، فرقن ۽ ملڪن جا ماڻهون ڪنهن بہ سماج ۾ امن ، شانتي ۽ ڀائيچاري سان تڏهن ئي رهي سگهن ٿا. سيڪيولرزم هڪ اهڙو نظام جنهن ۾ هر مذهب جي ماڻهن لاءِ بنا مت ڀيد جي قبوليت ۽ رواداري هجي ۽ ڪنهن بہ مذهب کي ٻئي تي فوقيت جو تصور نہ هجي. اهڙي رياست جتي مذهب سياست (رياست) کان جدا هجي ۽ رياست جي رٿا بنديءَ تي مذهب جو سڌو سنئون دخل نہ هجي. سيڪولر رياست جو ڪوبہ سرڪاري مذهب نہ هوندو آهي. ان جي آئين موجب سمورن مذهبن کي برابريءَ جو درجو حاصل هوندو آهي ۽ ڪنهن خاص مذهب جي مڃڻ وارن سان ترجيحي يا امتيازي سلوڪ نہ ڪيو ويندو آهي. سيڪولر رياست جو مقصد متخلف مذهبن ۾ تڪرار کي ختم ڪرڻ ۽ سندن مڃيندڙن ۾ يڪجهتي پيدا ڪرڻ هوندو آهي.(1)

جڏهن مذهبن، ڌرمن، عقيدن، فرقن ۽ ۽ نسلن کي ذاتي ۽ شخصي قرار ڏنو وڃي ۽ هر هڪ کي پنهنجي عقيدي ۽ مذهب جي مطابق هلڻ جي آزادي هجي. پر اها آزادي نہ هجي تہ اهو پنهنجا عقيدا، ريتون ۽ رسمون ٻين تي مڙهي. باقي ٻيا رياستي، حڪومتي، سماجي، سياسي قانوني، معاملا زندگي ۽ زماني جي گهرجن مطابق گذاريا وڃن. .(2)

سيڪيولرزم جو مطلب آهي هر انسان جي هڪ جيتري عزت بنا ڪنهن مذهب، ڌرم، عقيدي، فرق، رنگ، نسل، قوميت، ٻولي صنف، جنسي ورتاءَ ۽ بنا ڪنهن سياسي راءِ جي فرق جي عزت ئو احترام آزادي ۽ تحفظ ڏيڻ آهي. سيڪيولرازم جو سادو ۽ سولو مطلب اهو آهي تہ هڪ اهڙو سماجي ۽ سياسي ورتاءُ، جنهن ۾ اهو مڃيو وڃي تہ عقيدي يا مذهب جو لاڳاپو ڪنهن بہ انسان جي پنهنجي پنهنجي ذات سان آهي. يعنيٰ اهو ان جو ذاتي معامرو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن ٻئي کي اعتراض يا مداخلت ڪرڻ جو حق ڪونهي. ان کان سواءِ رياست ، قانون ۽ سماج کي بہ ڪنهن بہ ذاتي مذهب ۽ عقيدي ۾ مداخلت جو حق ناهي هوندو ۽ نہ ئي عقيدي ۽ مذهب جي بنياد تي ان سان ٻين کان ڪو الڳ سلوڪ ڪيو ويندو آهي. نہ رڳو اهو پر سيڪيولرزم جو مطلب ”لادينت“ بلڪل بہ ناهي پر سيڪيولرازم جو مطلب هر ڪنهن جي عقيدي ۽ مذهب جو احترام آهي. ”تنهنجو ڌرم تو لاءِ ۽ منهنجو دين منهنجي لاءِ“ ئي اصل ۾ سيڪيولرازم جو صحيح ۽ نيڪ ترجمو آهي.

حوالا سنواريو: (1) ۽ (2)

ڪتاب :ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت - مرتب مختيار احمد ملاح

پبلشر - سنڌ لئنگيج اٿارٽي

◆◆

# نارو شاهہ

✍ ايم.ايم.عباسي

**حشوءَ** جي ڪهڙي نہ انوکي هئي اها مرڪ !
ڄڻ ڀنڀور جي ڀٽ تي سسئي جي پوٿين چمي هئي. ڄڻ راءِ ڏياچ جو وردان هئي. (شيخ اياز)

نارو شاهہ نئون تڪ ڪيڊر مڊل اسڪول ۾ ماسٽر چندر يادگار ڪاميٽي پاران قومي سوچ ڏيندڙ دانشور اديب ساهتي پرڳڻي جي تاريخي شهر ڀريا سٽي جي چيڪي مٽي مان جنم وٺندڙ حشو ڪيولراماڻي جو 108هون جنم ڏهاڙو ملهايو ويو.

جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي اڳوانن ماسٽر چندر يادگار ڪاميٽي جي سرواڻ **علي شير ڪيريو** سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻ استاد امانت وسطڙو ايس. يو پي جي ضلعي صدر رضا ڀهڻ سماجي اڳواڻ خالد حسين تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ سائين حشو ڪيولراماڻي جنهن پنهنجي ذات، فڪر، فهم وسيلي، سنڌ جي لاءِ لکيو. هن کي سنڌ مان زوري هندستان موڪليو ويو. هن اُتي جي سرڪار وٽ عهدي وٺڻ کان انڪار ڪندي ، پنهنجي وطن لاءِ اتي بہ ڪم جاري رکيو. حشمت راءِ عرف حشو ڪيولراماڻي سنڌ جي جديد قومي تحريڪ جي باني مان هڪ 20 صدي سنڌ جو وڏو ماڻهو سندس وڏائيءَ جو ان کان وڏو ٻيو دليل ڪهڙو ٿي سگهي ٿو تہ سائين جي. ايم. سيد کيس پنهنجو استاد سڏي ۽ شيخ اياز جيڪو ڪنهن کي پاڻ جهڙو نہ سمجهندو هئو، کيس کي پيرين پئي مليو. سائين جي.ايم. سيد ۽ شيخ اياز پڻ پنهنجو استاد مڃيندا هئا ۽ عزت ڏيندا هئا. هن شخص ڀريا جهڙي قديمي شهر ۾ ديوان ڪوڙومل جي اڪيڊمي ۾ نانڪ منڊلين جو بنياد وڌو تہ ان وقت اها علمي درسگاهہ جنهن سڄي سنڌ کي شعور ڏنو پئي تہ نياڻيون پڙهايو ڌرتي بچايو. اڳوانن وڌيڪ چيو تہ حشو سنڌ ڌرتي سان ايتري تہ محبت ڪندو هو جو هن شخص انڊيا ۾ ويهي ڪري سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجي ملڻ واري ڏينهن تي اسيمبلي ٻاهران سنڌ جي شهر شڪارپور مان مٺائي گهرائي ورهائي. سنڌي ٻولي کي درجو ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. جڏهن تہ هن قومي سوچ رکندڙ شخص جيل ۽ سختيون پڻ ڪاٽيون پر جهڪيو نہ جڏهن تہ تقريب ۾ صحافي ايم.ايم.عباسي سنڌي ادبي شاخ نارو شاهہ جي اڳواڻ قادر بخش سولنگي اختيار علي سولنگي ۽ ٻين شرڪت ڪري 3 ڀاڱونڊن جو ڪيڪ پڻ ڪاٽي، تصوير مٿان گل نڇاورڪري لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي.

◆◆

# پشپا ولڀ



سنڌ جي مشهور شاعره پشپا ولڀ 15 جنوري 1963ع تي سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري ليکڪ، مترجم وليرام ولڀ جي گهر مٺيءَ ۾ جنم ورتو. هن حيدرآباد مان انٽر ۽ نواب شاهہ ميڊيڪل ڪاليج مان ايم.بي.بي.ايس ڪئي. ان کان پوءِ ميڊيڪل جي شعبي ۾ ڏي پي.ايڇ ڊي ڪئي. مختلف ادارن ۾ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ هن وقت دائود ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي، پشپا گهر ۾ ادبي ماحول هئڻ جي ڪري ننڍي هوندي کان ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. جيڪا هند، سنڌ جي مشهور ادبي رسالن ۾ شايع ٿي. سندس شاعري جي ڇپيل مجموعن ۾ 'درياءَ کان ٻاهر' ۽ 'بند اکين ۾ آسمان' شامل آهن.

# سنڌي مادري ٻولي

✍ رياضت ٻرڙو

”سنڌي مادري ٻولي“ ؛ هيءُ ڪتاب ناميارِي محقق ۽ اديب، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جو تحقيق ۽ ترتيب ڏنل آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو فيبروري 2020ع ۾، سجلد، ڊيمي سائيز ۾، 500 جي تعداد ۾، 136 سنڌي اُردو ۽ 15 انگريزي صفحن جي مشتمل، سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ڪراچي شاخ پاران، ايچ ايند آر پرنٽرس ڪراچيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

هيءُ ڪتاب مادري ٻوليءَ جي مسئلي، ڇنڊ ڇاڻ، اهميت ۽ محبتا تي مشمل مقالن، مضمونن ۽ تقريرن جي سهيڙ آهي. جنهن ۾ بنيادي حوالو سنڌي ٻوليءَ جو آهي. اهي مقالا ۽ مضمون، سواءِ ٻن مقالن جي، 20 فيبروري 2019ع تي، سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ڪراچي شاخ پاران ڪوٺايل سيمينار ۾ پڙهيا ويا. هن ڪتاب جو انتساب نامور اديب ۽ شاعر شمشير الحيدريءَ جي نالي ڪيل آهي. ڪتاب ۾، ”ڇپرائيندڙ پاران“ غلام اڪبر ملڪ (جنرل سيڪريٽري، سِگا ڪراچي شاخ) ۽ ’ٻه اکر‘ پروفيسر بخش علي چانڊئي (ڪو آرڊينيٽر، ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ريسرچ ايند ڊولپمينٽ سينٽر) جا لکيل آهن. پروفيسر چانڊيو لکي ٿو: ”سنڌ ۽ سنڌي ٻولي اهڙا موضوع آهن، جيڪي ڪڏهن به نظرانداز نٿا ڪري سگهجن . ڇاڪاڻ ته اها ٻولي ئي آهي، جنهن جي وسيلي اسين پنهنجن احساسن ۽ ارمانن جو اظهار ڪري، پنهنجي اندر جو آواز ٻين تائين پهچائي سگهون ٿا.“

ڪتاب جو ’مهاڳ‘ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جو لکيل آهي، جنهن ۾ هن انهن مقالن بابت وضاحتي نوٽ لکيا ۽ سِگا بابت بنيادي ڄاڻ پڻ ڏني آهي ۽ 1972ع کان وٺي 2018ع واسطي چونڊيل صدرن ٿو جنرل سيڪريٽرين جا نالا ۽ مُدا پڻ درج ڪيا آهن. هو ’مهاڳ‘ ۾ لکي ٿو، ”هيءُ ڪتاب مادري ٻوليءَ جي وصف، سال 2019ع ۾ مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي موضوع (Theme) بابت ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ سنڌي مادري ٻوليءَ جو هڪ مقدمو (case) آهي، جنهن ۾ پڙهندڙن کي پنهنجيءَ امڙ جي ٻوليءَ جي اهميت سنڌيءَ کان سواءِ اُردو ۽ انگريزي مقالن وسيلي به ٻڌائي وئي آهي.“

هن ڪتاب جي، 94 صفحن تي مشتمل ’سنڌي ڀاڱي‘ ۾ هڪ تقرير، ۽ ڇهه مقالا ۽ مضمون ڏنل آهن: (1) مادري ٻوليءَ سان انياءُ (مهتاب اڪبر راشدي)، (2) پاڪستان جون قومي ٻوليون (ڊاڪٽر فهميده حسين)، (3) مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ۽ سنڌ (پروفيسر محمد سليم ميمڻ)، (4) سنڌي لپيءَ جو منجهائيندڙ مسئلو (ڊاڪٽر آفتاب ابڙو)، (5) (i) تعليم ؛ ٻولي بچائڻ ۽ وڌائڻ جو وڏو هٿيار، (ii) سنڌي رومن لپيءَ ۾ لکڻ جو مسئلو، (iii) سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ (ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو)، (6) اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم: ڪجهه حقيقتون (ڊاڪٽر محمد قاسم راڄپر)، ۽ (7) انگريزن پاران سنڌيءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جي درجي ڏيڻ جا سبب (مختيار احمد ملاح)، ان کان پوءِ سيمينار جون رپورٽون، نهراءُ ۽ تصويرون آندل آهن. 14 صفحن تتي مشتمل ’اُردو ڀاڱي‘ ۾، ٻه مقالا شامل آهن: (1) مادري زبان کي اهميت اور افاديت (ڊاڪٽر سيد جعفر احمد)، ۽

(2) مادري زبان اور بلوچي زبان ادب (رمضان بلوچ) جڏهن ته انگريزيءَ ۾ هڪ مضمون
"Medium of instruction and Bilingual Education : A study of challenges and opprtunities "
(ژالد حسين چنا، ڊاڪٽر شمائل ميمڻ ۽ ڊاڪٽر رفيق احمد ميمڻ) ڏنل آهي. جڏهن ته سڀني ليکڪن جا هڪ هڪ صفحي تي مشتمل تعارف پڻ ڏنا آهن.

مادري ٻولي ۽ ان جي اهميت ۽ افاديت جي حوالي سان سهيڙيل، ڊاڪٽر ڪمال جامڙي جو هيءُ ڪتاب جيتوڻيڪ ضخامت ۾ ننڍو آهي. پر مواد ۾ گهڻي پڪيڙ وارو آهي.

◆◆

## جلندا رهندا

شوڀا ليکواڻي-پوپال

جن ڏِيئن کي
روشني ڦهلائڻي آهي
جدوجهد اُنهن کي ئي ڪرڻي پوندي
جهڪِن (آنڌين) سان
متان ڪيو دروازا بند، اِهو سوچي
ته هوائون، پرندڙ ڏِيئن کي وسائي ڇڏينديون
سوچيو ذرا هوائن سان لڙڻ بغير
هيءُ لاٽ، هر حال ۾
ٻرڻ جي، شڪتي ڀلا ڪٿان آڻيندي؟
اِهي هوائون، جهڪون ٻنهي
ڏيئي کي وِسائڻ لاءِ
ڏڪائينديون آهن
۽ اِهي ئي ڪيس لڙندي لڙندي
سدائين ٻرندو رهڻ جو حوصلو به ڏينديون آهن.
بند دروازن اَندر ٻرڻ وارا ڏيئا
صرف چارديواريءَ کي ئي
روشني ڏيندا آهن
ساري جڳ کي روشن ڪرڻ وارا
هوائن ۽ جهڪِن سان لڙندي به
... جَلندا رهندا.

◆◆

## کهاڻي ماءُ جي مرڻ جي

ڪنعيو شيواڻي

مئنيجمينٽ سنڌي
ماستر سنڌي
شاگرد سنڌي
پرنسيپال سنڌي
پٽيوالو به سنڌي
اسڪول جي عمارت تي پئسا لڳائڻ وارا به سنڌي
اسڪول جنهن جي نالي تي آهي،
اهو به سنڌي
سڀ ڪجهه
سنڌي سنڌي سنڌي
پر،
اسڪول مان سنڌي وشيه غائب
سڀني گهٽو ڏيئي ماري ڇڏيو ٻوليءَ کي
آهي؟
جي ڪٿي اچي وهندا آهن منچ تي
چوندا آهن مائيڪ تي
'ميري پريه'
ڀائيو اور ڀهنون
سنڌي ڀاشا هماري مان هئه !!!!
... هم اپني مان کو ڪڀي مرني نهين دينگي
اسين پوڻدو ڏيڻ بجاءِ!
.... تاڙيون وڄائڻ ۾ پورا
بس ايتري آهي
"کهاڻي ماءُ جي مرڻ جي"

◆◆

# درشٽانت

✍سنڌيڪار : رميش موٽواڻي
Mob:9423948438

(1) ستسنگ جي اڌ گهڙي هزار سال جي تپسيا کان وڌيڪ آهي.

وسشٽ ۽ وشوامتر رشين ۾ واد وواد يو تہ وڏو ڪير؟ جڏهن ڪو بہ فيصلو نہ ڪري سگهيا تہ ٻئي شيش نانگ وٽ آيا. شيش نانگ وواد جو ڪارڻ ٻڌي چيو منهنجي مٿي تي سرشٽيءَ جو ٻار آهي توهان مان ڪو بہ هڪ ڇڻو هيءُ ٻار ڪن لاءِ جهلي تہ مان فيصلو ڪري سگهندس.

وشوامتر ڪي ڏاڍي تڪڙ هئي، پنهنجي جيون ڀر جي يگيہ،جپ، تپ، ورت جي شڪتيءَ جو زور لڳايو، ڪن پر لاءِ پرٿويءَ کي مٿي تي رکڻ جي ڪوشش ڪئي پر پرٿوي لڏڻ ۽ ڪرڻ لڳي، شيش نانگ پرٿويءَ کي سنڀالي ورتو. وشسٽ رشي پنهنجي جيون جي ستسنگ جي ٿوڙي حصي جي شڪتي سان مٿي تي ڌارڻ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. شيش نانگ چيو توهان کي جواب ملي ويو.

سڌانت: ستسنگ شڪتين جو خزانو آهي.

(2) ڪتابي علم :

انجنيري پاس ڪري آيو ٻوٽ ۾، جيئن تہ درياهہ پار ڪرڻو هوس. چڙهيو ٻيڙيءَ ۾، ملاح کان پيو پڇي، توکي خبر آهي هيءُ درياهہ گهڻا فوٽ لمبو آهي؟

ملاح چيس مونکي تہ ڪا خبر ڪانهي. اسانجو ڪهڙو مطلب

وري پڇيائينس پلا ڪيترو اونهو آهي؟

وري بہ ملاح جواب ڏنائينس ، مان ڇا ڄاڻان تہ پاڻي ڪيترو اونهو آهي.

وري انجنيئر کان رهيو نہ ٿيو ۽ پڇيائينس، پلا خبر اٿيئي تہ هڪڙي منٽ ۾ ڪيترا يونٽ پاڻي وهي ٿو وڃي.

ملاح ٻڌي صرف مشڪندو رهيو.

اوچتو هوا جو رخ ڦريو طوفان اچي ويو. ٻيڙي لوڏا کائڻ لڳي ۽ اونڌي ٿي پيئي. ملاح تہ تارون هو سو ترڻ لڳو. انجنيئر رڙيون ڪرڻ لڳو ادا مونکي بچاءِ مان ٻڏي رهيو آهيان.

تڏهن ٿو ملاح پڇيس ڇا توکي ترڻ ڪونہ ايندو آهي. پاڻي جي طور ماپ ڪرڻ تہ ڄاڻ اٿئي پر جيڪا سکڻ جي ڳالهہ آهي سا تون ڪونہ سکيو آهين، پر چنتا نہ ڪر ۽ پنهنجو هٿ هن جي ٻانهن ۾ وجهي هن کي ڇڪي ٻاهر ڪيڍي آيو.

سڌانت: مطلب ڳالهہ جو امتحان پاس ڪرڻ مان ڇا ٿو ٿئي؟ سرٽيفڪيٽن مان ڇا ٿو ٿئي؟ جيسين ان جو انيو نہ آهي. ’اکر پڙهہ الف جو ٻيا ورق سڀ وسار. اندر تون اُجار. پنا پڙهندي ڪيترا.‘

(3) پنج وچن

هڪ ڀڳت سچو وقت ڏيان، ڀڄن ۾ رهندو هو، ڪو بہ ڌنڌو ڌاري نہ ڪندو هو. هن جي زال کيس 50 رپيا ڏيئي سمجهايو ۽ وڃي ڪجهہ ڌنڌو شروع ڪر. پئسا کڻي ڌنڌي لاءِ نڪتو . رستي ۾ هڪ بورڊ پڙهيائين جنهن ۾ لکيل هو هڪ وچن 10 رپئي ۾ . من آيس چو نہ اِهو سچو سوڌو ڪيان هن 50 رپيا ڏيئي 5 وچن ٻڌا. (1) ڪي بہ پنج ڄڻا ملي صلاح ڏين تہ اها صلاح ضرور مڃجي. (2) پنهنجي زال کي سچ اصل نہ ٻڌائج. (3) راجا ۽ گروءَ سان هميشهہ سچ ڇئجي. (4) ڪنهنجي

پاپ جي مٿان پڙدو وجهجي. (5) هزار ڪم ڇڏي پهرئين ستسنگ ڪجي.

وچن بڌي اڳيان هليو. ڪجهه ماڻهون پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هيا. هن کي ڏسي هن ماڻهوءَ کي سڏ ڪري چيو، اسان واپاري آهيون اسان مان هڪ ڇڙو گذاري ويو آهي تون هن جو اگني سنسڪار سني طرح ڪج، هن جي جيڪا به مال ملڪيت (جيڪي به زيور ۽ نقدي هن جي ڪيسي ۾ آهي) آهي تون وجي کڻ. هن کي پهرين وچن ياد آيو ۽ ها ڪيائين. هن جو اگني سنسڪار ڪري سڄي ملڪيت کڻي گهر آيو. زال پڇيو هيترو مال ڪٿان کڻي آيو آهين. پيو وچن ياد آيس گهر واريءَ سان سچي نه ڪجي. اُن ماڻهوءَ چيو پهاڙ سان وڃي مٿو ٽڪريو ته هي مال مليو اها ڳالهه هن جي زال سيني پاڙيوارن سان ڪئي. اُهي به پهاڙ تي وڃي مٿو ٽڪرائڻ لڳا، اُنهن جا مٿا ڀڄي پيا. ڳالهه راجا جي ڪن تي پئي. پرجا پهاڙ تي مٿو ڀڃي رهي آهي. راجا اُن ماڻهوءَ کي سڏ ڪرايو. ٽيون وچن ياد آيس ته راجا سان ۽ گروءَ سان ڪوڙ نه ڳالهائجي. سڄي ڳالهه سچي ڪيائين. راجا سچائيءَ تي خوش ٿي ڪوتوال جي نوڪري ڏنس. ڪجهه ڏينهن لاءِ راجا ٻاهر ويو. هڪ رات راڻي نوڪر سان سمهي پيئي هئي. هن کي چوٿون وچن ياد آيو ڪنهن جي پاپ جي مٿان پڙدو وجهجي سو پنهنجو دشالو لاهي هنن جي مٿان وجهي هليو ويو. راڻي دشالو ڏسي سمجهي وئي ڪوتوال اسان کي ڏٺو آهي. راڻي گوشت (مٽن) وڪڻڻ واري (ڪاسائيءَ) کي گهرايو ۽ چيائينس صبح جو جيڪو پهرين ماڻهو گوشت وٺڻ اچي ته اُن جو سر لاهي ڇڏج. اُن ڪان پوءِ پيو ماڻهون گوشت وٺڻ اچي ته اُن کي پهرئين ماڻهون جو سر ٿالهه ۾ رکي مٿان ڪپڙو وجهي موڪلج. ٻئي ڏينهن راڻي ڪوتوال کي گوشت وٺڻ لاءِ موڪليو. ڪوتوال گوشت وٺڻ لاءِ نڪتو ته رستي تي هڪ پنڊال ۾ ستسنگ ٿي رهيو هو. راڻي سوچيو چڱو وقت ٿي ويو آهي اُن نوڪر کي گوشت وٺڻ لاءِ موڪليو . ڪاسائيءَ هن جو سر لاهي ڇڏيو. جڏهن ستسنگ پورو ٿيو ڪوتوال گوشت وٺڻ لاءِ ويو ڪاسائي هن کي ٿالهه ڍڪي ڏنو. اهو کڻي راڻي وٽ آيو. راڻي ڪوتوال کي ڏسي وائڙي ٿي وئي. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ راجا آيو ۽ نوڪر جي باري ۾ پڇيو، راجا کي سڄي سچي ڳالهه ٻڌائي ۽ چيائين مان غلط آهيان ڪوتوال سچو ۽ ايماندار آهي.

سڌانت: گرو جي وچن تي هلڻ سان دک تري ويندا آهن وار به ونگو نه ٿيندو آهي.

◆◆

# زندگي

زندگي جي معمولات ۾ نماز جو ٽائيم ٿيندو آ ته اهڙي مسجد ڳوليندا هون جتي نماز باجماعت ملي. نماز پڙهي نڪتا ويندا هون. اهو ڪڏهن سوچيو آ ته جنهن جماعت ڪرائي ان جي زندگي ڪهڙي حال ۾ گذرندي هوندي؟ پنجن ڇهن هزارن ۾ سندس گهر ڪيئن هلندو هوندو؟

اهم ايترو آ جو هو نه هجي ته ڪنهن جي به نماز جماعت سان نه ٿئي، غير اهم ايترو آهي جو نماز کان پوءِ ڪو تڪيس پي ڪونه.

عرض فقط ايترو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ان کي پنهنجي منهن ڪجهه ڏيئي ڇڏيندا ڪريو، اهو نه ڏسندا ڪريو ته توهان جو ڇا ويو، اهو ڏسندا ڪريو ته هن جون ڪجهه ته ضرورتون پوريون ٿينديون ۽ ان جو ذريعو خدا توهان کي بڻايو.

◆◆

# سنڌو يوٿ سرڪل ادبي ڪلاس جا حاضرين

## غزل

✍ نيتا لعلواڻي

- مُرڪَ منهن تي ڏئي وَئي آهي
درد منهنجا وَٺي وئي آهي.
- روز ڏسندي رهي نئون سپنو،
خواب تي اَڪِر ڀِري وَئي آهي.
- درد اِيڏو اُٿيو آ سِيني ۾،
ڪا سُئي چڀَ چُڀي وَئي آهي.
- هاڻ ڇا لاءِ ڳرين ۽ پڇتائين،
دوُر منزل هلي وَئي آهي.
- درد ئي درد آهي جيون ۾،
هرڪا خواهش مَري وَئي آهي.
- زندگي اَڄ بہ هڪ ٻُجهارَت آ،
سا نہ ڪنهن کان سَلي وَئي آهي.
- موُن لِڪائي رکيا هئا آنسوُن،
سي بہ ’نيتا‘ اَکِهي وَئي آهي.

◆◆

## غزل

✍ پرنسيپال مينا سياڳاڻي ’شمع‘

١. دل کي ٻڻائي، ديوانو ويو؛
ڪوئي پيئاري پئمانو ويو.
٢. پيئڻ جي تہ ڪا حد ئي نہ رهي،
پي سمورو ئي مئخانو ويو.
٣. عشق بہ ڪو اهڙو ڪري ويو،
جيئڻ جو ڏئي بهانو ويو.
٤. وېڻي واجهايان، واٽون سڀ،
اِنتظار جو ڏئي نظرانو ويو.
٥. ڪيئي پروانا، شمع تي جليا؛
جلائي ’شمع‘ کي پروانو ويو.

◆◆

## پڃري جو پکيئڙو

✍ جيون واڌواڻي - ملند

پڃري جا پکيئڙا ري
هڪ ڏينهن تيندي جڳ مان روانو
حيلا رهڻ جا خوب ڪندي تون
پر هلندءِ ڪونہ بهانو
موج مستيءَ ۾ تو گذارين
وقت پنهنجو تون سارو
ڪين ايندين ڪم ڪجهہ توکي
وٺ پريوءَ جو دوارو
موهہ مايا ۾ ڦاسي پيارا
ٿيءُ نہ ايڏو ديوانو
پڃري جا پکيئڙا.....

ڇائو آهين بند مٺيءَ سان
ويندين هٿ تون پساري
موڪش ملندءِ توکي جڏهن
لڳندي سائينءَ جي پناري
رام نام جو نام جو نالو لُٽي وٺ
جيسين پربل اٿيئي خزانو
پڃري جا پکيئڙا.....

ڌن دولت جيڪي تو وٽ آهي
ويندين ڇڏي اُها واري
ساڙي مساڻي ايندءِ پنهنجا
پوءِ توکي ڇڏيندءِ وساري
گم ٿي ويندين اِئين دنيا مان
جيئن ٿيندو آ پروانو
پڃري جا پکيئڙا.....

سيوا ڪري هٿن سان پنهنجي
پلو پاڳہ ڇو نہ تو ٺاهين
هو رکندو ناهي ڪنهنجي باقي
ڏيندءِ وياج سميت سدائين
جيون اهڙو داني ئي ڏيکار تون
جيئن ڏسندو رهي زمانو
پڃري جا پکيئڙا.....

◆◆

## ميونسپل بجيٽ

✍ گيتڪار گووندا

ميونسپل جي
هن سال جي بجيٽ
شهر ۾ ايندڙ
ميري پاڻيءَ وانگر
بلڪل صاف سُٿري آهي
نوان رستا
۽.....
پيل رستن تي کڏا
سالن جا سال ٺهندا رهندا
پرويش دوار
۽ سماج مندرن لاءِ....
آتاهہ ... ڏن رکيو وَيو آهي
ڪوبہ شخص جيئن....
ڊينگو چڪن گُنيا
۽ ....
مليريا جو شڪار نہ ٿئي
اُن لاءِ گُهرايون ويندي‌ون
وديشن مان مشينيوُن
ڪئپيٽل ٽئڪس،
ٿورو وياج
۽ وڌايو ويندو پاڻيءَ جو بل
ڪيو ويندو ٽيهن جو سَٽ
شهرواسيو
هن سال جي بجيٽ
نلڪن ۾ ايندڙ ميري پاڻيءَ وانگر
بلڪل صاف سُٿري آهي.

◆◆

## مالڪ جي رضا تي راضي رهہ

✍ اِيشور بچواڻي

١. سائينءَ جي ٻُجهہ جي ٻُجهارت تي راضي رهہ
جيڪو ٿورو ڄاڻي اُهوئي سچو مزو ٿو ماڻي
٢. سچي آنند پائڻ لاءِ پهرين پاڻ کي سُڃاڻي
پاڻ کي سُڃاڻڻ لاءِ ڪجهہ سمجهہ ڪم آڻي
٣. سچ سمجهڻ سان هي سڀ ڏُک لهَن نڪاڻي
ڪير ڪجهہ بہ ڪري، چوي، فڪر نہ ڏيندو هاڻي
۴. پورن ريت پرماتما کي ڪير ڪونہ ٿو ڄاڻي
پوڳي پوڳ سيئي، سمجهي مالڪ جي مِني پاڻي
٥. غمن ۾ غمگين نہ ٿئي. خوشيون بہ ايندي‌ون سُياڻي
ڇا جو فڪر، ڇا جي چنتا، سائين پلي ڪندو پاڙيهي
٦. رب جي رضا تي راضي رهي، رب سڀ ٿو ڄاڻي
اِهو خيال ئي من ۾ خوشيون انيڪ ٿو آڻي
٧. مان مان سائين وساري، خوشيون ٿو ماڻي،
سوچي نٿو دنيا آ فاني، هلڻو آ اَڄُ سُياڻي
٨. ڪوڙي دنيا ۾ رهي، ٿورو بدلاءُ پاڻ ۾ آڻي
ايشور پوءِ ايشور جي گود ۾ وهي آنند جيون ماڻي.

◆◆

## مزو زندگيءَ جو ماڻ

✍ موهن ويرومل روهڙا

١. هر پل جو مزو ماڻ سياڻي جي چنتا نہ ڪر
تنهنجي وس ۾ ناهي ڪجهہ اِيشور تي ڀروسو ڪر
٢. لڙايون جهڳڙا هلندا ئي رهندا تون موَج ڪر
خبر سيني کي آ لڙاين جو برو اَثر
٣. قدرت جي نظارن جو دل سان مزو ماڻ
زندگي آ ڏينهن ٻہ چار سيني آ اها ڄاڻ
۴. ظالم ظلم ڪندا رهندا اُنهن نہ آ اِيشور جو ڊپ
سنت مهاتما چوندا رهندا نہ ڪڻ ڪنهنجو رنج
٥. جيڪو جئن جيون گذاري، اُهو اُن تي مدار آ
’موهن‘ غم ڀلائي مزو زندگيءَ جو ماڻڻ ۾ آ.

◆◆

## غزل

✍ ڪي.ٽي دادلاڻي ’ڪانها‘، پوپال

- ساڻ اچو پرڀات سجايون
هنگهه ڳيهي سڀ روڳهه ڀڄايون
- سج ڏکڻ مان هاڻي سرندو
اُتر پاسي آس جڳايون
- تياڳهه ڪيون بس سوادن جو
ترموريءِ جو آنند پايون
اُتراڻ ٻٽي پٽ پردرشڪ
- ڪاڏي پيتي جو نيم ٻڌايون
سردي گرمي ورشا رتو سان
- اُن ڦل جا اِنبارلڳايون
هڪڙي بس سنڀال ڪيون
- پرڪرتيءِ سان نينهن نڀايون
اورجا جو پنجون آهي سورج
- شرڌا ڌاري شيڇ (سرڙو) جهاڪيون
ٻڌ مهاپارت لاءِ ٿيندو
’ڪانها‘ جو درشن اپنايون

◆◆

## قطع ✍ سڳن آهوجا

خون سان ڌرتي ڌوپي پئي، نقش پراڻا مٽجن پيا،
حق تا طلبن حق وارا، نئين ڪهاڻي ڏسجي پيئي،
ٽيڪم، ڏاٽا، ڪوڏاريون، قلم هٿوڙا ٻڌجي ويا،
دنيا جي تاريخ لاءِ اڄ نئين عبارت لکجي پيئي.

◆◆

## چڻو سٽو ✍ حسين ملڪ

ٻڏندي ٻڏندي سنڌ ڏٺم
لڙهندي ان اناج ڏٺم
مارو بک بي حال ڏٺم
بيرحم بيفڪر سرڪار ڏٺم.

◆◆

**ڪم سان غلطي، غلطي سان تجربو، تجربي سان عقل، عقل سان خيال ۽ خيال سان نئين ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي.**
**(ايمرسن)**

## غزل ✍ پريا وچاڻي

- سدا ڪوڙ جي ڇانوَ هيٺان رهي تو
نہ اونده ڪڏهن پنهنجي من مان ڪڍي تو
- ٿئي پيد ظاهر اَگر جڳهہ ۾ گهر جو
تہ پڪ سان ڪو گهر ۾ ويهڻ رهي تو
- عجيب ريت آهي محبت ۾ هنجي
نہ مونسان هلي تو نہ مونکي ڇڏي تو
- نہ آ ظاهري طور جو ساڻ مونسان
اهو منهنجي دل جي تهن ۾ رهي تو
- لکان ٿي غزل ڊائريءَ تي جڏهن مان
تہ هر لفظ ۾ عڪس هنجو هجي تو
- ٿي ڏڙڪن پڪاري رڳو نانءُ جنهنجو
ڪڏهن خيال هنکي بہ منهنجو رهي تو؟
- ڪٽي جينس ڦاٽل بہ فئشن ۾ شامل
ڪٽي ڪو شرم ڪان چتيُن ڪي سبي تو
- خبر آ تہ ساڀيا نہ ٿو ٿي سگهي پر
پر تڏهن ٻي ڪو سپنو اکين ۾ تري تو
- غضب مرض آ عشق جنهنکي لڳي سو
مري ٻي نتو ۽ نہ جي ئي سگهي تو.

◆◆

## رباعي ✍ ديولڻ راهي

منظر بہ ڏسو پر پسمنظر بہ ڏسو
ڇوليون بہ ڏسو گهرو سمندر بہ ڏسو
سچ ناهي فقط سو، جو سامهون ڏسجي
ڪو شخص ڏسو اُنجو اندر بہ ڏسو

◆◆

✍ سڳن آهوجا

مونکي قبول ناهہ سا بيڪار زندگي
جنهن ۾ نہ جاڳي فخر ۽ هلجي ٻجي، ٻجي!
جاڃي رڪاوٽن کان احساس فخر جو
مقصد جي آهہ اعلي ۽ منزل ڏکي، ڏکي!

نئين ڪوٽا

# دوست آهيان پر دوستي نڀائڻ جي مون ۾ عادت ناهي

دوستي هڪ اَنمول ۽ پوير رشتو هوندو آهي،

جنهن جي ذريعي ماڻهن جا هڪ ٻئي سان لاڳاپا ٿيندا آهن،

هن بهترين رشتي جا ڪرڻا ابترا ته مضبوط ۽ تيز هوندا آهن،

جيڪي سدا وچي دل ۾ ضم ٿي ويندا آهن،

اِنهن ڪرڻن جي شعائين جي ذريعي دوستن جون دليون هڪٻئي جي دردن کي محسوس ڪنديون آهن

پر دوستي به هڪ عجيب پهلو آهي،

جيڪو انسان جي اندر ۾ امن ۽ جياپي جو اُتساه پيدا ڪري ٿي،

هن پيار ڀري رشتي جي بنياد ته امن ۽ پيار سان رکجي ٿي،

پر اسان جو معاشرو به خوب رنگن جو مثل آهي،

اسان جي سماج جا ماڻهون دوستي رکڻ ته چاهن ٿا پر هن پيار واري رشتي کي سجهي نٿا سگهن،

هن وشال ڪائنات جي رنگن ۾ جڏهن مون دوستيءَ جو رنگ ڦڪو ٿيندي ڏٺو ته مان،

حيرت ۾ پئجي ويس ۽ منهنجي ذهن ۾ احساس مند سوال اُڀرڻ لڳا ته هيءَ ڪهڙي دنيا هئي

جنهن مان آئون وڪوڙجي ويس، منهنجي سڄي عمر هن رشتي جي قيد خاني ۾ قيد ٿي وئي،

هن رشتي جي ڪري مون لاءِ جتان ڪٿان طعنن ۽ مهڻن جا تير وسڻ شروع ٿي ويا،

نديڙي نديڙي ڳالهه ۾ به منهنجي ڪنن جي پڙدن کي ڦاڙڻ لڳي،

منهنجو دماغ سُن ٿيڻ لڳو.

منهنجو اصل مرڻ تڏهن کان شروع ٿيو جڏهن منهنجي پنهنجي دوست نفرت ڪرڻ جي ابتدا ڪئي،

منهنجي دوست جي بيوفائي جي ابتدا ئي مونکي سنڌو ندي جيئان سڪائي ڇڏيو آهي،

اسان جي دوستي به سنڌو ماتري جيئان هئي،

جيڪو تبت کان نڪرندي ڪيترن ئي نيين جو سهارو بڻجي،

وچي عربي سمند ۾ ڇوڙ ٿي ڪري،

پر افسوس هو موهن جي دڙي جيئان ڊهي ته ويو آهي،

پر منهنجي زندگي ۾ هو موهن جي دڙي جيئان تاريخ بڻجي ويو آهي،

هن تاريخ کي مان ڪتابن ۾ لکي ته نٿو سگهان،

پر هنجا ڏنل سور ڪارونجهر جي ڏونگر جيئان منهنجي زندگي ۾ سمايل آهن.

◆◆

## رباعي ✍ هرومل سدارنگاڻي 'خادم'

1. ڪيڏي بہ ڪري منڪر حق جي دعوا،
ڇا حق جي بگاڙيندو؟ بڻندو خود ڇا؟
گنگا بہ ٿي ناپاڪ، ڪتي جي گف سان!
ڇا ٿيندو ڪتو پاڪ تري جا گنگا؟
2. جي دل جو لڳل دل جي دوا ٿي ٿو سگهي،
اڻ هوند ۾ پڻ شاهہ گدا ٿي ٿو سگهي،
آهي ڪي اِنسان جي وس ناهہ ڪرڻ؟
اِنسان جي چاهي تہ خدا ٿي. ٿو سگهي.
3. ڦل ڦول ۽ ٽاريون ٿو جڳ ساراهي،
پر وڻ جي پاڙ ڏي نظر ئي ناهي!
ويچار سوا ٻول ۽ رهڻي کهڙا؟
بنياد بنا محل جي قيمت ڇاهي.
4. جنت مان اُڇلاءِ پلي جي چاهين،
دوزخ ۾ ڏي جاءِ پلي، جي چاهين،
دم پڻ پر، يارا! پاڻ کان نہ ڌار ڪر،
سارو جڳ پتڪاءِ پلي، جي چاهين.
5. آهي جي حياتي تہ وري ملنداسين،
جيئري نہ ملياسين تہ مري ملنداسين،
قسمت ۾ لکيو آهي لُڙهڻ لُڙهيو، پر
ملنداسين اسين - ٻُڏي، تري ملنداسين.

◆◆

## رباعي ✍ گوورڌن محبوباڻي

1. هٽ پن جو جهلي، شاخ جي ائين ٻانهن ڇڪي،
اي باد صبا! ڇيڙ نہ تون غنچن کي،
مچ من مٺي ! هٽ نہ هيءَ حرڪت ڪر
مون کي ٿو، آلا پنهنجو پرين ياد اچي
2. گل ساڻ ائي پريت مان ڪيئن سچ سمجهان
اي حرص هري ! ڄاڻين نہ تون پريت منجهان
هڪڙي کي چمين مس، تہ ٻئي تي هرڪين
ٻوسائجي مرندين تون ڪڏهن، ڪار منجها ن.

◆◆

## رباعي ✍ ديولڻ راهي

1. دنيا مان وڃي ٿو سو سنڌي آهي.
دنيا ۾ اچي ٿو سو سنڌي ناهي،
سو ڏينهن پوي هوندو نہ ڏسڻو جڳ ۾
سنڌي کان پڇن ٻار تہ سنڌي ڇاهي.
2. هرڪو پاندو پيچرو جي لاءِ،
جيوُ جڳ ۾ جمي مرڻ لاءِ،
هِيانءَ ڦاڙي، رڙيون ڪري روئي،
موٽ کي هينءَ پوائتو نہ ٻڻاءِ.
3. ٻڏندڙ تو رڙي روئي تہ ساگر ڏوهي،
ٿاٻڙجي چوي هرڪو تہ پٿر ڏوهي،
نادان بہ پنهنجي نہ مڃي نادانِي،
ناڪام بہ آکي تہ مقدر ڏوهي.
4. اَنڌي چيو-ڌاڙيل پيا مونکي ڏسجن،
ٻوڙي چيو -گهوڙن جا ٽا آواز ٻڌجن،
گونگي چيو - مونکي نہ آکيلو ڇڏجو،
ننگي چيو - ڦرجڻ جا ٽا آثار ڏسجن.
5. پنهنجي ليکي بيشڪ ڪجهہ پي ناهيان،
بس سمجهہ کٽي ٻڙي برابر آهيان،
پر پنهنجي صلاحيت جو احساس اٿم،
جنهن سان گڏ جان ڪيس ڏوهوڻو ناهيان.
6. مونکان جي پڇين قسمت محنت ڇاهي،
قسمت لفٽ ۽ محنت ڏاڪڻ آهي،
بگڙي ٿي سگهي لفٽ مگر ڏاڪڻ جو
ڏاڪو ڏاڪو اونچائيءَ ڏي ڪاهي!
7. جي گهنج ڏسين ٿو، پيڙي چهري تي،
پيريءَ جون نشانيون ئي فقط ناهي سي،
جيون جي تجربن جي عبارت آهن،
لِيکن ۾ لِکُلُ اَرٿ پڙهڻ ڄاڻين جي
8. جذبن جي صداقت بہ ضروري آهي،
اظهار جي شدت بہ ضروري آهي.
نہ تہ لفظ ڪندا ليڪک کي بيعزت،
الفاظ جي عزت بہ ضروري آهي.

◆◆

# موڳي

**ارجن چاولا**

(سنہ 1945 جي سچي گھٽنا تي آڌارت ڪھاڻي)

ڄُمڙو ڪُلفي وارو پرڻجي آيو تہ ڏاڍو گد گد پئي لڳو. ورهين کان سندس آس هئي تہ جيڪر پرڻجان. پر غريب کي ڌيءُ ڪير ڏئي؟ ٻائيتاليهن ورهين جو مرد بہ تہ چڙهيل وَهيءَ جو ليکبو. ويتر حلوائي. اونهاري ۾ ڪُلفين جو ڌنڌو ڪري چڱا پئسا ڪمائي وٺندو هو. حلوائڪي ڪم ۾ ماهر هيو ئي. هوليءَ - ڏياريءَ تي شاهوڪار گهر خاص مٺايون ٺهرائڻ لاءِ ڄُمڙي کي ئي گهرائي وٺندا هئا. سندس هٿ ايترو تہ سٺو هو جو سندس ٺهيل مٺائي هٿون هٿ وڪامي ويندي هئي.

جسم ۾ پتلو پر اُٺڻي ويهڻي ۾ چست، نڪ نقشو نيڪ، بازار ۾ هلندي وائل جي ڌوتي جي هڪ ڪنڊ کبي هٿ ۾ هر وقت جهلي هلندو هو. چستيءَ سان هلڻ ڪري ٺاهوڪو لڳندو هو. وارن ۾ ڌنگي سينڊ ۽ ڪانگريسي ٽوپي ترڇي رکيل، اکين ۾ سُرمون- سو ڪجھہ شوقينڙو لڳندو هو. وڏيرو غلام رسول خان جڏهن بہ ڄُمڙي حلوائيءَ کي ڪانگريسي ٽوپي ڌنگي رکيل ڏسندو هو تڏهن ويجهو اچي هٿ جوڙي سرائڪي ٻوليءَ ۾ چوندس:

”چاچا ٽوپي سِڌي رکيندا ڪر. ميڪون ڊر لڳدا هي.“

مذاق جو مذاق، طنز جي طنز. ڄُمڙو ڪلي ڪري ٽوپي سِڌي ڪري رکندو پر جهٽ کان پوءِ ساڳي ترڇي! وڏيري ڄُمڙي کي شاديءَ جون مبارڪون ڏيندي مذاق ۾ چيو، ”عورت قسمت والي هئہ جو تئن جيها مڙس مليا هِس. ڪٿون گھِن آيا هين؟“

”چاچا، يتيم خاني وچون.“ ڄُمڙي اهڙي طرح گهٽن ئي ڳوٺ وارن جون مبارڪون جهليون هيون.

ٻہ هزار رپيہ ڏيئي يتيم خاني مان جوءِ وٺي ايو تہ ماڻس بہ خوش ٿي. کهڙي بہ ذات يا رنگہ روپ جي هئي، عورت تہ هئي. نيٺ ايشور آس پڄائي هئي. پنهنجي ڳوٺ ۾ تہ جوءِ مليس ڪانہ ها. يتيم خاني مان ئي سهين، زال تہ مليس. پر ٻڍي ماڻس کي ٻن ڏينهن ۾ ڪجھہ عجيب لڳو. سس نونهن کي اٽو ڳوهڻ لاءِ چيو تہ نونهن رڳو تڪيندي رهي. ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي پرک پئجي ويئي تہ ڪنوار موڳي آهي. بينگالي هئڻ ڪري نہ سندس ٻولي سمجھہ ۾ ٿي آئي ۽ نہ ئي هوءَ ڪجھہ سمجهي ٿي سگهي. ڄُمڙي ماءُ مٿي تي هٿ ڏيئي سوچ ۾ ويهي رهي. پٽ پرڻيو سو سک تہ جيڪو نصيب ٿيو. پر آقي باقي ڳجهيءَ ۾ ڳٽ پئجي ويو.

ڄُمڙي تہ پهرين رات ئي ونڙيءَ سان ورونهن ڪئي. ورهين کان ٻاڙيل جو هيو. جوءِ جي خاموش سهيوڳ کي لڄ ۽ حياءُ جو پردو سمجهي هو خوش رهيو.

هڪ ڏينهن ماڻس کان رهيو نہ ويو. پاسيرو ٿي ڪن ۾ ڀُڻڪو وڌائينس تہ ڪنوار تہ موڳي مَٽر آهي. ڪجھہ ٻڌي ئي نٿي ۽ نہ ئي ڪجھہ سمجهي ٿي. پر ڄُمڙو اِنهيءَ ڳالھہ تي اِڙٻل تہ مَس مَس زال ملي آهي ڪي ماڻهون ڏاهرا هوندا آهن تہ ڪي موڳا. هيءَ گونگي ڳانءِ آهي. ائين چئي ماءُ کي ٽاري ڇڏيائين.

ڄُمڙو صبوح جو سويل اُٿي دڪان تي وڃي تہ رات جو دير سان موٽي سڄو ڏينهن تہ ماڻس کي

ٿي مٿو مارڻو پئي پيو. نونهن جهڙي آئي تهڙي نہ آئي. ڄُمڙو تہ راتين جي سڪ لاءِ زال وٺي آيو هو پر ماڻس لاءِ تہ رَت ۾ رات ٿي ويئي. گونگي ۽ ٻوڙيءَ سان پلا ڪير منهن ڏئي؟ مٿان وري دماغ جي منجهيل. ڀيرياٽين تہ ڪجهہ سمجهي ئي نہ پر جي گهٽو ڇئو تہ ڇڙ ڪاٽي اکيون ڦوٽاري ، مٿان چڙهندي اچي. ڄُمڙو ڇڻ تہ اچي ڦاٿو هو.

ڄُمڙي جو پيءُ ڏَنڻ بہ پنهنجي زماني جو ناليرو حلوائي هو. اِٽي - ڏڪر جو اُستاد. مَڪر سنڪرات جي ڏينهن اِٽي - ڏڪر ۾ چڱا چڱا کيڏاري ڏَنڻ جو مقابلو نہ ڪري سگهندا هئا. ڪُل بہ انچ لنبي اِٽيءَ کي زمين تي رکي بنا هوا ۾ ئي ڏڪر سان اهڙي چوٽ هڻندو جو چار ئي ڦُبلا پار! اِٽي اکين کان اوجهل! آسمان ۾ اڏامندي ڇڱي دير کان پوءِ هيٺ اچي ڪرندي.

پيءُ جي ڪذاري وڃڻ کان پوءِ ڄُمڙي جي همت افزائيءَ لاءِ صلاح صحبت لاءِ ڪو بہ ڪونہ هو. موٽيءَ سان لانون لڏائين. پر جيءُ جو جنجال ملهہ ورتائين.

هڪ ڏينهن تنگ اچي سسڻس گهٽو ئي ڦٽڪاري تہ ويٺس پر ڇڻ غضب ٿي ويو. هٽي ڏندو سس جو مٿو ڦاڙي وڌائين. پاڙيواري ڪوڏوءَ ماءُ سٽ پائي پڳي ڄُمڙي کي خبر ڏيڻ لاءِ ڄُمڙو آيو ۽ ماءُ کي اُٿاري کٽ تي ليٽائي سندس مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳو. جوڻس جو چهرو ٽامٽي وانگر ٽٽل اکيون اٽين ڇڻ ٽانڊا، اٽين پئي لڳو سندس من اڃا ٺريو ناهي. ڄُمڙي چپ رهڻ ئي بهتر سمجهيو. ڪير ۾ پيئل هئڊ جو هڪ چمچ ملائي ماءُ کي پيئاري سمجهائي ڇڏيائين. پر ڄُمڙي جو من بي چين ٿي پيو. هاڻي پوڙهي ماءُ لاءِ بہ جان جو خطرو محسوس ڪرڻ لڳو. انهيءَ ڏينهن ئي وڃي ڦتوءَ جي پٽ سان مليو ۽ ڪيس سڄي روئداد ٻڌايائين. عمر جون اکيون ڪاپار تي پهتيون ۽ سوچ ۾ پئجي ويو. ڄُمڙي کيس پنهنجو درد ٻڌايو: ”يار عمر! هاڻ تہ اچي اهڙو ڦاٿو آهيان جو رڳو ڦٽڪان ٿو. ڪجهہ سُجهي ئي نٿو.“ پر عمر خاموش رهيو.

ڪجهہ ڏينهن رکي سنجها ٽاڻي عمر ڄُمڙي وٽ آيو ۽ پاسيرو وٺي ڪجهہ پاڻ ۾ ڳالهائي ورتائون.

صبوح ٿيو ڄُمڙو زال کي وٺي بيل گاڏيءَ ۾ روانو ٿيو. رستي ۾ عمر بہ ساڻس اچي گڏ ٿيو. ڳوٺ کان ٽي ميل پنڌ تي درياهہ تي پهچي پتڻ پار ڪرڻو هو. ٻيڙيءَ تي چڙهڻ مهل ڄُمڙي جي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي. پر موڳي شانت هئي. نہ سندس چهري تي ڪو تناو نہ ڪو فڪر. ڪناري وٽ چڱي ڳهرائي هئي. ويتر ساوڻ جو مهينو ۽ درياهہ شاهہ ڦوڪيل. پريون ڪنارو نظر ئي نہ پئي آيو. خانو مُهاڻو ٻيڙيءَ کي ونجهہ هڻڻ کان اڳہ سِڙه کولڻ لاءِ ڪُوهي تي وبهي رَسيون کولڻ لڳو. عجيب نگاهن سان عمر موڳي جي مصعوم ۽ شانت چهري ڏانهن نهاريو. پلڪون جهڪائي موڳي خبر ناهي ڇا الائي سوچي رهي هئي. عمر اُٿي موڳيءَ وٽ آيو ۽ اُٿڻ لاءِ اِشارو ڪيائين، موڳي جيئين ئي اُٿي عمر کيس ڌڪو ڏيئي درياهہ ۾ اُڇاليو ۽ اُمالڪ عمر ۽ ڄُمڙو سٽ پائي ٻيڙيءَ مان ٽپ ڏيئي ٻاهر پڳا. ڏڙام جي آواز ٻڌي خانوءَ مهاڻي ڪُوهي جي چوٽيءَ تان هيٺ نهاريو تہ سندس هٿ پير ٿڌا ٿيڻ لڳا. ڳاريون ڏيندي ۽ ڳنا اڪر ڪيندي جهٽ هيٺ لهڻ جي ڪيائين. هوڏانهن عمر ۽ ڄُمڙو درياهہ ڪنڌي گهاٽن وڻن جي وچ ۾ اوجهل ٿي ويا.

ٻئي ڏينهن شام جو چوّنڪ ۾ ڄُمڙو ڪُلفين جي ٺيلهي تي گراهڪن سان نهايت پريم سان ڳالهائي ڪُلفيون ڪارائي رهيو هو. پر سندس چهري تي ظاهري بيفڪري پنيان اندر جي ڪنهن

